سنڌ جي بمبئي کان آزادي

جي - ايم - سيد

Gul Hayat Institute

سنڌ جي بمبئي کان آزادي

جي-ايم-سيد

Gul Hayat Institute

روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو سنڌ
1989

انتساب

هيءُ ڪتاب آءٌ سنڌ جي هوشمند، باهمت ۽ مخلص خادم ۽ پنهنجي بزرگ سياسي رهنما، محترمُ جناب شيخ عبدالمجيد سنڌي صاحب جي مبارڪ نالي معنون ٿو ڪريان، جنهن جي ڪوششن ۽ قربانين، جو سنڌ جي بمبئيءَ کان آزاديءَ جي تحريڪ ۾ ان جي ڪاميابيءَ ۾ وڏو حصو رهيو آهي. گر قبول افتد زهي عز و شرف.

—غلام مرتضيٰ

Gul Hayat Institute

(۲)

گذريل پنجن هزارن سالن جا آثار ۽ احوال سنڌ جي تاريخي حيثيت جي ثابتي ڏين ٿا. آمريءَ جو دڙو، ڪوٽ ڏيجيءَ جا آثار، موهن جي دڙي جي کوٽائيءَ مان نڪتل شيون، ان جي گواهيءَ جا زنده مثال آهن.

اها ڳالهه به پايي ثبوت کي پهتل آهي ته هن سرزمين جي رهاڪن جي، قديم وقت کان، هڪ جدا زبان رهندي آئي آهي، جا دنيا جي ٻين هڪيه زبانن وانگر، زماني جي تبديليءَ سبب ڪن لفظن جي ڦير گهير ۽ اضافي سان، بنيادي طرح ساڳي پئي رهي آهي. جيتوڻيڪ مختلف دورن ۾ ان جو رسم الخط بدلبو رهيو آهي، ته به بنيادي جوڙجڪ ساڳي رهي اٿس.

سنڌ جون جاگرافيائي حدون مختلف حڪومتن جي اثر ۽ اقتدار مطابق گهٽ وڌ ٿينديون پئي ٿيون آهن. ڪو وقت هو، جو موجوده بهاولپور ڊويزن، ضلعو ديرو غازي خان، ضلعو سبي، لس ٻيلو، ڪيچ مڪران، ڪڇ، جهونا ڳڙهه، ڪاٺياواڙ ۽ راجستان جي رياستن جا ڪي حصا به انهيءَ ۾ شامل هئا. انهن جي گهڻن ڀاڱن ۾ اڃا تائين به سنڌي زبان جا مختلف لهجا مروج آهن. انگريزن کان اڳ ۾ جي حاڪمن تالپرن جي دور حڪومت ۾ سنڌ جون اهي حدون وڃي رهيون، جي هاڻوڪيءَ سنڌ جي نالي سان سڏجن ٿيون.

هتان جي رهاڪن جون رسمون ۽ رواج، روايتون ۽

ڪلچر قريباً هڪجهڙا ۽ ساڳيا رهندا آيا آهن. حب‌الوطني، غيرت، مهمانوازي، رواداري، فراخ دلي، ڪم آزاري ۽ آزاديءَ جي خواهش سنڌن روايات جا مکيه جزا ٿي رهيا آهن.

هتان جي عام ماڻهن جي ڪثرت، سواءِ ڪن عارضي دورن جي، مذهبي ڪٽرپڻي کان آجي رهي آهي. هندو، جين، ٻڌ ۽ اسلام مذهب جهڙو هن علائقي ۾ هڪٻئي تي اثرانداز ٿيا آهن، اهڙو مثال دنيا جي ٻي ڪنهن ملڪ ۾ مشڪل سان ملي سگهندو.

حب‌الوطنيءَ جو جذبو هتي جي اڪثر رهاڪن جي سرشت ۾ داخل ٿي ويو آهي. جيڪڏهن هتي جا رهاڪو ايران، عرب، يورپ، انڊونيشيا، هندستان وغيره ملڪن ۾ واپار يا ٻين ڪمن سانگي ٿي ويا آهن، ته سندن ساڻيهه جي سڪ ۽ وطن جي محبت ڪڏهن به گهٽ نه ٿي آهي؛ جبل جي رهاڪو جانور سرَه وانگر، جنهن جون اکيون ٻيءَ زمين تي رهڻ جي باوجود سدائين جبل ڏي واجهائينديون رهنديون آهن، تيئن هنن کي به سنڌ کان سواءِ ٻيءَ سرزمين تي سڪون ڪونه اچي.

وطن جي آزاديءَ لاءِ تڙپ به منجهانئن ڪڏهن نه نڪتي آهي. ٻين ملڪن وانگر هي ملڪ به ڪيترائي ڀيرا ڌارين حملي آورن جي قبضي ۾ ٿي آيو آهي، جن سنڌس سياسي، اقتصادي ۽ ڪلچرل آزاديءَ ۽ ترقيءَ جي راهه ۾ ٿي رڪاوٽون وڌيون آهن؛ ليڪن ڀرئين موقعي ملڻ تي سنڌ جي محب وطن ماڻهن ڌارين جي چنبي مان پاڻ ڇڏائڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي آهي.

هتي پارسي، يوناني، عرب، پٺاڻ، مغل ۽ انگريز شهنشاهن جو ڪجهه عرصي تائين تسلط ٿي رهيو آهي؛ ليڪن، باوجود انَ جي، سنڌ ملڪ، سنڌي ماڻهو، ۽ سنڌي ڪلچر اڃا تائين سلامت آهن.

١٨٤٣ع ۾ انگريزن جي فتح کان پوءِ، ڪجهه عرصو جدا پنهنجي اصلي حيثيت ۾ محڪوم رهڻ بعد، سنڌ کي بمبئي پريزيڊنسيءَ سان ڳنڍيو ويو. بمبئي پريزيڊنسيءَ جي انهيءَ بالادستيءَ کان ڇوٽڪاري حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌ جيڪو جدوجهد ڪيو، اهو سنڌ جي تاريخ جو هڪ سونهري باب آهي. هن ڪتابچي ۾ آءٌ سنڌ جي آزاديءَ جي انهن جدوجهد جو مختصر احوال سنڌ جي باهمت ۽ باشعور نوجوانن جي مطالعي ۽ ويچار لاءِ پيش ڪري رهيو آهيان.

Gul Hayat Institute

مغل شهنشاهن جي اوج وقت سنڌ ڪجهه وقت لاءِ سنڌن تابع رهي، ليڪن سنڌن حڪومت جي زوال بعد، هيءَ نادر شاه جي ڏينهن ۾، پٺاڻن جي ماتحت ٿي ويئي. آن ڪان پوءِ آهستي آهستي ٿي، هوءَ آزاد ٿي — جيتوڻيڪ، سنڌس لاڳاپو ۽ زيردستي پٺاڻن سان پوءِ به رهندي آئي.

جڏهن انگريزن جو ذري گهٽ ساري هندستان تي قبضو ٿي ويو، ته ان وقت هنن، پنهنجي آزمايل ملڪگيريءَ جي دستور مطابق، افغانستان ۾ گهرو جنگ جو فائدو وٺي، پنهنجو ڪمانڊر سرچارلس نيپئر افغانستان تي قبضي ڪرڻ لاءِ چاڙهي موڪليو. اتان شڪست کائي جڏهين هي واپس سنڌ ۾ پهتو، ته سنڌ جي حاڪمن ٽالپرن کي بي خبر ۽ جنگ لاءِ تيار نه ڏسي — جو انهن جا انگريزن سان عهدناما هئا — هن کي عذر ۽ بهانا تراش ڪري، پنهنجي شڪست واريءَ بي عزتيءَ کي ڍڪڻ لاءِ سنڌ تي حملو ڪري، ٻارهن مهينن اندر آن تي ١٨٤٣ع ۾ قبضو ڪري ورتو. هن جنهن نڪيءَ ۽ ڌوڪيبازيءَ سان سنڌ تي قبضو ڪيو هو، ان جو ثبوت هن پاڻ لارڊ ايلنبرو، گورنر جنرل، هند، ڏي جا تار موڪلي هئي، ان مان پوي ٿو. هن کي سندس ضمير چڪ پئي هنيا؛ ان ڪري فتح بعد وائسراءِ کي تار ڪيائين ته "سنڌ فتح ڪرڻ جو گناه ڪيو اٿم." انگريزن بهرحال هن کي سنڌ جو پهريون گورنر مقرر ڪيو. سندس ايامڪاريءَ ۾، سندس زيردستن ۽ ٻين سمجهدار انگريزن طرفان، هن جي گهٽي نڪته چيني ٿي، جو ميرن سان جنگ ڪري، عهدناما ٽوڙي، انهن جو ملڪ ۽ ملڪيت هضم ڪئي هئائين. انگلنڊ جي پارليامينٽ تائين آهي مسئلا زير بحث آيا. پر جنهن صورت ۾ هن انگريزي شهنشاهيءَ ۾ اضافو ڪيو هو

ان ڪري مٿس ڪوبه قدم نه کنيو ويو. سنڌ ۾ گورنريءَ جي عرصي پوري ٿيڻ بعد، "انتظامي سهوليت خاطر"، سنڌ کي ١٨٤٧ع ۾ بمبئيءَ سان ڳنڍيو ويو، ۽ ان حيثيت ۾ ان جو پهريون ڪمشنر مسٽر پرنگل مقرر ٿيو. تاريخ ۾ اهو پهريون ڀيرو هو، جو سنڌ جي حڪومت ٻئي صوبي جي گورنر جي هٿ هيٺ رکي ويئي. اڳي مغلن جي دور ۾ سنڌ لاءِ جدا گورنر هوندا هئا، جن جو تعلق سڌو دهليءَ جي مرڪزي حڪومت سان هوندو هو.

بمبئيءَ جو شهر سنڌ کان، ڦيري سان، هزار ميلن جي مفاصلي تي هو. منهنجي نظر ۾ انگريزن جي اهڙي قدم کڻڻ جا هيٺيان ڪارڻ هئا:

(١) جن آفيسرن سرچارلس نيپيئر جي خامين ۽ گناهن جي اپٽار ڪئي هئي، اهي بمبئي سرڪار سان تعلق رکندڙ هئا. اهڙيءَ اپٽار ۾ سنڌ ظاهري راستگوئيءَ کان علاوه بمبئي سرڪار جي ملڪي هوس کي به ڪافي دخل هو. عهدن جو واڌارو ۽ پيدائش ۽ ايراضيءَ جو واڌارو ان جا مکيه ڪارڻ هئا.

(٢) ٻيو سبب اهو هو، جو کين خوف هو ته افغانستان وانگر سنڌ تي سندن قبضو گهڻو وقت شايد جٽاءُ ڪري نه سگهي. افغانستان کي انگريزن اڀرائي ڪري فتح ڪيو هو، جتان کين ٿوري وقت بعد شڪست کائي ڀاڄ ڪرڻو پيو هو. گهڻن انگريزن کي سنڌ جي غيرتمند بلوچ ۽ سمات قومن جي حب الوطنيءَ جي جذبي کان ڊپ وٺل هو، ته هو به پٺاڻن وانگر بغاوت ڪري جلد ملڪ کي آزاد ڪرائي ڇڏيندا. ٻئي پاسي سنڌ جي جاگيردارن، قومي سردارن، زميندارن ۽ پيرن جي ظاهري شان شوڪت، نوڪرن جي اثالي، وڏن پڳڙن ۽ شلوارن، ۽ قبيلن ۾ سندن ميجوتيءَ انگريز آفيسرن تي اهو اثر ويهاري ڇڏيو هو ته عوام کان علاوه سنڌ جا هي امير، وڏيرا ۽ پير به گهڻو وقت اها غلاميءَ واري زندگي برداشت

ڪري نه سگھندا، ۽ جلد ئي سنڌ آزاد ڪري پنهنجي هن عارضي شڪست جو بدلو چڪائيندا، جنهن مان انگريزن کي بدناميءَ ۽ نقصان کان سواءِ ٻيو ڪجھ به پلئي ڪونه پوندو. ليڪن جڏهن سنڌ فتح ڪرڻ بعد سرچارلس نيپئر حيدرآباد ۾ دربار ڪوٺائي، ان ۾ مٿين طبقي جي هنن ماڻهن کي سندن جاگيرن ۽ زمينن موٽائي ڏيڻ ۽ انعامن ۽ خلعتن ڏيڻ جو اعلان ڪيو، بشرطيڪ هو انگريزن جي بيعت ڪن، ته توقع جي خلاف انهيءَ طبقي جي ماڻهن جو، جي اڃا ڪالهوڙي ڪالهه ميرن جا نمڪخوار ٿي رهيا هئا، حيدرآباد ۾ ايترو هجوم اچي گڏ ٿيو، جو ڀرپاسائين ته انگريز عملدارن تي خوف ويهي ويو ته متان اوچتو بغاوت ڪري وري شهر تي قبضو ڪري وجهن، ۽ انهيءَ خوف ۾ هنن پنهنجي ۽ شهر جي بچاءَ لاءِ رستي تي انگريزي سولجرن جو ايڏو تعداد بيهاري ڇڏيو، جو گرميءَ جي شدت ڪري انهن مان ڪيئي سئو بيمار ٿي مري ويا ـــ ليڪن بغاوت يا جهڳڙو ڪوبه ڪونه ٿيو، ۽ بمصداق "چون دم برداشتم، ماده بر آمد" وارو حال ٿيو. انهن اميرن، پيرن ۽ وڏيرن مان هرڪ ڌارين جي غلاميءَ جو طوق ڳچيءَ ۾ وجهڻ لاءِ ٻئي کان اڳڀرائي ڪري رهيو هو، ۽ سواءِ ڪن مخصوص خاندانن جي، جن مان اسان جو خاندان به هڪ هو، ٻين سڀني پنهنجن نون حاڪمن جي بيعت ڪئي. پنهنجي ڪل، پنهنجي ملڪيت ۽ پنهنجي وڏ ماڻهپ کي بچائڻ لاءِ انگريز حاڪمن جي هن بيعت ۾ هتان جا جاگيردار، زميندار، وڏا پير سڀ شامل هئا. هو ان وقت خود مطلبيءَ، باهمي عناد ۽ دشمنيءَ، عياشيءَ ۽ تن پروريءَ ڪري اهڙا بزدل ۽ بي همت ٿي ويا هئا، جو هنن طرفان نه فقط چون چرا ڪانه ٿي، بلڪ هنن پنهنجي پڳڙ بچائڻ جو سولو رستو ئي اِن ۾ ڏٺو ته ڌارين حاڪمن جي ڪنجڪ جهلي بيهن ۽ ان جي ڇانوَ ۾ پنهنجي وڏيرپ، پيري ۽ سرداري قائم رکن. جنهن ڳالهه

انگريزي حڪومت تي اهو اثر وڌاري ڇڏيو ته جيڪڏهن انهيءَ ڪلاس کي ڪجهه لالچائي ۽ ڪجهه هيسائي تابع نه ڪيو ايندا، ته ملڪ ۾ بغاوت ٿيڻ جو امڪان نه هو. ان ڪري، بي پرواهه ٿي، هنن سنڌ کي بمبئي ڪاتي سان ملائي ڇڏڻ ۾ ڪابه حرڪت نه ڏني.

(٣) مير صاحبن پنهنجي آخري دور ۾ شڪارگاهن ۽ عياشيءَ ۾ ڏينهن گذارڻ وڌيڪ پسند ڪيو، جنهنڪري ملڪي زراعت ۾ واڌارو ٿي نه سگهيو هو ۽ آمدني گهٽ ٿي ويئي هئي. ان کان علاوه، انگريزن سياسي مصلحت خاطر جڏهن جاگيرون بحال ڪيون، ته زمين جو چڱو حصو سڌي سرڪاري قبضي مان نڪري ويو. هوڏانهن وڏين زمندارن جي موجودگيءَ ۾ انگريزن سمجهيو ته واهن جي کوٽائيءَ ۽ سڌاري جو ڪم زميندار پاڻهي ڪندا، پر انهن جي ڪثرت به عياش ۽ آسائش پسند هئڻ ڪري ان طرف توجهه ڏيڻ کان قاصر رهي. سنڌ نفعي لاءِ سرڪار خرچ ڪري، واهه کوٽائي، وڌيڪ آبادي ڪرائڻ ضروري نه ٿي سمجهيو. ان ڪري سنڌ مان گهٽيءَ اپت جي امڪانن کي محدود ظاهر ڪري ۽ جدا صوبي جو خرچ برداشت ڪرڻ نقصانڪار ڄاڻائي، ان کي بمبئي ڪاتي سان ڳنڍي ڇڏڻ ۾ خرچ جي بچت ۽ ڪفايت جو اعلان ڪيو ويو.

بهرحال، بمبئي جي دور دراز پنڌ تي هئڻ ڪري، آمدرفت، خط وڪتابت ۽ انتظامي نظرداريءَ جي ڏشوارين، نون انگريز حاڪمن کي ٿوري وقت اندر مجبور ڪيو ته ١٨٦٨ع ڌاري "سنڌ ائڪٽ" پاس ڪري، بمبئي گورنر جي گهڻن اختيارن کي سنڌ جي ڪمشنر جي سپرد ڪري ڇڏين. ان ڪري سنڌ قانوني ۽ مالي طرح سان بمبئي ڪاتي سان جڪڙيل هجڻ سان گڏ، انتظامي طرح نيم آزاد هئي، جنهن نيم آزاديءَ جي پيانڪ صورت هيءَ هئي، جو سنڌ جي ڪمشنر جا اختيار بمبئي ڪاتي

Gul Hayat Institute

جي ڪمشنرن کان وڌيڪ هڪ مطلق العنان حاڪم جهڙا رهڻ لڳا. نتيجي طور هي ملڪ وڏن آفيسرن لاءِ شڪارگاهه ۽ ننڍن لاءِ چراگاهه ٿي ڪم اچڻ لڳو.

هن صورتحال ۾، انگريزي عملدارن جي سنڌ بنسبت پاليسي اها رهي ته جاگيردارن، زميندارن، پيرن ۽ قومي سردارن کي رعايتون ۽ مدد ڏيئي، پنهنجو مطيع رکندا اچن، جي وري، عملدارن جي مدد سان، غريب عوام کي ڪمزور بڻائي پنهنجو محتاج رکڻ لڳا.

سنڌ ۽ سنڌ جي عوام جي هن ٻٽيءَ مجبوريءَ جو نتيجو اهو نڪتو، جو عوام ويا روزبروز مسڪين، ڪمزور ۽ محتاج بڻبا، ۽ سرڪار پرست ٽوڊي خاندان ويا ملڪيتون گڏ ڪندا ۽ زور وٺندا. انهن جي معتبريءَ جو سارو دارومدار ڪامورن تي هو، جي انگريزن جي سامراجي پاليسيءَ، بمبئي پريزيڊنسيءَ جي ڏورانهين ۽ ڍاري انتظامي چار ۽ مطلق العنان ڪمشنر جي آپيشاهيءَ جا اوزار ٿي پيئي هليا، ۽ پنهنجي پنهنجي جاءِ تي ۽ پنهنجي پنهنجي اختيار جي دائري ۾ ڏهڪاءَ ۽ قدرت جا نادر بڻيا، ماڻهن جا ساهه مٺ ۾ جهليون ويٺا ٿي رهيا. ملڪ ۾ رشوت، رسائيءَ ۽ لاپي جو دستور عام جام ٿي ويو. ڪاتي جا وڏا عملدار سال ۾ هفتو ڏيڍ مس سنڌ جي گشت تي ايندا هئا ۽ شڪار ڪري ۽ شراب ڪباب ڪائي پي، پنهنجن نائبن ۽ دوستن کي ڏکهو رسو ڏيو هليا ويندا هئا. ائين سنڌ جي رستن، واهن، تعليم، انصاف ۽ صحت جي حالت زبون ٿيندي رهي.

سنڌ کي هڪ ڪراچيءَ جو بندرگاهه هو، پر ان کي باوجود ان جي، جو اهو بمبئي کان ولايت کي ويجهو هو، وڏائي ۽ سڌاري درست ڪتي ڪيو ويو. بندرگاهه جي تعمير ۽ ترقيءَ جو ٿورو خرچ بمبئيءَ جي نذر ٿيندو رهيو. ان وقت ملڪ جون ڪهڙيون حالتون هيون، ان بابت مسٽر پيرومل مهرچند جي لکيل ڪتاب "سنڌ جي هندن جي تاريخ" مان

ورتل هيٺين حوالي مان خبر پئجي سگهندي ـــ

”بمبئيءَ کان ڪراچيءَ تائين ٽپال جي سهوليت لاءِ هڪ ننڍو جهاز اچ وڃ ڪندو هو، جنهن ۾ ٿورا مسافر چاڙهيندا هئا. ان وقت ڪراچيءَ ۾ ڪاليج اچا ڪونه کليو هو. تنهنڪري هاءِ اسڪول جي تعليم کان پوءِ شاگرد مئٽرڪ امتحان ڏيڻ لاءِ بمبئيءَ ويندا هئا. پهريان سنڌي شاگرد، جن کي استادن همٿائي بمبئيءَ ۾ مئٽرڪ امتحان ڏيڻ لاءِ موڪليو هو، سي هيٺيان هئا:

(١) ديوان نولراءِ شوقيرام، (٢) ديوان ڏيا رام چيٺمل، (٣) ديوان ڪوڙومل چندن مل کلناڻي، ۽ (٤) مسٽر چوهڙمل ڪندن مل پنجابي.

”انهن مان فقط مسٽر چوهڙمل پنجابي مئٽرڪ ۾ پاس ٿيو. ٻين ٽن ڄڻن پهر بمبئيءَ وڃي امتحان ڏيڻ جي همت نه ساري، جو ننڍي جهاز جي لوڏن ۽ ڌوڏن اهڙو ته بيزار ۽ تنگ ڪيو هون، جو وري بمبئيءَ وڃڻ کان ٻان پري ڇڏيائون. هو مئٽرڪ پاس ڪرڻ کان سواءِ وڃي نوڪريءَ کي لڳا. ان نهيءَ بعد سيٺ آلومل ٽيڪمداس ڀوڄوائي هو، جو سينو ساهي، ڪنهن ڏنگيءَ ۾ چڙهي، بمبئيءَ لاءِ روانو ٿيو، ۽ ١٥-١٦ ڏينهن جي ساموندي سفر بعد بمبئيءَ پهتو.

”خشڪيءَ رستي به سفر نهايت اٺانگو هو. ڪراچيءَ کان ڪوٽڙيءَ تائين ريل ١٨٦١ع ۾ جاري ٿي. ان کان اڳ ماڻهو اٺن جي قافلن ذريعي ڪوٽڙيءَ پهچندا هئا. بمبئي وڃڻ لاءِ ڪوٽڙيءَ کان ملتان تائين آگبوٽ رستي وڃڻو پيو ٿي. ملتان کان لاهور ۽ لاهور کان دهليءَ تائين وري ريلوي رستو هو. انهيءَ وقت ’بمبئي بڙودا سينٽرل انڊيا ريلوي‘ وجود

Gul Hayat Institute

۾ آئي هئي، پر اڃا گاڏيون فقط بمبئي کان احمدآباد تائين هلنديون هيون. سو دهليءَ کان بمبئي وڃڻ لاءِ مسافرن کي ڇڪڙن ۾ چڙهي، جيپور، اجمير، پالنپور وغيره جون منزلون پوريون ڪري، احمدآباد پهچڻو پوندو هو، جتان وري ريل جي مسافري شروع ٿيندي هئي. اهڙيءَ طرح وڏو شاهي ڇڪر ۽ اٺانگو سفر ڪرڻو پوندو هو. ديوان ڏيارام گدومل جي جيون چرتر مان معلوم ٿو ٿئي ته هو صاحب سنه ۱۸۷۴ع ۾ مئٽرڪ امتحان ڏيڻ لاءِ مٿين ذڪر ڪيل خشڪيءَ رستي بمبئي ويو هو، جنهن سفر جي طئي ڪرڻ ۾ چار مهينا لڳا هئس.

”بمبئي يونيورسٽي ۱۸۵۷ع ۾ قائم ٿي هئي. ڪراچيءَ ۾ پهريون سينڌ ڪاليج ۱۸۸۷ع ۾ برپا ٿيو. ان کان اڳ سڀ شاگرد بمبئيءَ ڪاليجن ۾ پڙهڻ لاءِ ويندا هئا، جنهن ٽيهن سالن جي عرصي ۾ بمبئيءَ مان صرف ۱۵ يا ۱۶ سنڌي شاگرد گرئجوئيٽ ٿي آيا هئا. سراسري ٻن سالن ۾ هڪ گرئجوئيٽ پاس ٿي ٿيو. پرائمري تعليم لاءِ به سنڌ ۾ ٿورا اسڪول هوندا هئا. گهڻو ڪري ڇوڪرا اڪوڻن ملان اسڪولن ۾ تعليم وٺند هئا.

”ملڪ ۾ پوليس ڪاتي جو وڏو آزار هوندو هو. سال بسال بدمعاشن جون لسٽون پوليس طرفان نهنديون هيون، جن ۾ اڪثري انهن چڱن مڙسن کي رجوع ڪيو ويندو هو، جي پوليس جي ٻٽ ٻيگر ۾ ڪوتاهي ڪندا هئا يا خوددار هوندا هئا، يا انهن غريبن کي رجوع ڪيو ويندو هو، جي پوليس جي دلال زميندار جي سڏ تي نه ايندا هئا يا سندن ناجائز ناز برداريون برداشت نه ڪندا هئا. اهڙيءَ طرح ڳوٺن

۾ رهاڪو کنهن به ماڻهوءَ کي جريت ڪانه ٿيندي هئي، جو پوليس جي جمعدار جي حڪم جي انحرافي ڪري. چوري ٿيڻ وقت عام ماڻهن کي ٿاڻي تي گهرائي، جياسوز ۽ عذاب آور سزائون ڏنيون وينديون هيون. شڪي ماڻهن جي زالن کي ٿاڻن تي گهرائي عام ماڻهن اڳيان انهن جي بي حرمتي ڪئي ويندي هئي.

"رسائي، لاپو، چيڙهه، بيگر عام هئا. جيتوڻيڪ آفيسرن ۽ عملدارن جي ملڪ ۾ گشت تي نڪرڻ جو مقصد عام ماڻهن جي فرياد سڻي داد ڪرڻ لاءِ هو، پر حالتون ان جي برعڪس هونديون هيون. اٽلو اهي گشت غريب ۽ مسڪين ماڻهن لاءِ وڏي مصيبت ۽ ڪشٽ جا ڪارڻ بڻبا هئا. آفيسر گشت تي نڪرندا هئا، ته پٽيوالا، خانساما، بٽلر اڳيئي منزلگاهه تي وڃي ڪڙڪندا هئا. بيگر شروع ٿي ويندي هئي. اهي ماڻهن کي ڏاڙهيءَ کان وٺي تنبو هڻائيندا هئا. نائڪ حڪم ڪندو هو ته صاحب بهادر لاءِ هي هي شيون گهربل هيون. دنبا، ٻڪرا، بيضا، ڪير، مکڻ، شراب، گاهه، ڪاٺيون وغيره سڀ اڪ گڏ ٿينديون هيون. مختيارڪار، هيڊ منشي، تپدار يا ٻيو جيڪو خدمت ۾ هوندو، تنهن کي همت نه ٿيندي هئي، جو ٻاڦ ٻاهر ڪڍي سگهي. رسائيءَ ۾ ڪا اوڻائي ۽ گهٽتائي ٿي، ته نائڪ ۽ بٽلر منهن تي منهن چاڙهي ويهندا هئا ــ نڪو تنبو کوڙائيندا هئا ۽ نڪو چاءِ وغيره تيار ڪندا هئا. ڪاڏو ته ڪاڏي جي ماڪ رهبو. صاحب بهادر سواري ڪري منزل تي پهچڻ بعد ڪجهه به تيار ٿيل نه ڏسي، سبب پڇندو هو، ته هي وٽي دانهون ڪري، زير دستن خلاف ڪي جو ڪي چٽي ويهندا هئا. بس صاحب تپي باهه ٿي ويندو هو. ڪامورن ۽ زميندارن

تي گارين ۽ لعنتن جو ڦهڪو پوڻ شروع ٿي ويندو هو. مطلب ته ڪامورا ۽ زميندار مصيبت ۾ اچي ويندا هئا. تنهنڪري ڪامورا ۽ زميندار صاحبن جي نائڪن ۽ ٻٽلرن جي هر طرح جي پورائي ڪندا هئا. هنن جو کيسو ٻه گرم ڪري ڇڏيندا هئا، ته پل ڪتن جي وات ۾ هڏو پيو هجي. ڪن نائڪن ۽ ٻٽلرن بابت ڇوڻ ۾ ايندو هو ته هو تيسين تائين تنبوءَ جو ڪلو ئي نه هٽائيندا هئا، جيسين تائين ڪين مقرر رقم نه ملندي هئي.

"رسائي ڪرڻ ذريعي زميندار ته ڇٽي ويندا هئا، ليڪن ويچارا غريب مسڪين ڳوٺاڻا بيگر ۾ پيا پيڙبا هئا. گشت جي وقت صاحب جي منشين ۽ ڪلارڪن جي ساڃي لڳي ويندي هئي. روزانو ٻڪر پيا ڪسندا هئا. شراب جون ٻوتلون ۽ ڪيرن جا دلا اچي گڏ ٿيندا هئا. نهايت بي دردي سان خرچ ڪيو ويندو هو. سڄو بوجو رسائي فنڊ تي پوندو هو، جو زميندارن مان وصول ٿيندو هو. زميندار پئسا ڏيئي جند ڇڏائيندا هئا، پر غريبن سان جنسي ويل هوندو هو. ڪين بيگر ۾ ٻه وهٽو پوندو هو، ۽ کير، بيضا، ڪتولا، گاهه، ڪاٺيون ٻه پهچائڻيون پونديون هين. گشت وقت اڪثر اها حالت ٿيندي هئي، جو ڳوٺائن جي ٻارن کي کير به نصيب نه ٿيندو هو، جي روئي سمهي پوندا هئا. ڳوٺاڻا ڪتون پٽيوالن جي حوالي ڪري پاڻ پٽ تي سمهندا هئا.

"رشوت جو آزار جام هوندو هو. ماڻهن جو ڪوبه ڪم ڪلارڪن ۽ ننڍن عملدارن جي هٿ ڪوشي ڪرڻ کان سواءِ نه نڪرندو هو. ان جو مکيه ڪارڻ اهو هوندو هو ته ڪاٽي جي گاديءَ جو هنڌ ٻري هٿ ڪري سورو ڪم عملدارن جي هٿ ۾ هوندو هو."

Gul Hayat Institute

ون يونٽ ۾ ورتل سنڌ ۾ هن وقت به قريباً حالتون ساڳيون آهن. البت ان وقت جي ۽ هن وقت جي عملدارن جي وچ ۾ تفاوت هي آهي ته خود انگريز عملدار اڪثري بي رشوتي، انصاف پسند، ڪشاده دل، ۽ فضيلت وارا هوندا هئا، ليڪن حڪومت ۽ نسلي امتياز جي نشي ڪري زود رنج، خر دماغ، پرمتڙيا هوندا هئا. ملڪي حالتن کان غير واقف هئڻ ڪري، زيردستن جي هٿن ۾ پتلي وانگر نچندا هئا.

هن وقت جا وڏا عملدار اڪثري رشوتي، پارٽي بازيءَ جو شڪار، سفله مزاج، عياش ۽ خود پسند آهن؛ پر منجهائن گهڻا ملڪي حالتن کان اهڙا اڻ ڄاڻ نه آهن، جو هيٺين جي هٿ ۾ پتلا ٿي نچن، جنهنڪري هيٺين لاءِ هنن کي راضي رکڻ وڏيڪ مشڪل ٿي ٿو.

بمبئيءَ سان سنڌ جي ڳنڍ هئڻ ۽ هاڻي ون يونٽ ۾ هجڻ وقت عملدارن جا اختيار گهڻو ڪري ساڳيا آهن.

انهن ڏينهن ۾ رستن جي حالت نهايت خراب هوندي هئي، جن جي مرامت عملدارن جي وقت بيگرن ذريعي ڪرائي ويندي هئي. عملدار گهوڙن ۽ اٺن تي سواري ڪندا هئا. گهڻن ڳوٺن ۾ بنگلي نه هئڻ ڪري، هنن جي رهڻ لاءِ تنبو هڻايا ويندا هئا. آباديءَ لاءِ واهه گهٽ هوندا هئا، جن جي ڪاٽيءَ لاءِ بعضي زميندارن کان ڇيڙهون ورتيون وينديون هيون.

غريب چوپائي مال جي چوري، باهمي جهڳڙن جي نبيري، حفاظت ۽ پيسي ڏوڪڙ جي مدد لاءِ اڪثري زميندار جو دست نگر رهندو هو.

انگريزي حڪومت جي پاليسي اها هوندي هئي ته خوددار ۽ صاحب همت زميندارن ۽ خاندانن کي هيسائي، پنهنجن چاڙتن ۽ ”جي حضور“ زميندارن جي، زمينن ۽ لقبن ڏيڻ سان، مدد ۽ همت افزائي ڪندا هئا. انهيءَ سلسلي ۾ ڪڏهن ڪڏهن ڪيترن خوددار ۽ باعزت زميندارن کي تڪليفون به

ڏسبيون پونديون هيون. مثلاً، انهيءَ ڏس ۾ سردار امام بخش خان جتوئيءَ، شڪارپور طرف جي الف خان پٺاڻ، ۽ مخدوم محمد زمان هالن واري، پير حزب الله شاهه پاڳاري ۽ منهنجي والد سيد محمد شاهه سنائيءَ کي ڪيترين ئي تڪليفن کي منهن ڏيڻو پيو.

مطلب ته هڪ خاص منظم طريقي سان، ڪمشنرن ۽ ڪليڪٽرن جي درٻارين ذريعي، لقب بردارن ۽ ڪرسي نشينن جو هڪ غلام ذهنيت وارو طبقو پيدا ڪيو ويو، جن ۾ قومي غيرت، خودداريءَ ۽ حب الوطنيءَ جو جذبو ختم ٿي ويو. ڪامورن جي خوشامد، دلالي ۽ جي حضوري سندن پيشو بنجي ويو. عملدارن کي شڪار ڪرائڻ، رساون ڪرڻ، دعوتون ڏيڻ، هڪبين تي چغليون هڻڻ، ۽ پوليس جي ڪيسن ۾ شاهديون ڏيڻ، سندن خاص مشغلا هوندا هئا. جيڪڏهن ڪنهن کي دربار جي ڪرسيءَ، لونگيءَ ۽ تلوار جو انعام، آفرين نامو، لقب يا ماجسٽريٽي حاصل ٿي، ته سمجهندا هئا ته کين آخرت جو توشو نصيب ٿيو.

پڙهندڙن کي ان ڳالهه تي تعجب نه ٿيڻ گهرجي ته جڏهن اڪثر هلي چند مخلص قومي ڪارڪنن ۽ عوام جي مدد سان سنڌ بمبئيءَ کان آزاد ٿي، ۽ ويهن سالن تائين جدا صوبي جي حقن ماڻڻ بعد، آهو پنهنجو حق وري آن وڃايو ۽ ون يونٽ ۾ آئي، ته انهيءَ تي جن ڪثير تعداد عيوضين ووٽ ڪيو، اهي ماڻهو انگريزن جي پيدا ڪيل انهيءَ بي غيرت ۽ بزدل طبقي جي گروهه مان هئا. سنڌ جي خوددار قومي ڪارڪنن يا عوام جو ان ڳالهه ۾ هٿ نه هو.

بمبئي پريزيڊنسيءَ جي ماتحتيءَ ۾، مٿي ذڪر ڪيل حالتن هيٺ، سنڌ جا ماڻهو ۱۸۴۷ع کان ۱۹۰۸ع تائين انگريزن ۽ ديسي ڏارين جي اڪثريت جي تسلط هيٺ رهندا آيا.

جڏهن ۱۹۰۹ع ۾ منٽو مارلي سڌارن بعد سنڌ جي چئن نمائندن کي بمبئي ڪائونسل ۾ چونڊجڻ جو حق مليو، ته خوش-قسمتيءَ سان انهن مان ٻه ميمبر اهڙا چونڊجي ويا، جي قومي ڪارڪن ۽ خوددار هئا. جن مان هڪڙو سنڌ جو ناميارو وڪيل سيٺ هرچندراءِ وشنداس ۽ ٻيو رئيس غلام محمد خان ڀرغڙي هو. ٻيئي ڪانگريس جا ميمبر ۽ آزاد خيال ماڻهو هئا.

انهن، بمبئي ڪائونسل ۾ وڃڻ شرط، بمبئيءَ جي قومي ڪارڪنن، سر فيروز شاهه ميهتا جي گروهه، سان گڏجي، ملڪ جي عام مسئلن ۾ دلچسپي وٺڻ شروع ڪئي، جن مان سنڌ بابت هيٺيان مکيه مسئلا هئا:

(۱) عملدارن جي رسائي، لاپي ۽ رشوت جي آزار گهٽائڻ لاءِ، ڀرغڙي صاحب بمبئي ڪائونسل ۾ تجويز ڏني، ان مسئلي تي جانچ ڪري، رپورٽ ڪرڻ لاءِ، هڪ ڪميٽي مقرر ڪرائي.

(۲) رستن نهرائڻ، واهن سڌارڻ، مال جي چوري گهٽائڻ وغيره سوالن کي ڪائونسل ۾ تقريرن ذريعي سرڪار جي ڌيان تي آڻڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي.

(۳) مسلمانن ۾ تعليم جي گهٽتائيءَ کي محسوس ڪندي، ڪائونسل ۾ "مسلم سيبس بل" کي ڀرغڙي صاحب پيش ڪيو، جنهن کي سرڪار عام راءِ معلوم ڪرڻ واسطي، ڇاپي، عام جي اطلاع لاءِ ڇڏرو ڪيو. ان بنسبت چوڻ ۾ اچي ٿو ته آخر سرڪاري عملدارن ذريعي لاڙڪاڻي جي

چند زميندارن طرفان مخالفت ٿيڻ جي عذر تي، ان ڏانهن ڪائونسل وڏيڪ توجهه نه ڏنو.

بهرحال اهڙي قسم جي ٺهرائن ۽ تقريرن جو نه بمبئي سرڪار تي اثر پيو، نه بمبئي ڪائونسل جا پيا ميمبر انهن مسئلن کي سمجهي سگهيا، ڇاڪاڻ ته بمبئي ڪاتي جون سنڌ کان حالتون ئي علحده هيون. هتي بارش تي آبادي ٿيندڙ هئي. سنڌ ۾، بارش جي گهٽتائيءَ ڪري، اڪثر آبادي سنڌو دريا جي ڪچن واهن تي ٿيندي هئي. وڏا عملدار سنڌ کان هزار ميل پري هئڻ ڪري سال ۾ صرف هڪ پيرو هفتي ڏيڍ لاءِ ايندا هئا، باقي سمورو وقت سنڌ مان پنهنجن زيردستن وڏان پهتل رپورٽن تي مدار رکندا هئا، جن کان هميشه اهي رپورٽون وٺي وينديون هيون ته هتي مڙيئي سک هو، ماڻهن کي ڪابه تڪليف ڪانه هئي، ۽ ماڻهو موجوده حالتن تي راضي هئا.

اهڙين حالتن کان مجبور ٿي، سيٺ هرچندراءِ وشنداس، ڊسمبر ١٩١٣ع جي آل انڊيا ڪانگريس جي ساليانه اجلاس، منعقده ڪراچي، جي موقعي تي، استقباليه چيئرمن جي حيثيت ۾، پنهنجي صدارتي خطبي ۾، سنڌ جي جدا خصوصيتن ۽ مسئلن جو ذڪر ڪندي، ڪمشنر سنڌ جي خاص اختيارن سبب آفيسرن جي، بي واجبي هلت ۽ دٻاءَ جو بيان ڪري، سنڌ جي تڪليفن جي دور ٿيڻ جو واحد علاج ان جي بمبئي پريزيڊنسيءَ کان علحدگيءَ ۽ ان جي پنهنجي سر هڪ جدا صوبي جي بنجڻ ۾ ٻڌايو. پنهنجي ان تاريخي خطبي ۾ سيٺ هرچندراءِ وشنداس سنڌ جي پوئتي پوڻ جو واحد ڪارڻ بمبئي سان ان جي الحاق کي ڄاڻايو.

١٩١٤ع ۾ پهرين مهاڀاري لڙائي شروع ٿي، جنهن ۾ جرمن، آسٽريا ۽ ترڪي هڪ طرف ٿيا ۽ انگلنڊ، فرانس، روس ۽ بعد ۾ آمريڪا ٻئي طرف ٿيا. ان کان ٿورو اڳ هندستان ۾ آزادي حاصل ڪرڻ جي تحريڪ شروع ٿي ويل هئي،

جنهن ۾ لوڪمانيه تلڪ، لالا لجپت راء ۽ ٻيا هندن مان، ۽ مولانا محمودالحسن ديوبندي ۽ سندس شاگرد ۽ مولانا شوڪت علي، محمد علي، مولانا ابوالڪلام آزاد، مولانا ظفر علي ۽ ٻيا مسلمانن مان ڪم ڪري رهيا هئا. سنڌ به ان اثر کان بچي نه سگهي. مولانا عبيدالله سنڌي، مولانا محمد صادق کڏي وارو ۽ مولانا تاج محمد امروٽي انقلابي ڪارڪنن جا اڳواڻ ٿي ڪم ڪرڻ لڳا، ته سيٺ هرچندراء وشنداس ۽ رئيس غلام محمد خان ڀرڳڙي آئيني طرح آزادي حاصل ڪرڻ واري گروهه جا ليڊر هئا.

اهڙيءَ طرح، ٿوريءَ ئي وقت ۾، سنڌ جي مکيه شهرن، ڪراچي، حيدرآباد ۽ سکر ۾ مخلص ڪارڪنن جو چڱو گروهه پيدا ٿي پيو. ڪراچيءَ جي ڪارڪنن مان مکيه سيٺ غلام علي چاڳلا، سيٺ يوسف علي علوي، سيٺ غلام حسين قاسم، مير ايوب خان، سيٺ حاجي عبدالله هارون، ديوان ڏهلرام کيمچند، ديوان شيوارام ڏيونمل، مسٽر جمشيد نسروانجي ميهتا، ۽ مسٽر تاراڌنداس بيچر هئا. حيدرآباد جي ڪارڪنن ۾ مسٽر چيٺمل پرسرام، آچاريه ڪرپلاڻي، مسٽر جيرامداس دولترام، شيخ عبدالمجيد سنڌي، ديوان سنتداس منگهارام، مسٽر عبدالرحمان، مسٽر عبدالجبار، ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي ۽ مسٽر محمد حافظ بئريسٽر شامل هئا. سکر مان مهاشيه ويرومل بيگراج جو نالو خاص ذڪر ڪرڻ جي لائق آهي.

جيڪڏهن ڇتائي ڏسبو، ته سنڌ جي جداگانه هستيءَ جو احساس ١٩٠٨ع کان شروع ٿي ٿو، جڏهن سکر ۾ "سنڌ پراونشل ڪانفرنس" سيٺ هرچندراء وشنداس جي صدارت هيٺ ڪئي ٿي هئي. اها جماعت ڪانگريس جي شاخ هئي. ان ڪانفرنس ۾ آل انڊيا سياسي مسئلن سان گڏ سنڌ جي خاص مسئلن تي به غور ڪيو ويو. ان کان پوءِ ١٩٢٠ع تائين اهڙيون ڪانفرنسون هيٺينءَ طرح ڪئيون ٿينديون آيون:

۱۹۰۹ع ۾ ”ٻي سنڌ پراونشل ڪانفرنس“ حيدرآباد شهر ۾، ديوان همت سنگهه ڳچا سنگهه جي صدارت هيٺ ڪئي ٿي. ان جي مرحبا ڪميٽيءَ جو چيئرمين ديوان بهادر هيرانند کيمسنگهه هو.

۱۹۱۶ع ۾، ”ٽين سنڌ پراونشل ڪانفرنس“ لاڙڪاڻي شهر ۾ رئيس غلام محمد خان ڀرڳڙيءَ جي صدارت هيٺ ڪئي ٿي. ان جي مرحبا ڪميٽيءَ جو چيئرمن ديوان لالچند نولراءِ هو.

۱۹۱۷ع ۾ ”چوٿين سنڌ پراونشل ڪانفرنس“ شڪارپور جي شهر ۾ ديوان هيرانند کيمسنگهه جي صدارت هيٺ ڪئي ٿي. ان جي مرحبا ڪميٽيءَ جو چيئرمن ديوان مرليڌر پنجابي هو.

۱۹۱۸ع ۾ پنجين ڪانفرنس ڪراچيءَ ۾ ديوان مرليڌر جي صدارت هيٺ ڪئي ٿي. ان جي مرحبا ڪميٽيءَ جوچيئرمن سيٺ هرچندراءِ وشنداس هو.

۱۹۱۹ع ۾ ڇهين ڪانفرنس جيڪب آباد ۾ مسٽر جمشيد نسروانجي ميهتا جي صدارت هيٺ ڪئي ٿي. ان جي مرحبا ڪميٽيءَ جو چيئرمن راءِ صاحب آسرداس هو.

۱۹۲۰ع ۾ ستين ڪانفرنس وري سکر ۾ سيٺ حاجي عبدالله هارون جي صدارت هيٺ ڪئي ٿي. ان جي مرحبا ڪميٽيءَ جو چيئرمن مهاشي ويرومل بيگراج هو.

انهن ڪانفرنسن ۾ هندو مسلمان شريڪ ٿيندا هئا. انهن ۾، هندستان جي سياسي مسئلن سان گڏ، سنڌ جي خاص مسئلن جو ذڪر به ڪيو ويندو هو، ۽ ٺهراءَ پاس ٿيندا هئا.

هنن سيني ڪانفرنسن ۾ ڏنل صدارتي خطبن ۾

ٺهرائن جو احوال هت اچي نه سگهيو آهي* .
ليڪن پوئين سڪرواريءَ ڪانفرنس ۾ حاجي عبدالله هارون جي خطبي جا چند ٽڪرا مثال لاءِ هيٺ ڏجن ٿا، جن سان انهن ڪانفرنسن جي ڪارگذارين جو مختصر احوال معلوم ٿي سگهي ٿو:

”اوهان مون کي هن مجلس جو صدر چونڊي، منهنجي عزت افزائي ڪئي آهي.....

”مادر وطن جي گذريل شان شوڪت کي ڏسي، ان جي روشن مستقبل لاءِ ڪوشش ڪرڻ هرهڪ هندستانيءَ جو فرض آهي...

”ملڪ جي آزاديءَ لاءِ ڪانگريس جي ڪوشش تعريف جي لائق آهي...

”اسان هندن ۽ مسلمانن کي هاڻ متفق ٿي، ملڪ جي آزاديءَ لاءِ ڪوشش ڪرڻ گهرجي....

”منهنجو مذهب مون کي جمهوريت جو سبق سيکاري ٿو....

”مانٽيگو چيمسفورڊ ناليءَ سان نوان مليل سڌارا ماڻهن جي اميدن کان گهٽ آهن....

”پنجاب ۾ ٿيل جليانوالا کوس جي يادگار ۾ قومي هفتي ملهائڻ لاءِ حاضرين کي اپيل ڪريان ٿو....

”خلافت جي مسئلي جو ذڪر ڪندي، خوشيءَ جو اظهار ڪيائين ته ان ڪري هندو مسلمان متحد ٿي ويا آهن....

---

* سنڌ سان ڪنهن بزرگ وٽ سنڌ جي سياسي جدوجهد جي هن اهم شروعاتي ڪانفرنسن جي ڪارگذارين جو ٿورو گهڻو جو ڪجهه رڪارڊ موجود هجي، ته اها سنڌ جي تاريخ جي سلسلي ۾ وڏي خدمت سمجهي ويندي، جيڪڏهن اهو رڪارڊ شايع ڪري سگهجي. ان لاءِ گذارش آهي ته اهڙي رڪارڊ جي موجودگيءَ جو اطلاع مهرباني ڪري مون کي ڏنو وڃي. (غلام مرتضيٰ).

Gul Hayat Institute

'آن ڪانءِ پوءِ سنڌ جي ڪمشنر جي آمرانہ اختيارن تي نڪتہ چيني ڪيائين...

'سنڌ سرڪار طرفان قومي ڪارڪنن تي دٻاءَ جي طريقن اختيار ڪرڻ کي ننديائين...

'خلافت تحريڪ جي معاملي ۾ سنڌ جي بن مسلمان عملدارن جي ڪڌن ڪرتوتن جي اپٽار ڪري، سرڪار کان انهن جي ڪارنامن تي جانچ ڪميٽي ويهارڻ جي گهر ڪيائين...

'هندو-مسلم اتحاد تي خوشيءَ جو اظهار ڪيائين...

'خانگي فيصلن لاءِ ڪميٽين مقرر ڪرڻ ۽ سوديشي شين جي زور وٺائڻ لاءِ ماڻهن کي اپيل ڪيائين...

'پڇاڙيءَ ۾ مسلمانن کي ڪانگريس ۾ شريڪ ٿي، ملڪ جي آزاديءَ لاءِ ڪوشش ڪرڻ واسطي اپيل ڪيائين...،

انهيءَ عرصي ۾ انهن ڪانفرنسن جا وڏيڪ خاص اجلاس بہ ڪنا ٿيا هئا، جهڙيءَ طرح ۳ نومبر ۱۹۱۷ع تي سنڌ پراونشل ڪانفرنس جو خاص اجلاس حيدرآباد ۾ نون سڌارن جي مسئلي تي ويچار ڪرڻ واسطي ڪيو ٿيو هو، جنهن ۾ سنڌ جي جدائيءَ جي مسئلي تي غور ڪرڻ لاءِ هڪ ڪاميٽي هيٺين صاحبن تي مشتمل مقرر ڪئي ويئي:

(۱) سيٺ هرچند راءِ وشنداس، (۲) مسٽر جيرامداس دولترام، (۳) ڊر گدداس آڏوٽي، (۴) مسٽر نارائنداس آنند جي بيچر، ۽ (۵) مسٽر رستم خورشيد سڌوا.

انهيءَ ڪميٽيءَ، ڪجهہ غور ۽ فڪر ڪرڻ بعد، جانچ ڪري، هڪ رپورٽ پڌري ڪئي، جنهن ۾ سنڌ جي مشڪلاتن ۽ مسئلن جو ذڪر ڪيل هو، جنهن مان سنڌ جي جدائيءَ جي جواز لاءِ ابتدائي مواد تيار ٿيو. انهيءَ ڪميٽيءَ، هڪ ميمورنڊم تيار ڪري، سنڌ ۾ آيل سيڪريٽري آف اسٽيٽ مسٽر مانٽيگو ۽ لارڊ چيلمسفورڊ ۽ وائسراءِ هند اڳيان نون سڌارن بابت ڪي تجويزون پيش ڪيون. ان جا ڪي ٽڪرا هيٺ ڏيان ٿو:

”عرضدارن جو چوڻ آهي ته سنڌ بمبئيءَ کان گهڻو دور هئڻ ڪري، اتان مٿس پوري نظرداري ۽ ضابطو رهي نه سگهيو آهي. سنڌ جي ڪمشنر کي غير معمولي اختيار هٿ ۾ هئڻ ڪري، ملڪي انتظام هڪ خودمختيار حاڪم جي هٿ ۾ اچي ويو آهي. اسان جي نظر ۾ ايترن اختيارن جي هڪ شخص جي هٿ ۾ اچڻ ڪري ان جو غلط استعمال ٿئي ٿو، جا ڳالهه آئيني سڌارن جي روح جي خلاف آهي. ان جو اثر نه صرف انهن ڪاتن ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿو، جي سندس هٿ هيٺ آهن، پر انهن ڪاتن تي به معلوم ٿئي ٿو، جي بنيادي طرح سندس هٿ ۾ نه آهن. بمبئي ڪاتي جي ٻئي ڪنهن به ڪمشنر کي اهي اختيار حاصل نه آهن.

”اسان کي ويساهه ويهي ويو آهي ته موجوده ’دستور‘ موجب سنڌ، ’گورنر اِن ڪائونسل‘ جي فائدن کان محروم ٿيل آهي. ٻين ڪمشنرن جا سوال بمبئي سيڪريٽريٽ جي ٿورن سان ايگزيڪيوٽو ڪائونسل جي ميمبرن جي زير ويچار اچن ٿا، جي بمبئي ڪائونسل اڳيان جوابداري محسوس ڪندي، ان تي راءِ ڏين ٿا، پر انهن سڀني پابندين کان سنڌ جو ڪمشنر آزاد آهي. هو پنهنجي مرضيءَ ۽ جوابداريءَ تي فيصلا ڪري ٿو، جن تي صوبي جي عام راءِ جو اثر پئجي نٿو سگهي. ازانسواءِ بمبئي علائقي جي ٻين ڊويزنل ڪمشنرن وانگر سنڌ جو ڪمشنر بمبئي سرڪار جي سڌي ضابطي هيٺ نه رهڻ ڪري، سنڌ انگلنڊ جي پبلڪ لائيف جي تربيت يافته، مدبرانه، همدرد ۽ آزاد خيال حڪمرانيءَ جي فائدن کان محروم رهجيو وڃي.

”سنڌ جو انتظام انهن آفيسرن جي سپرد رهي ٿو،

Gul Hayat Institute

جي گهڻو وقت هندستان ۾ نوڪري ڪرڻ ڪري، خود سر ۽ خود مختيار ذهنيت اختيار ڪري ويو ويو. سنڌ جي اهڙيءَ بيعزتيءَ واريءَ حالت ۾ رهڻ سبب، هن وقت ڪافي احساس پيدا ٿيو آهي. خاص طرح انهيءَ سبب ڪري، جو علائقي جي پنج ڊويزنن جي حڪومت جي واڳ گورنر جي هٿ ۾ رهي ٿي، ۽ هتي جي واڳ هڪ خودسر عملدار جي سپرد ٿيل آهي. جيسيتائين سنڌ کي جدا صوبو بڻايو وڃي، ان وقت تائين ڪم از ڪم، ان کي موجوده ڪمشنر شاهيءَ جي آزار کان ڇڏائي، سڌو گورنر جي اختيار هيٺ آندو وڃي."

مسٽر مانٽيگو اڳيان، سڌارن لاءِ، سنڌ محمدن ائسوسيئيشن، ۾ هڪ عرضداشت سر غلام حسين هدايت الله جي اڳواڻيءَ هيٺ پيش ڪئي هئي، جنهن ۾ برٽش سرڪار سان وفاداريءَ جو اظهار ڪندي، مليل سڌارن تي رضامنديءَ جو ذڪر ڪري، مسلمانن جي نوڪرين وغيره بابت ڪي سوال پيش ڪيا ويا هئا.

۱۹۱۹ع ۾ جيڪب آباد جي سنڌ ڪانفرنس جي موقعي تي مسٽر جمشيد ميهتا سنڌ جي تڪليفن جو ذڪر ڪري، انهن جي دور ڪرڻ جي گهر ڪئي هئي، جا گهر سيٺ هرچندراءِ جي پيش ڪيل رٿ جهڙي هئي.

جڏهن مانٽيگو چيمسفورڊ سڌارا عمل ۾ آيا، ته باوجود بمبئي ڪائونسل ۾ سنڌي ميمبرن جي نمائندگي وڌڻ جي، سنڌ جي آئيني حيثيت ساڳي رهي. ان کي مد نظر رکي، رئيس غلام محمد خان ڀرڳڙيءَ، ٦ مارچ ۱۹۲۰ع تي، سر جارج لائيڊ گورنر بمبئيءَ کي هڪ خط موڪليو، جنهن جو اختصار هيٺ ڏجي ٿو:

"سنڌ کي جدا صوبي بنائڻ جي اسان جي گهر نهايت اهم هئي. پر برٽش سرڪار ڏنل سڌارن ۾

ان کي جدا نہ ڪيو آهي. ان ڪري آءٌ جيڪا عرضداشت ڪريان ٿو، اميد تہ صاحب جن ان کي واجبي سمجهي، ان تي همدردانہ ويچار ڪري، مناسب فيصلو ڪندا.

”منهنجو عرض آهي تہ سنڌ جي ڪمشنر جا نون سڌارن بعد بہ ساڳيا اختيار قائم رکڻ، آئيني سڌارن جي روح جي خلاف آهي، جن مطابق هڪ حد تائين جوابدار حڪومت قائم ڪئي ويئي آهي. لارڊ چيمسفورڊ ۽ مانٽيگو سڌارن جي اصولي تقاضا اها ٿئي گهرجي تہ سنڌ ۾ هڪ ماڻهوءَ جي حڪومت کي ختم ڪيو وڃي، جا حڪومت سڌارن جي منشا جي خلاف آهي.

”نون سڌارن موجب جن کاتن جا اختيار عوام جي عيوضي وزيرن کي سپرد ٿيل آهن، انهن جي پوزيشن سنڌ بنسبت جدا آهي، ڇاڪاڻ تہ سنڌ جي ڪمشنر کي ١٨٦٨ع جي سنڌ ائڪٽ موجب گورنر اِن ڪائونسل جا اختيار تبديل ٿي مليل آهن. جيسيتائين اهي اختيار سنڌ جي ڪمشنر کان واپس نہ ورتا ويا آهن، وزيرن جا اختيار سنڌ جي نسبت ۾ بمبئي کاتي جي ٻين ڪمشنرن جي نسبت کان نہ رڳو گهٽا گهٽ بلڪ نالي ماتر رهندا. سنڌ ائڪٽ موجب، وزير، سواءِ غير معمولي حالتن جي، سنڌ جي ڪمشنر جي ڪمن ۾ دست اندازي ڪري نٿو سگهي، جنهنڪري سنڌ جو ڪمشنر ٻين ڪمشنرن وانگر وزيرن جي سڌو ماتحت نہ آهي.

”سنڌ سان اِن ٻيجا روش جو مثال هن ڳالهہ مان ملي ٿو تہ موجوده ميونسپل ائڪٽ موجب ميونسپالٽين ۾ چونڊيل ميمبر موڪلڻ جو اختيار رواجي طرح بمبئي سرڪار جي هٿ ۾ آهي، پر سنڌ ڪمشنرس ائڪٽ ١٨٦٨ع موجب،

سواءِ غير معمولي حالتن جي، اهو اختيار سنڌ جي ڪمشنر کي سپرد ٿيل آهي. بمبئي کاتي جي ٻين صوبن ڪمشنرن ۾ نئين آئين مطابق آهي اختيار بمبئي سرڪار جي هٿ ۾ آندا ويا آهن. ميونسپالٽين جي معاملي ۾ سمورا اختيار لوڪل سيلف گورنمينٽ وزير جي حوالي ۾ رهن ٿا، جو ڪائونسل جي ميمبرن ۾ آخري طرح ميمبرن جي چونڊيندڙ ووٽرن وٽ جوابدار سمجهيو وڃي ٿو. ڪائونسل جا ميمبر ۽ ووٽر جيڪڏهن گهرن ته وزير تي ميونسپالٽين ۾ چونڊيل ميمبرن جي سرشتي قائم ڪرڻ لاءِ اثر وجهي سگهن ٿا. پر سنڌ جي حالت ان کان جدا آهي. هتي اهي اختيار اڳي ئي، انهيءَ موجب، ڪمشنر کي سپرد ٿيل آهن. ان مان اهو صاف ظاهر آهي ته جيستائين انهيءَ رد ڪري، اختيار موٽائي نه ورتا ويا آهن، هن کي سنڌس مرضيءَ مطابق قدم کڻڻ کان ڪوبه روڪي نٿو سگهي. ان مان پتو پوي ٿو ته ڪائونسل جي وزير جي سنڌ جي ڪمشنر لاءِ رڳو هڪ صلاحڪار جي حيثيت وڃي رهي ٿي، جهڙي گورنر اڳيان اٿس. ان حالت هيٺ سنڌ جا ووٽر ۽ ميمبر ڪهڙيءَ طرح سان سنڌن وزير کي انهيءَ کاتي جي خامين لاءِ جوابدار نهرائي سگهن ٿا! جڏهن ته هن جا جيڪي ٻين ڪمشنرن ۾ اختيار آهن، انهن جهڙا سنڌ ۾ اختيار نه اٿس. نتيجو اهو ٿو نڪري ته سنڌ توهان سڌارن موجب وڏيڪ ملڪي اختيارن جي فائدن کان محروم رهجي ويئي آهي.

”اهو سوال صرف تبديل ٿيل ڪاتن موجب ملڪي اختيارن جي فائدن کان محروم رهڻ سان واسطو نٿو رکي. پر نون سڌارن هيٺ غير تبديل ٿيل ڪاتن بابت پڻ نئين ايگزيڪيوٽو ڪائونسل جي دائري کان

هيءَ ڳالهه عام فهم جي آهي ته جيڪڏهن سنڌ جو ڪمشنر هڪ پيرو ڪو فيصلو ڪري ويهي ٿو، ته پوءِ بمبئي سرڪار کي ڪمشنر جي عزت ۽ ڪن قانوني موشگافين سبب ان فيصلي کي رد ڪرڻ ڏکيو ٿيو پوي. جيتوڻيڪ اهي ڳالهيون رواجي طرح عدل ۽ انصاف جي معاملي ۾ آڏو نه اچڻ گهرجن، پر عام طرح ائين ڏٺو ويو آهي ته، سواءِ غير معمولي حالتن جي، سرڪار هيٺين عملدارن جي ڪاروبار ۾ جن کي اڳيئي اختيار سونپيل آهن، دست اندازي نه ٿي ڪري."

اهو اهو زمانو هو، جڏهن پهرين مهاڀاري لڙائي پوري ٿي هئي. فاتح اتحادين يورپ جي آزاد ڪرايل ننڍڻ ملڪن کي جدا آزاد حڪومتون تسليم ڪيو هو. ليڪن باوجود جنگ ۾ سندن وڏي مدد ڪرڻ جي، انگريزن هندستان کي آزادي ته ڪانه ڏني هئي، پر ان تي پنهنجي تسلط مضبوط ڪرڻ ۽ آزاديءَ لاءِ هلندڙ تحريڪ کي ڪچلڻ لاءِ رولٽ ايڪٽ پاس ڪيو هو. ٻئي طرف ترڪن جي سلطنت کي ورهائي، ٽڪرا ٽڪرا ڪري، هنن پنهنجي تسلط هيٺ آندو هو. هو ترڪيءَ جي سلطان کي پنهنجي زير اثر رکڻ جون هڪ طرف ڪوششون ڪري رهيا هئا، ته ٻئي طرف شريف مڪي کي خليفي بنائڻ لاءِ سنڌ مان انگريزن جي اشاري تي سازش شروع ڪئي ويئي هئي.

سنڌ ۾ ڪمشنر چڙواڳ حاڪم هو. زميندارن، جاگيردارن ۽ پيرن جي اڪثريت حڪام وقت جي تابع هئي. سنڌي ڪامورا گهڻو ڪري رشوت خور، بي ضمير ۽ ابن الوقت هئا. ڪمشنر صاحب جي اشاري تي ان جي هڪ ديسي اسسٽنٽ ڪمشنر

خانبهادر نبي بخش محمد حسين، پنهنجن مسلمانن زيردستن جي مدد سان، هڪ مولوي فيض الڪريم سوري واري کي هٿ ڪري، ترڪي خلافت جي خلاف فتوىٰ لڪارائي، شريف مڪي کي خليفي بنائڻ لاءِ جواز پيدا ڪرايو. پوءِ ڪامورن کي حڪم ٿيو ته پيرن ۽ مولوين کان اُن تي صحيحون وٺائين. نيٺ اُن انگريزن جي چوڻ تي لڪايل فتوىٰ تي ٩٥ ماڻهن صحيحون ڪيون، جن مان مکيه ناﻻ هيٺيان آهن:

(١) پير شاهه مردان شاهه پاڳارو ٢٢ مئي ١٩١٩ع
(٢) پير محمد صالح شاهه جيلاني راڻيپور شعبان ١٣٣٧ هه
(٣) پير خميسو شاهه جيلاني، گمبٽ.
(٤) مخدوم ظهير الدين صاحب، هاﻻ، ٢٦ شعبان ١٣٣٧هه
(٥) پير غلام مجدد سرهندي، شڪارپور
(٦) پير الهيار شاهه، مٽياري
(٧) پير علي مدد شاهه جيلاني،
(٨) پير امام الدين شاهه راشدي، ٺلاهه
(٩) پير مير محمد شاهه جيلاني، کهوڙڪي
(١٠) مخدوم محمد صالح صاحب، سجاده درگاه پاٽ
(١١) سيد ولي محمد شاهه، سجاده درگاه قلندر شهباز سيوهڻ
(١٢) قاضي ميان شفيع محمد، هاﻻ نوان
(١٣) قاضي ميان ابراهيم شاهه، حيدرآباد
(١٤) مولوي ميان محمد عمر صاحب، کڏهري
(١٥) مولوي عبدالڪريم صاحب درس، ڪراچي.

اهڙيءَ طرح سنڌ جي هر هڪ تعلقي ۾ خلافت ڪاميٽين جي مقابلي ۾ "امن سڀائون" قائم ڪرايون ويون، جن جي ذريعي زميندارن ۽ ٻين ماڻهن کي انگريز سرڪار جي وفاداريءَ ۽ تعاون لاءِ تلقين ڪئي ٿي وئي. "سچائي" نالي اخبار جاري ڪرائي، ان جو چندو عملدارن ذريعي زوريءَ وصول ڪري،

آها ڳوٺن ۾ مفت موڪلي، انگريزن جي تعريف ۽ طرفداريءَ جا راڳ ڳارايا ٿي ويا. مسلمان ڪامورن ان ۾ خاص ڀڙو ورتو ٿي. اڪثر زميندار ته هميشه ڪامورن جا پوئلڳ ٿي رهيا آهن.

رئيس غلام محمد خان ڀرڳڙي، انهيءَ ماحول کان تنگ ٿي، ڪجهه وقت لاءِ انگلنڊ هليو ويو، جتي ترڪن جي مدد ۽ هندستان جي آزاديءَ لاءِ وسعت آهر پرچار ڪندو رهيو. هن ”الامين“ نالي اخبار حيدرآباد مان جاري ڪرائي هئي، جنهن جو هڪ وقت شيخ عبدالمجيد سنڌي ايڊيٽر ٿي ڪم ڪيو هو. ان ۾ هو ولايت مان مضمون موڪلي، سنڌي مسلمان ڪامورن، زميندارن، پيرن ۽ مولوين جي مٿي ذڪر ڪيل مسلمان ملڪن ۽ تحريڪ آزاديءَ خلاف حرڪتن کي ننديندو رهيو.

رئيس صاحب جي مدد سان ”هندواسي“ اخبار دادا چيتمل پرسرام جي ايڊيٽريءَ هيٺ ٻه نڪرندي هئي، جنهن ۾ نهايت زبردست سياسي مضمون ايندا رهندا هئا.

سنڌ ۾ باوجود آفيشل ۽ زميندار ڪلاس جي انهيءَ مٿين قسم جي حرڪتن جي، خلافت تحريڪ زور وٺندي ويئي. سنڌ جا سوين ماڻهو جيلن ۾ ويا، ۽ هزارين ملڪ ڇڏي افغانستان ڏي هجرت ڪري ويا.

ڪمشنر سنڌ جي ڇڙواڳيءَ، ۽ سنڌ ۾ عام آزاديءَ جي تحريڪ جي زور وٺڻ ڪري، سنڌي آزاد خيال هندو مسلمانن ۾ سنڌ جي بمبئيءَ کان جدائيءَ جو جذبو تيز ٿيندو ويو.

مانٽيگو چيمسفورڊ سڌارن مطابق سنڌ کي جدا صوبو ڪونه بنايو ويو هو، ليڪن نئين آئين ۾ هڪ اهڙو قلم ضرور داخل ڪيو ويو هو، جنهن موجب گورنر جنرل کي اختيار ڏنا ويا هئا ته، آرڊر ڪڍي، ڪوبه نئون صوبو ڊيپوٽي گورنر جي هٿ هيٺ ناهي سگهي. سڀني سياسي پارٽين طرفان نين چونڊن جي پاڻ ڪاٽ ڪرڻ ڪري رئيس غلام محمد خان ڀرڳڙي

بمبئي ڪائونسل لاء نين چونڊن ۾ اميدوار ڪونه بيٺو. سنڌ مان بمبئي ڪائونسل تي چونڊجي ويل مسلمان ميمبر گهڻو ڪري سرڪار پرست هئا. تنهنڪري انهن ميمبرن طرفان بمبئي ڪائونسل ۾ سنڌ کي جدا صوبي بنائڻ جي تجويز پيش ڪانه ٿي. ورڻي به شابس هجي بمبئيء جي هڪ مسلمان ميمبر آء. ايس. حاجي، بئريسٽر، کي جنهن بمبئي ڪائونسل ۾ سنڌ کي بمبئي کاتي کان علحده ڪري، نئين صوبي بنائڻ جي رٿ پيش ڪئي، پر واري نه ملڻ ڪري خانگي ٺهرائن پيش ڪرڻ لاء مقرر ڪيل ڏينهن تي اها رٿ اڳجي نه سگهي.

ان وقت ڌاري "سڄين سنڌ پراونشل ڪانفرنس" جو اجلاس ٥ ۽ ٦ اپريل ١٩٢٠ع تي سکر ۾ سيٺ حاجي عبدالله هارون جي صدارت هيٺ ڪٺو ٿيو هو. ان جي صدارتي خطبي جو مختصر احوال اڳي ڄاڻائي آيو آهيان.

Gul Hayat Institute

شيخ عبدالمجيد سنڌي قومي تحريڪ ۾ هڪ پيرو اڳي مزا ڪاٽي آزاد ٿيو هو. هاڻ وري هو ٻئي ڀيري جيل ويل هو. انهيءَ ڀيري سکر جيل ۾ هن، ١٩٢٤ع ۾، سنڌي مسلمانن جي تعليم ۽ تنظيم لاءِ هڪ پروگرام ٺاهي تيار ڪيو هو، جو ٻهرين الوحيد اخبار ۾ قسطن ۾ شايع ٿيو، ۽ پوءِ ڪتابي صورت ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. ان ڪتابچي جي ٤٩ صفحي تي هن سنڌ ۾ ٻهريون پيرو ڪليل لفظن ۾ هيٺيون خيال ظاهر ڪيو:

"هن وقت سنڌي مسلمانن جي سامهون، سنڌ کي بمبئي علائقي کان جدا ڪري علحده صوبي بنائڻ جو سوال درپيش آهي. مسلمان ان مسئلي ۾ هندن جي مدد ۽ اعانت کان سواءِ بمشڪل سان ڪامياب ٿي سگهندا. پر مون کي يقين آهي ته سنڌ کي جدا پرڳڻي ڪرڻ جي تجويز اهڙي معقول ۽ لاجواب آهي، جو هندو ضرور هڪ ڏينهن ان کي قبول ڪندا. هينئر ساريءَ سنڌ مان فقط ٽي هندو بمبئي ڪائونسل تي ميمبر چونڊجي سگهن ٿا، پر سنڌ جي جدا ڪائونسل قائم ٿيڻ بعد انهن کي ٽيون حصو چونڊيل ميمبرن جو ملندو، ساڳيو حصو سنڌ جي ڪاروباري ڪائونسلن ۾ ملندن. سنڌي مسلمان جهڙا غريب، صلح پسند ۽ اشراف مسلمان ڪڏهين به ڇائي واڻي سان نه ٺاهيندا. هن ڪشمڪش ۾

بدمزگيءَ جي زماني ۾ ڪيترن ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊن ۽ تعلقي بورڊن ۾ هندو پريزيڊنٽ آهن، ۽ بورڊن جون آفيسون هندن سان پريون پيئون آهن. جڏهن سنڌ تعلقات بهتر ٿيندا، تڏهن مون کي اميد آهي ته هندو پنهنجي علمي لياقت، قابليت ۽ وڏيل نمايندگيءَ ذريعي هڪ طرف، ۽ محنت، دولت ۽ واپاري هوشياريءَ ڪري ٻئي طرف سنڌ جي سياست ۾ مکيه مقام والاري ويندا. مسلمانن جي حڪومت وقت ۾ ٻيا خود موجوده سرشتي هيٺ، هندن کي سنڌ جي عهدن يا اقتصاديات ۾ چڱي حيثيت رهي آهي. ليڪن آئينده جي خودمختيار سنڌ ۾ ڪين ان کان وڌيڪ فائدا حاصل ٿي سگهندا، جنهن ۾ هُنن جو درجو تابعداريءَ جو نه پر ڀائيواريءَ جو هوندو.

”ٻوليءَ جي بنياد تي سنڌ کي جدا صوبي بنائڻ جي گهر اهڙي انصافي اصول تي ٻڌل آهي ۽ ان ۾ ملڪ ۽ ماڻهن جي ترقيءَ ۽ بهبوديءَ جا ايترا فائدا شامل آهن، جو ان گهر جي اڳيان نه فقط هندن بلڪ حڪومت کي به ڪنڌ نوائڻو پوندو.

”سنڌ کي جدا صوبي بنائڻ جي گهر ڪرڻ وقت، هن ڳالهه جو ذڪر ڪرڻ نامناسب نه ٿيندو ته اصلوڪي سنڌ هاڻوڪيءَ سنڌ کان تمام وڏي هئي. ڪاٺياواڙ،

بهاولپور ۽ جيسلمير رياستن ۽ ملتان جي طرف اڃا تائين سنڌي واپارين جو وڏو تعداد موجود رهي ٿو. ڪوڇا ۽ ميمڻ دنيا جي ڪنهن به حصي ۾ رهندا هجن، پر انهن جي مادري زبان اڃا تائين سنڌي آهي. جيڪڏهن هندستان ۾ ڪڏهن به اهڙو وقت آيو، جو پرڳڻن کي نئين سر ٻوليءَ جي بنياد تي ٺاهيو ويو، تڏهن مٿي ذڪر ڪيل رياستن، ۽ سنڌ سان پنجاب جي لاڳو ضلعن سان ڪن کي سنڌ سان شامل ڪرڻ جو سوال اٿاري سگهجي ٿو. آءٌ نٿو ڀانيان ته موجوده حالتن ۾، جيستائين ڪ هندستان ۾ وڏو انقلاب پيدا نه ٿيو آهي، سنڌ جي حدن وڌائڻ جو سوال مصلحت آميز ٿيندو. في الحال هندستان جي هر هڪ صوبي کي سنڌس هاڻوڪين حدن تي راضي رهڻو پوندو. البت ان هوندي به اسان ساري هندستان ۾ رهندڙ سنڌي دانن سان پنهنجو علمي ۽ ڪلچرل تعلق پيدا ڪري سگهون ٿا. جيتوڻيڪ هن وات ۾ ڪيئي مشڪلاتون درپيش اينديون، ليڪن لاڳيتي محنت ۽ تبليغ سان اسان انهن کي گهڻي قدر حل ڪري سگهون ٿا.“

سنڌ جي جدائيءَ لاءِ اهڙن ڪليل ۽ واضح لفظن ۾ ذڪر اهو پهريون ڀيرو ڪيل ڏسڻ ۾ اچي ٿو. اڳي صرف ڪمشنر جي چڙواڳ اختيارن جو ذڪر ڪندي، ڍڪيل زبان

۾ سنڌ جي علحدگيءَ لاءِ بنياد پئجي چڪو هو.

جيتوڻيڪ شيخ صاحب جي هيءَ رٿا الوحيد اخبار ۾ ڇپي هئي، ۽ خلافت ڪميٽيءَ ان طرف توجهه به ڏنو هو، پر پوءِ به اها ڳالهه سنڌ تائين ئي محدود هئي. سال ١٩٢٤ع جي آخر ۾ آل انڊيا هندو مهاسڀا جو اجلاس مسٽر اين. سي. ڪيلڪر جي صدارت هيٺ ڪٺو ٿيو. پنهنجي صدارتي خطبي ۾ مسٽر ڪيلڪر پهريون ڀيرو آل انڊيا پليٽفارم تان سنڌ جي جدائيءَ جي مخالفت ڪندي، ظاهر ڪيو ته ان ڪري مسلمان هندن کي ٻانهن وٽ هوسٽيج (Hostage) طور رکي سگهندا. شيخ عبدالمجيد سنڌي، جو هڪ وقت رئيس غلام محمد خان ڀرڳڙيءَ جو سيڪريٽري رهي چڪو هو، سو رئيس جي وفات کان پوءِ هن جو حقيقي جاءِ نشين ٿي ڪم ڪرڻ لڳو هو. اُن مٿي ذڪر ڪيل مسٽر ڪيلڪر جي تقرير جي حوالي مان اشارو وٺي، ان سوال کي آل انڊيا سياسي پليٽفارم تان اٿارڻ ۾ ڪٿهه طرف توجهه ڏنو.

ٻئي سال، ٢٦ ڊسمبر ١٩٢٥ع تي، آل انڊيا ڪانگريس جو ساليانو اجلاس ڪانپور ۾ مسز سروجني نائيڊو جي صدارت هيٺ ڪٺو ٿيو. ساڳئي شهر ۾ اُنهيءَ موقعي تي آل انڊيا خلافت ڪانفرنس جو اجلاس مولانا ابوالڪلام آزاد جي صدارت هيٺ ڪٺو ٿيو. آل انڊيا مسلم ليگ جو اجلاس ٣١ ڊسمبر ١٩٢٥ع تي عليگڙهه ۾ سر عبدالرحيم جي صدارت هيٺ گڏ ٿي رهيو هو. شيخ صاحب سنڌ طرفان انهي ڪانفرنس لاءِ ڊيليگيٽ چونڊيل هو، پهرين هو ڪانپور ويو. ان موقعي تي جڏهن آل انڊيا ڪانگريس زبان جي بنيادن تي صوبن جي جدا تنظيم جو اصول قبول ڪيو، تڏهن سنڌي نمائندن آل انڊيا ڪانگريس ڪميٽيءَ ان ملاءِ سنڌ جي الڳ پراونشل ڪميٽيءَ جي گهر ڪئي، جا منظور ٿي. شيخ صاحب ان ڳالهه ۾ سنڌ

جي جداگانه حيثيت جو اصول قبول ٿيندو ڏسي، ارادو ڪيو ته مسلم ليگ جي اجلاس ۾ بمبئي علائقي کان سنڌ جي جدائيءَ جي تجويز پيش ڪئي وڃي. اتي مولانا محمد عليءَ سان مشوري ڪرڻ بعد هو مسلم ليگ اجلاس ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ عليگڙهه پهتو. اُتي پهچڻ بعد جڏهن هُن اُتي آيل ليڊرن سان ان سوال تي گفتگو ڪئي، ته کيس معلوم ڪري خوشي ٿي ته سر محمد شفيع اڳيئي ان مسئلي تي غور ڪري رهيو هو، ۽ پڻ ٻيا ڪيترا صاحب ان ڳالهه ۾ همدرد ڏنائين. شيخ صاحب پوءِ سنڌ کي بمبئيءَ کان جدا ڪرڻ جو ٺهراءُ آل انڊيا مسلم ليگ جي اجلاس اڳيان پيش ڪيو، جو اتفاق راءِ سان پاس ٿي ويو. ان اجلاس ۾ جن مکيه ماڻهن حصو ورتو هو، تن مان سر علي امام، سر محمد شفيع، مسٽر محمد علي جناح، مولانا شوڪت علي، مولانا محمد علي، سيٺ يعقوب حسن، ڊاڪٽر سيف الدين ڪچلو، مولانا حسرت موهاني، مسٽر آصف علي، مسٽر آل نبي، مسٽر تصدق احمد خان شرواني ۽ صاحبزاده آفتاب احمد خان خاص ذڪر ڪرڻ جي لائق آهن.

ان وقت سنڌ ۾ مسلمانن جي روزانه اخبار صرف الوحيد هئي، جا شيخ صاحب جي نظرداريءَ هيٺ هلندڙ هئي. ان اخبار هاڻ ڪليءَ طرح سنڌ جي جدائيءَ جو پرچار ڪرڻ شروع ڪيو. ان جي آواز تي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان سنڌ جي جدائيءَ جا ٺهراءَ پاس ٿيڻ لڳا، جنهن تي اهو سوال ڪافي اهميت حاصل ڪري ويو. ڪيترن آزاد خيال غير مسلمانن به جدائيءَ جي فائدي ۾ بيان ڏنا ۽ مضمون لکڻ شروع ڪيا؛ ڪن فرقي پرست هندن ان جي مخالفت جو آواز ڪڍو ڪيو، ۽ ڪن هندو اخبارن به برخلاف لکڻ شروع ڪيو. سوامي گووند آنند، مسٽر چيتمل پرسرام، مسٽر سنتداس منگهارام، مسٽر ڪي. پنيا، مسٽر وشنو شرما، مسٽر ليکمداس واڌو مل، مسٽر

رستم ڪي. سڌوا مسٽر جمشيد نسروانجي ميهتا سنڌ جي بمبئيءَ کان جدائيءَ جا حامي هئا. ٻئي طرف مسٽر ويرو مل بيگراج، پروفيسر ڇبلاڻي، ديوان بهادر هيرانند کيمسنگهه ۽ مکي گوبندرام ان جي مخالفت ڪندڙن مان مکيه هئا.

هاڻ سنڌ جي جدائيءَ جو مسئلو آل انڊيا اهميت حاصل حاصل ڪري ويو. ٢٥ مارچ ١٩٢٧ع تي مختلف خيالن جي مسلمان ليڊرن جي، مسٽر محمد علي جناح جي صدارت هيٺ هڪ ميٽنگ ڪلي ٿي، جنهن ۾ هندو مسلم سمجهوتي لاءِ هيٺين تجويز پاس ٿي:

(١) سنڌ کي جدا صوبو بنايو وڃي. (٢) فرنٽيئر ۽ بلوچستان جي صوبن ۾ نوان سڌارا لاڳو ڪيا وڃن. (٣) پنجاب ۽ بنگال ۾ آدمشماريءَ مطابق مسلمانن کي نمائندگي ڏني وڃي. (٤) مرڪزي اسيمبليءَ ۾ مسلمانن کي ٽيون حصو نمائندگي ڏني وڃي.

مسلمان مٿي ذڪر ڪيل صوبن ۾ اقليت کي اهي رعايتون ڏيڻ لاءِ تيار ٿيندا، جي هندو مسلمانن کي هندو اڪثريت وارن صوبن ۾ ڏيڻ لاءِ تيار ٿيندا. انهن شرطن تي مسلمان گڏيل چونڊون قبول ڪندا.“

هن تجويز هندو مسلم سمجهوتي لاءِ دروازو کولي ڇڏيو. سگهوئي ڪانگريس ورڪنگ ڪاميٽي گڏ ٿي. جنهن ان ٺهراءَ کي قبول ڪري، آل انڊيا ڪانگريس ڪميٽيءَ کي ان جي قبول ڪرڻ لاءِ سفارش ڪئي. هاڻ صرف آل انڊيا ڪانگريس ڪميٽيءَ ۽ آل انڊيا مسلم ليگ جي اجلاسن کي ان تي منظوري ڏيڻي هئي.

Gul Hayat Institute

هن منزل تي لالا لجپت راءِ ۽ پنڊت مدن موهن مالويه جي اثر هيٺ ”هندستان ٽائيمس“ اخبار هن تجويز جي برخلاف ليک لکيا. مسٽر جيرامداس دولترام ان جو ايڊيٽر هو. بهرحال مئي ١٩٢٧ع تي آل انڊيا ڪانگريس ڪميٽيءَ جو اجلاس بمبئي ۾ ڪٺو ٿيو، جنهن ۾ اها تجويز ڪثرت راءِ سان منظور ڪئي ويئي. شيخ عبدالمجيد ۽ حاجي عبدالله هارون به ان ميٽنگ ۾ پريزيڊنٽ جي خاص منظوريءَ سان حاضر رهيا، ۽ سنڌ لاءِ سنڌي نقطه نگاه پيش ڪيائون. اُن ميٽنگ کان پوءِ سنڌ جي آنهن هندن طرفان، جيڪي سنڌ جي علحدگيءَ جي خلاف هئا، هڪ وفد ڪانگريس جي پريزيڊنٽ سان مليو، وٽس پنهنجو طرف پيش ڪيو. پريزيڊنٽ کين چيو ته جنهن صورت ۾ مرڪزي حڪومت ۾ هندن جي اڪثريت هوندي، ان صورت ۾ سنڌ جي اقليت کي ڪنهن به نقصان پهچڻ جو انديشو نه ٿي رهي سگهيو. بمبئي ۾ آل انڊيا ڪانگريس ڪميٽيءَ ۾ پاس ٿيل هيءُ ٺهراءُ پوءِ سال جي آخر ۾ آل انڊيا ڪانگريس جي مدراس واري اجلاس ۾ پاس ڪيو ويو، جنهن جي صدارت جا فرائض ڊاڪٽر مختيار احمد انصاري بجا آندا.

Gul Hayat Institute

ان سال ۾ سنڌ جي جدائيءَ جي فائدي ۽ ان جي خلاف ڪيترا مضمون ۽ ڪتابچا ڇپيا. آنهن ۾ جدائي خلاف پروفيسر ڇبلاڻيءَ، مالي نقطه نگاه کان، نهايت مدلل ڪتابچو لکيو. ٻئي طرف جدائيءَ جي فائدي ۾ مسٽر جمشيد نسروانجي ميهتا ڪراچي ميونسپالٽيءَ جي پريزيڊنٽ هڪ عمدو پمفليٽ ڇپائي ورهايو. سيٺ هرچندراءِ وشنداس هن وقت تائين سنڌ جي جدائيءَ جي تحريڪ جو نه صرف حامي، بلڪ ان تحريڪ جي اوائلي بانين مان هو. هن منزل تي، هو هندو عام راءِ کي مخالف ڏسي، سنڌ جي علحدگي جي مخالفت ۾ بيان ڏيڻ لڳو. ٻئي طرف ڪانگريس جي هڪ نئين رڪن مسٽر جيرامداس دولترام به

ان جي مخالفت ۾ ڪي مضمون لکيا. مسٽر جمشيد پنهنجي پمفليٽ ۾ انهن پنهي مکيہ ليڊرن جي دليلن جا جواب ڏنا. جيئن تہ ان وقت جي اختلافي دليلن تي، ان پمفليٽ ۾ ڪافي بحث ٿيل آهي، ان ڪري آءٌ ان پمفليٽ مان ڪي ٽڪرا هتي پيش ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان:

”ڪن هندن کي خوف پيدا ٿيو آهي تہ سنڌ ۾ مسلمانن جي اڪثريت هئڻ سبب بمبئي پرگٽي کان سنڌ کي جدا ڪري صوبي بنائڻ منجهان کين نقصان پهچندو. پر مون کي يقين ويٺل آهي تہ رفارمس ڪميشن مستقبل جي آئين ۾ سنڌن حقن جي مناسب حفاظت لاءِ پورو انتظام ڪندي، تنهنڪري کين ڊپ ڪرڻ جو ضرور نہ آهي.

”آءٌ هيٺن سببن ڪري سنڌ جي جدائيءَ جي فائدي ۾ آهيان:

(١) سنڌي پنهنجي روايات، ڪئريڪٽر (ڪردار) ۽ طرز معاشرت ڪري علحده قوميت جي حيثيت رکن ٿا.

(٢) سنڌ جاگرافيائي نقطي نگاہ کان علحده ملڪ آهي.

(٣) بمبئيءَ جا گورنر، ايگزيڪيوٽيو ميمبر، وزير، ڪائونسل جا ميمبر باوجود زباني همدرديءَ جي، سنڌ جي معاملن ۾ پنهنجا هون جهڙو بہ دلچسپي وٺي نٿا سگهن.

(٤) سنڌ جا مسئلا، بمبئيءَ جي مسئلن کان بلڪل جداگانہ آهن: آهي ساڳين بنيادن ۽ طريقن تي حل ٿي نہ سگهندا.

Gul Hayat Institute

(٥) سنڌ پنهنجي جدا گورنريءَ يا چيف ڪمشنريءَ ۽ ڪائونسل سان پنهنجن مسئلن طرف زياده توجهه ڏيئي خوش اسلوبيءَ سان اُنهن کي حل ڪري سگهندي. ان جي جدائيءَ جي حالت ۾، وقت به وقت پيش ايندڙ مشڪلاتن ۽ مسئلن جا فيصلا سر زمين تي ترت ڪري سگهبا. هن وقت جي حالت اها آهي ته سنڌس مسئلن حل ڪرڻ ۾ مهينا ۽ سال گذريو وڃن، ۽ اسان، ڪيترين حالتن ۾، ايامن کان "مسئلو سرڪار جي همدردانه ويچار هيٺ آهي" ٻڌندا اچون ٿا.

(٦) سنڌ جي تعمير جا سوال اسان کي پاڻ فيصل ڪرڻا آهن. آزادي حاصل ڪرڻ جو مکيه مقصد ٻارن ۽ بالغن جي تعليم آهي. اهو مسئلو بمبئي سان گڏ رهڻ ڪري پوريءَ طرح حل نه ٿي سگهيو آهي.

(٧) سنڌ جي آزاديءَ جي راهه ۾ مالي مشڪلاتن جو سوال مون کي اهم نظر نٿو اچي. سرهينري لازينس پنج سال اڳي کي انگ اکر ڏيئي هيءَ ڳالهه ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ته بمبئي سرڪار سنڌ تي ان جي آپت کان وڌيڪ خرچ ڪري ٿي. آهي انگ اکر نااميدي پيدا ڪندڙ نه آهن. بلڪ انهن مون ۾ اميد پيدا ڪئي آهي ته جيڪڏهن اسان سنڌ جي آپت ۽ خرچ کي پنهنجي سنڀال هيٺ

آئينداسون، ته ان مسئلي کي سهوليت سان حل ڪري سگهنداسون.

(٨) وڏيڪ ائين چيو وڃي ٿو ته ڪٿل صوبہ هئڻ ڪري، اسان سنڌ ۾ آمدرفت جي رستن ۽ ٻين تعميري اسڪيمن لاء پيسو حاصل ڪري نہ سگهنداسون، ۽ صوبو هميشه پٺتي پيل رهندو. اهو عذر بہ پورو نہ آهي. هن وقت بمبئي سرڪار اسان جي سڌاري لاء ڪهڙا خاص ڪم ڪيا آهن! هوءَ بہ قرض کڻي تعميري ڪمن تي خرچ ڪري ٿي. اسان بہ اهڙيءَ طرح سان اهي ڪم ڪري سگهون ٿا.

مٿي ذڪر ڪيل سڀني مسئلن جو بهترين حل مون کي سنڌ جي جدائيءَ ۾ نظر اچي ٿو.

منهنجي مٿي ذڪر ڪيل نقطن تي بحث ڪندي، هڪ اخبار لکيو آهي تہ اسان وٽ ڪارائتن ۽ سمجهو ماڻهن جي ڪمي هئڻ ڪري، اهي مسئلا ڪير حل ڪري سگهندو! منهنجي نظر ۾ اهڙي قسم جون ڳالهيون سنڌين جي لياقت ۽ اهليت ۾ بي اعتباري پيدا ڪن ٿيون. ان لاء سنڌ جي موجوده ڪائونسل ميمبرن جي نا اهليءَ کي مثال طور پيش ڪيو وڃي ٿو. منهنجي خيال موجب سنڌ جا موجوده ميمبر انهن ماڻهن کان وڌيڪ سمجهو ۽ لائق آهن، جي ڪين انهن لائق سمجهن ٿا.

Gul Hayat Institute

انهن ميمبرن کي پتو آهي تہ پنهنجي صوبي جي پس مانده هجڻ ۽ بمبئي ۾ پنهنجي اقليت ۾ هجڻ جي مدنظر ڪهڙيءَ طرح هو سرڪار کان فائدا حاصل ڪري سگهن ٿا. البت موجوده طريقي سان فائدي حاصل ڪرڻ تي معياري نقطي نگاه کان نڪتہ چيني ٿي سگهي ٿي، پر هڪ ڳالهہ تہ صاف آهي تہ هنن ۾ سرڪار کان ڪم ڪڍڻ جي لياقت موجود آهي. بمبئي سرڪار جا آفيسر ۽ مالي ميمبر هيءَ ڳالهہ قبول ڪن ٿا تہ سنڌي ميمبرن جي ووٽن هٿ ڪرڻ لاءِ ڪين سندن "آنڪل" برداشت ڪرڻا پون ٿا. سنڌي ميمبرن کي ڏسي، بمبئي جا غير برهمڻ ميمبر بہ هاڻ، انهن جي پوئلڳيءَ ۾، ووٽ جي قيمت وصول ڪرڻ لڳا آهن. اهو سوال پڇندس تہ جيڪڏهن اهي ماڻهو قابل نہ آهن تہ قابل هجڻ جو آخر ڪهڙو دليل آهي؟

اسان اهليت جي مسئلي کي خواه مخواه اهميت ڏيون ٿا. هڪ انگريز دوست مون کي مثال ڏنو تہ هڪ ماڻهو انگلنڊ جي ڪائونٽي ڪائونسل ۾ اميدوار بيٺو هو، جنهن کي انهن حد جي ووٽرن اڻ لائق سمجهي شڪست ڏني، پر جڏهن انهيءَ ساڳئي ماڻهوءَ کي برٽش سرڪار هندستان ۾ هڪ صوبي جو گورنر مقرر ڪيو، تہ انهيءَ ۾ هي نهايت لائق ۽ منتظم ثابت ٿيو.

Gul Hayat Institute

سنڌ اندر هر فرقي ۾ لائق شخص پيا آهن، جي موقعن ملڻ تي ان جو ثبوت ڏيئي سگهن ٿا. مون کي يقين آهي ته جيڪڏهن چونڊ جي طريقي کي سڌاريو وڃي، ووٽرن تان زور زبردستي هٽائي ڪين ووٽ جي آزادي ڏني وڃي، چونڊ تي خرچ جي گهٽتائي ڪئي وڃي، سياسي پارٽيون قائم ڪري پارٽي فنڊن جي ذريعي لائق اميد وار بيهاري چونڊايا وڃن، ته اسان تعميري ڪم لاءِ گهڻا لائق ماڻهو هٿ ڪري سگهنداسون. لائق ماڻهن جي گهٽتائيءَ جو سوال صرف سنڌ سان لاڳو نه آهي، بلڪ دنيا جي هر حصي ۾ انهن جي ڪمي محسوس ڪئي وڃي ٿي.

مون کي خوشي ٿئي ٿي ته هاڻ سنڌ جي جدائيءَ جو سوال روزبروز اهميت وٺندو وڃي؛ ليڪن مون کي هي معلوم ڪندي افسوس ٿئي ٿو ته سيٺ هرچند راءِ وشنداس، جو ابتدا ۾ سنڌ جي جدائيءَ جي تحريڪ جو باني هو، سو ڪن سببن ڪري پنهنجي تازي بيان ۾ سنڌ جي جدائيءَ خلاف هيٺيان دليل ڏئي ٿو:-

(۱) ڪيس سنڌ جي جدائيءَ خلاف مسٽر جيرامداس دولترام جي پيش ڪيل اعتراضن ۾ ڪجهه صداقت نظر اچي ٿي.

(۲) سکر بيراج جي قرض کي جدا سنڌ جي بجيٽ تي هڪ وڏو بوجهو سمجهي ٿو.

Gul Hayat Institute

(٣) وڏيڪ اهو دليل ڏنو ٿو ته بمبئي سرڪار هائي اڳي کان سنڌ جي مسئلن تي زياده توجهه ڏيڻ شروع ڪيو آهي.
(٤) هن ڪي هي به خوف ويٺل آهي ته سنڌ جي ڪائونسل ۾ هتي جا جاهل زميندار پيسي ۽ ذاتي اثر جي ڪري چونڊجي ايندا، جي ڪاروبار چڱيءَ طرح هلائي نه سگهندا.
(٥) ازانسواءِ هن جي خيال ۾ صوبي سنڌ جدا ٿيڻ بعد، سنڌ ۾ سرڪاري آفيسرن جي زور وٺڻ جو امڪان آهي.
(٦) نئين صوبي لاءِ انتظامي خرچ جو بار کڻڻ ڪيس مشڪل پيو نظر اچي. وغيره، وغيره.
سندس مٿي ذڪر ڪيل اعتراضن بابت منهنجا هيٺيان جواب آهن. ڀيريتن سيٺ هرچندراءِ جي اعتراضن جا جواب ڏيئي پوءِ مسٽر جيرامداس جي سوالن جا جواب ڏيندس.

(١) سيٺ هڪ دليل سکر بيراج جي قرض جي نا قابل برداشت بار جو ڏنو آهي. ليڪن مون کي تعجب لڳي ٿو ته هو ان مسئلي کي پوريءَ طرح سمجهيو نه ويو آهي. سکر بيراج جو قرض هند سرڪار ڏنو آهي. اهو سنڌ جي زمينن جي وڪريءَ ۽ وڏاين ڍلن جي وصوليءَ مان ادا ڪرڻو آهي. بمبئي سرڪار ان تي ڪوڏي به خرچ

ڪرڻ واري نه آهي. پوءِ ان ڳالهہ ۾ ڪهڙو تفاوت آهي ته اها وصولي بمبئي سرڪار يا سنڌ سرڪار ڪري! جدائيءَ جي حالت ۾ قرض لهڻ بعد وڏيل پيدائش جو فائدو سنڌ کي حاصل ٿيندو. مون کي يقين آهي ته بيراج کي چڱيءَ طرح هلائڻ مان سنڌ کي نقصان بدران فائدو ٿيندو. پوءِ بهتر ته اها ڳالهہ آهي ته اهو بار پاڻ تي کڻي، مستقبل جو فائدو حاصل ڪجي. سکر بيراج سنڌ جي آينده لاءِ هڪ وڏو ورثو ثابت ٿيندو.

۲- ٻيو دليل سيٺ صاحب جو اهو آهي ته اڳي کان هاڻ بمبئي سرڪار سنڌ جي مسئلن طرف زياده توجهہ ڏيڻ شروع ڪيو آهي. جا گهٽي توجهہ مان سندس مراد اها آهي ته سال ۾ گورنر ٻه ٽي هفتا سنڌ ۾ رهي ٿو! وزير ۽ ايگزيڪيوٽو ڪائونسل جا ميمبر سال ۾ هڪ ٻن ڏينهن لاءِ سنڌ ۾ اچن ٿا! باقي آفيسرن کي ڀلا ته هتي اچڻ لاءِ سال ۾ هڪ دفعو به فرصت نه ٿي ملي، پر جي تفريح خاطر هفتي اڌ لاءِ ڪنهن سنڌ ۾ چڪر ڏنو، ته ڇيهہ ڪري ڇڏيائين. اها ڳالهہ صاف سمجهي ڇڏڻ گهرجي ته سنڌ جا مسئلا علحده آهن. انهن جي بمبئي مان حل ٿيڻ جو امڪان ئي ڪونہ آهي، ان ڪري بهتر رستو اهو آهي ته پنهنجي گهر جو ڪاروبار پين جي عيوض پاڻ سنڀاليون.

Gul Hayat Institute

۳- سيٺ صاحب ٽيون دليل اهو ٿو ڏئي تہ سنڌ ڪائونسل ۾ جاهل ۽ وڏن پڳڙن وارا زميندار ميمبر چونڊجي ايندا، جي چڱيءَ طرح ڪم هلائي نہ سگهندا. سو اهو بہ صحيح ۽ جائز دليل نہ آهي. سنڌ جون سدائين ساڳيون حالتون رهڻ واريون نہ آهن. زماني جي تبديليءَ سان حالتن بدلجڻ جو امڪان آهي. اسان مان بهتر ماڻهو چونڊجي ايندا، جي پنهنجي مسئلن طرف خوشيءَ سان توجهہ ڏيئي سگهندا. هن وقت وانگر ٺاڻي، شولاپور، بيلگام جي مسئلن طرف متا ماري ڪرڻ کان جان ڇڏائي پونديسون. البت ابتدا ۾ نوڪرين جي حصي رسي تان ڪجهہ ڇتا پيتي ٿيڻ جو امڪان آهي، پر آهستي ٿي حالتون درست ٿي وينديون.

۴- سندس چوٿون دليل تہ سنڌ جي جدائيءَ بعد آفيسرن جو زور وڌندو، صفا غلط آهي، بلڪ صحيح حقيقت هيءَ آهي تہ گورنر جي سنڌ ۾ رهڻ، ۽ ڪائونسل ۽ وزيرن جي سرزمين تي هئڻ ڪري، ڪامورن جي طاقت پاڻ گهٽ ٿيندي.

۵- وڏيڪ اهو دليل ڏنو ويو آهي تہ نئين صوبي جي انتظام لاءِ عملدارن تي وڌايل خرچ جو بار سهڻ کان ٻاهر ٿيندو، اها ڳالهہ بہ صحيح نہ آهي. نئون خرچ ويهہ پنجويهہ هزار ماهوار مس ٿيندو. اهڙيءَ

طرح سال ۾ ٿي لکن خرچ جي واڌاري سان نقصان کان نفعو زياده حاصل ٿيڻ وارو آهي.

هاڻي آءٌ مسٽر جيرامداس جي اعتراض جا جواب ڏيندس، جن ۾ سيٺ صاحب کي ڪجهه صداقت ڏسڻ ۾ آئي آهي.

(۱) شڪر آهي ته مسٽر جيرامداس کي گڏيل چونڊون مروج ٿيڻ ڪري، اقليت جي حقن کي نقصان پهچڻ جو خوف گهٽ ٿي ويو آهي.

(۲) ٻيو دليل مسٽر جيرامداس اهو ٿو ڏئي ته سنڌ جي ننڍي صوبي هئڻ ڪري ان کي مڪمل آٽونامي (Autonomy) ڪانه ملندي، ۽ بمبئي جي وڏي صوبي هئڻ ڪري ان کي وڌيڪ حق حاصل ٿيندا. وڌيڪ هن کي اهو وهم به ويٺل آهي ته سنڌين ۾ صوبي جي انتظام هلائڻ جي اهليت نه آهي. ان لاءِ منهنجو هي جواب آهي ته صوبي ننڍي هئڻ ڪري ممڪن آهي ته بمبئي کان اسان کي اختيار گهٽ ملن، پر اها ڳالهه ڪيتري قدر جائز ٿي سگهي ٿي ته چند وڌيڪ اختيارن جي مرهوم آڌار تي اسان هڪ هزار ميلن جي مفاصلي تان ٻاهرين جي زبردستي قبول ڪيو ويٺا هجون. هن وقت تائين وڏي ۽ گهڻن اختيارن واري صوبي مان سنڌ کي ڪهڙو فائدو پهتو آهي ۽ سنڌ جي تعليم،

Gul Hayat Institute

صحت ۾ رستن لاءِ ڇا ڪيو ويو آهي؟ وڏيڪ سنڌس اهو چوڻ ته سنڌين کي دماغ نه آهن، سا ڳالهه آءٌ قبولڻ لاءِ تيار نه آهيان. اهڙي گفتگو پاڻ ۾ بي اعتباريءَ جو ثبوت ڏئي ٿي. جيڪڏهن اسان هندستان جي ٻين صوبن تي نظر ڊوڙائينداسون ته پتو پوندو ته اسان جا ميمبر هنن کان قابليت ۾ ڪنهن به طرح گهٽ نه آهن. مون کي پتو آهي ته انهن بابت گهڻا انگريزي نتا ڇاڻن، پر اها ڳالهه سندن اڻ لائقيءَ لاءِ دليل ٿي نٿي سگهي. جيڪڏهن سنڌ جي مسئلن ۾ هنن کي دلچسپي آهي، ته اها ڳالهه ڪافي آهي؛ هروڀرو اهو ضروري نه آهي ته بيلگام ۾ ٻين طرفن جي مسئلن ۾ به دلچسپي وٺن.

(٣) مسٽر جيرامداس جو ٽيون دليل سنڌ جي جدائيءَ خلاف اهو آهي ته بمبئي صوبي جي اثر ڪري هن وقت هند سرڪار سکر بيراج جي معاملي ۾ جا دلچسپي وٺي رهي آهي، سا شايد آئنده نه وٺي. ان واسطي هيءَ ڳالهه صاف سمجهي ڇڏڻ گهرجي ته سکر بيراج جي اسڪيم منظور ٿي چڪي آهي، هاڻ ان جي رد ٿيڻ، ڪم بند ٿيڻ جو ڪوبه امڪان نه آهي. خرچ سمورو هند سرڪار جو آهي، بمبئي سرڪار جو نه آهي. هند سرڪار کي صرف بجيٽ ۾ تبديل ڪري اهو قرض بمبئيءَ جي عيوض سنڌ جي کاتي ڪرڻو پوندو.

(٤) مسٽر جيرامداس جو چوٿون دليل اهو آهي ته بمبئيءَ سان گڏ رهڻ ڪري، سنڌ ۾ ريلوي جا رستا وڏيڪ درست ٿي سگهندا. اوهان کي معلوم آهي ته ريلوي صوبائي سرڪار جي هٿ ۾ نه آهي. ڪٿي اها ڳالهه مڃجي ته بمبئي سرڪار هند سرڪار ۾ پنهنجو

اثر هلائي، اسان جا ريلوي رستا دُرست ڪرائي سگهندي؛ پر ان لاءِ هت جي ڪنگڻ ڪي ڏسڻ لاءِ آرسيءَ جي ضرورت نہ آهي. هن وقت تائين بمبئي سرڪار اسان جي ريلوي سڌارڻ لاءِ ڇا ڪيو آهي، جو آئنده منجهانس نيڪيءَ جي اميد رکي سگهون. هوڏانهن پنهنجي ريلوي ڪروڙها روپين جي خرچ سان بجليءَ تي ڪرائي اٿن، پر اسان لاءِ ڪجهہ نہ ڪيو اٿن. بمبئي کي هميشه پنهنجي نفعي طرف ڌيان رهي ٿو، اسان جي فائدي کي هو سنڌ مفاد جي متضاد سمجهن ٿا.

(۵) مسٽر جيرامداس وڌيڪ چوي ٿو تہ بمبئيءَ ۾ ڪيترا اثر وارا ليڊر رهن ٿا، جي عوام جي حقن لاءِ لڙي سگهن ٿا، پر سنڌ ۾ اهڙا ماڻهو ڪيس ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿا اچن. آءٌ اهڙي بزدليءَ واريءَ راءِ کي قبول ڪري نٿو سگهان. جيڪڏهن پنجاب سان آئنده ۾ دريائن جي پاڻيءَ جي ورهاست تان لڙائو آهي، تہ اها لڙائي اسان هزارن ميلن جي پنڌ بمبئيءَ مان لڙڻ جي عيوض سنڌ مان وڌيڪ سولائيءَ سان لڙي سگهون ٿا. وڌيڪ هو چوي ٿو تہ بمبئي سرڪار سکر بيراج لاءِ وڌيڪ لائق انجنيئر هٿ ڪري سگهي ٿي؛ اهو دليل بہ غلط آهي. سکر بيراج لاءِ خرچ هند سرڪار ڪري ٿي، ان پيسي تي سٺ هئريمن بمبئي سرڪار جي عيوض اسان جو چيف انجنيئر تي ڪم سنڀالي سگهي ٿو.

(٦) مسٽر جيرامداس جو هڪ اعتراض اهو آهي تہ بمبئي ڪائونسل ۾ سنڌ جا مسلمان ميمبر نا اهل ثابت ٿيا آهن. سنڌس ان دليل کي قبولڻ لاءِ آءٌ تيار نہ آهيان. ان لاءِ دليل سيٺ هرچندراءِ جي اعتراض

جي جواب ۾ اڳيئي ڏنا اٿم. وڌيڪ هو چوي ٿو سنڌ جدا ٿيڻ بعد پرنسيپال شارپ ۽ ڊاڪٽر مٿن جهڙا لائق استاد سنڌ حاصل ڪري ڪين سگهندي. ڪيس ياد ڪرڻ گهرجي ته هر شيء سنڌس قيمت تي ملندي آهي. جيڪڏهن اسان به پيسو خرچ ڪنداسون، ته بهترين استاد حاصل ڪرڻ ۾ اسان کي ڪابه تڪليف نه ٿيندي. سنڌ جي جدائيءَ بعد اسان بهترين ماڻهو حاصل ڪري سگهنداسون. هن وقت اسان کي اهي بمبئي سرڪار طرفان ميسر ڪري نٿا ڏنا وڃن.

(٧) وڌيڪ مسٽر جيرمداس چوي ٿو ته سنڌ ٽن چئن وزيرن جي پگهار جو بار کڻي نه سگهندي. اهو دليل بيڪار آهي. جڏهن ڪراچي ميونسپالٽي ٻن هزارن جو چيف آفيسر رکي سگهي ٿي، ته صوبي سنڌ لاءِ چند هزار خرچ سان وزير رکڻ ۽ اسيمبلي قائم ڪرڻ ڪو مشڪل مسئلو نه آهي.

(٨) مسٽر جيرامداس جي سنڌ جي جدائيءَ خلاف دليلن سان هڪ هي به آهي ته سنڌ جي جدائيءَ جي حالت ۾ وڌايل خرچ جي پورائيءَ لاءِ زياده محصول وجهڻا پوندا. ان نڪته چينيءَ جي صداقت ۾ به مون کي يقين نه آهي. هن وقت جيڪڏهن اوهان بمبئي کاتي جي بجيٽ تي نظر ڪندا ته معلوم ٿيندو ته ان ۾ به وڌايل محصول ڏسڻ ۾ ايندو. ڇا بمبئيءَ سان گڏ رهڻ جي حالت ۾ اسان ان کان بچي سگهون ٿا؟

(٩) وڌيڪ دليل مسٽر جيرامداس جو اهو آهي ته جنهن صورت ۾ سنڌ سکر بيراج جي قرض ۾ ١٩٧٧ع تائين ٻڏبي رهندي، ان ڪري ان ۾ تعميري سڌاري

لاءِ پيسو ميسر ٿيي نه سگھندو. ۽ صوبو سنڌ پوئتي رهيو پيو هوندو. اهو عجيب منطق آهي. اوهان جيڪڏهن چتائي ڏسندا ته اڄڪلهه جي جديد رياست قرض کڻڻ کان سواءِ سڌاري جون اسڪيمون هٿ ۾ کڻي نه سگھندي. ان حالت ۾ اڪثر آئين ٿئي ٿو ته هڪڙا قرض ادا ڪري پيا قرض کڻبا آهن. اهڙيءَ طرح پيدائش به وڌائي سگھبي ۽ ملڪ به ترقي ڪري سگھندو. اسان جي ڪراچي ميونسپالٽيءَ به قرض کڻي سڌارا ڪري رهي آهي. قرض کان ڊڄي سڌارا نه ڪرڻ غيردانشمندي ۽ ڪوتاهه انديشيءَ جو ڪم آهي.

(١٠) هن وقت ملڪ جي سياست ۾ ”چونڊن جي مسئلي“ کي گھڻي اهميت ڏني وڃي ٿي. منهنجي نظر ۾ اها ڳالهه غير ضروري آهي ۽ حد کان مٿي اهم سمجھي ٿي وڃي. چونڊن جي طريقي جو سوال نه صرف هندستان، بلڪ دنيا جي مختلف ملڪن ۾ اختلافي ۽ منجھائيندڙ مسئلو پئي رهيو آهي. ان جي خاطر خواهه حل لاءِ هر جاءِ تي ڪوشش هلندڙ آهي. مون کي اميد آهي ته هتي به نيڪ اسان ان مسئلي کي حل ڪري وينداسون.

Gul Hayat Institute

مسٽر جمشيد جي مٿي ذڪر ڪيل پمفليٽ ۾ ڄاڻايل لفظن مان معلوم ٿيندو ته ان وقت ڌاري فرقيوار اختلاف ايتري حد کي پهچي چڪا هئا، جو پراڻا، تجربيڪار ۽ مخلص قومي ڪارڪن، جهڙوڪ سيٺ هرچند راءِ وشنداس، جو سنڌ جي جدائيءَ جي فائدي وارن ڪارڪنن جو مدارالمهام هو، مسٽر جيرامداس دولترام ۽ ڊاڪٽر چوئٿرام گدوائي، جي قوم پرست سياستدانن جي صف اولين ۾ هئا، سي به رخ بدلائي بمبئي کان سنڌ جي علحدگيءَ جي مخالفت ڪرڻ لڳا.

اُنهن حالتن کي مدنظر رکي، ڪن سنڌ جي خيرخواهن جولاء ١٩٢٧ع تي سنڌ ۾ سنڌ نئشنل ليگ قائم ڪئي، جنهن ۾ هندو مسلم اختلافي مسئلن کي حل ڪرڻ ۽ پنهي فرقن جي ڪارڪنن گڏجي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. سنڌ جي جدائي جي مسئلي ۾ به هُنن خاصي دلچسپي ورتي.

سنڌ جي جدائيءَ بابت هندو فرقيوار ذهنيت وارن ڪانگريس ڪارڪنن، آل انڊيا ڪانگريس ڪميٽيءَ کي تحريص ڏياري، مارچ ١٩٢٨ع ۾ هڪ ڪاميٽي، پرشوتم داس ٺاڪرداس جي چيئرمينيءَ هيٺ، چند ميمبرن تي مشتمل، مقرر ڪرائي، جنهن کي ان مسئلي جي مختلف پاسن تي غور ڪري رپورٽ ڪرڻي هئي. ان جا مکيه ميمبر هيٺيان هئا:

(١) پروفيسر چيلاڻي، (٢) مسٽر جيرامداس دولترام، (٣) شيخ عبدالمجيد سنڌي، ۽ (٤) سيٺ حاجي عبدالله هارون.

ان ڪاميٽيءَ تي مسلمان ميمبرن کي سندن رضامنديءَ کان سواء نامزد ڪيو ويو هو. ان ڪاميٽيءَ جي آخري نشست ۾ شيخ عبدالمجيد به شرڪت ڪئي هئي، ليڪن ڪو سمجهوتو ٿي نه سگهيو. ان ڪاميٽيءَ سنڌ جي جدائي بعد پنن ڪروڙن کوٽ جي رپورٽ پيش ڪئي. ان جي باوجود سنڌ جي جدائيءَ جي فائدي وارا هندو مسلمان سڀ ان ارادي تي محڪم رهيا ته سنڌ کي پنهنجي توفيق آهر خرچ گهٽائي خودڪفيل ڪري هلائي سگهبو. ان رپورٽ جي جواب ۾ سوامي گووند آنند، پريزيڊنٽ ڪانگريس ڪميٽيءَ، سنڌ مضمون لکيو، جنهن ۾ کوٽ جي خوف کي هن غير اهم ۽ بي بنياد ثابت ڪيو.

ان عرصي ڌاري بمبئيءَ ۾ آل پارٽيز نئشنل ڪنوينشن ڪئي ٿي، جنهن ۾ سنڌ مان شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ بابا مير محمد بلوچ شامل ٿيا. ان وقت گمان هو ته نهرو ڪاميٽيءَ جي رپورٽ ان ۾ پيش ٿيندي؛ پر اها ان وقت تائين تيار ٿي

نہ سگھي ڪري وري ان ڪنوينشن جو اجلاس ملتوي ڪري لکنو ۾ رکيو ويو. ان موقعي تي گڏ ٿيڻ جو فائدو وٺي، سنڌ جي هندو مسلم قومي ڪارڪنن جو وفد مهاتما گانڌيءَ ۽ ٻين ڪانگريس ڪارڪنن سان مليو، ۽ سندن اڳيان سنڌ جي جدائيءَ لاءِ عرضداشت پيش ڪئي.

نئشنل ڪنوينشن جو اجلاس لکنو ۾ سيپٽمبر ۱۹۲۸ع تي ڊاڪٽر مختار احمد انصاريءَ جي صدارت هيٺ ڪٺو ٿيو، جنهن ۾ نهرو رپورٽ پيش ٿي. ان رپورٽ ۾ سنڌ هندو مسلم پئڪٽ جو ذڪر ڪري، سنڌ جي جدائيءَ لاءِ سفارش ڪيل هئي. البت ان ۾ سنڌ جي مالي حالت تي غور ڪرڻ ضروري ڄاڻايل هو. ان ميٽنگ ۾ سنڌ جي جدائيءَ جي خلاف هندو فرقہ پرست گروه نهرو رپورٽ جي مخالفت ڪئي، ۽ سنڌ جي هندو مسلم پئڪٽ کي نامقبول ڪيو. بهرحال ڪنوينشن ۾ گهڻي بحث مباحثي بعد سنڌ بابت هڪ فارمولا ٺاهيو ويو، جو سڀني آيل صاحبن قبول ڪيو. ان تي بمبئيءَ جي قومي ڪارڪن مسٽر ايم. سي چاڳلا (ٿورو وقت اڳ ڀارت جو پرڏيهي وزير) ۽ مولانا شوڪت عليءَ به صحيح ڪئي. سنڌ مان هيٺين مکيہ ڪارڪنن ان تي صحيح ڪئي:

(۱) شيخ عبدالمجيد سنڌي، (۲) حاجي مير محمد بلوچ، (۳) سوامي گووند آنند، (۴) ڊاڪٽر چوئٿرام گدوائي، (۵) مسٽر جيرامداس دولترام، (٦) پروفيسر گهنشامداس، (۷) مسٽر چيتمل پرسرام، ۽ (۸) لالچند امر ڏنو مل.

ان فارمولا جو لب لباب اهو هو تہ ”نهرو آئين عمل ۾ اچڻ بعد سنڌ کي ضروري مالي ڦيرگهيرين سان جدا پرڳڻو ڪيو ويندو. ڪوٽ جي پورائيءَ جو ذمو سنڌين کي کڻڻو پوندو. سنڌ اسيمبليءَ ۾ هندن کي ڇاليهہ سيڪڙو نمائندگي ڏني ويندي.“

Gul Hayat Institute

اهو نهراءُ باهمي سمجهوتي سان ڪيل هو، ليڪن باوجود آن جي ڪن فرقہ پرست هندن طرفان ان جي مخالفت ھلي آئي. آن مخالفت جا ڪارڻ مسلمانن جي اڪثريت ۽ مالي ڪوٽ ڄاڻايا ٿي ويا. انهن صاحبن، ڪجهہ وقت کان پوءِ، سکر ۾ هڪ ڪانفرنس سڏائي، جتي لکنو ۾ باهمي سمجهوتي سان قبول ڪيل فارمولا کي رد ڪيو ويو. اها ڪانفرنس لالا لجپت راءِ جي صدارت هيٺ ڪئي ٿي هئي. آن ڪانفرنس ۾ سوامي گووند آنند ۽ مسٽر چيتمل پرسرام لکنو فارمولا جي حمايت ڪئي، پر ڪثرت راءِ انهن جي مخالف ويئي.

انهيءَ سال ۾ آل انڊيا جماعتن سان جميعت العلماء هند، مسلم ليگ، خلافت ڪاميٽي، آل انڊيا ڪانگريس، ۽ پارٽيز نئشنل ڪنوينشن، سنڌ جي جدائيءَ جي فائدي ۾ راءِ جو اظهار ڪيو.

١- جون ١٩٢٨ع تي، سيٺ حاجي عبدالله هارون سنڌ جي جدائيءَ واسطي بمبئي ڪائونسل ۾ نهراءُ پيش ڪرڻ واسطي، سنڌ جي جملي مسلمان ميمبرن کي خط لکيو، پر ڪنهن بہ مسلمان ميمبر، آفيسرن جي خوف يا سستيءَ ڪري، ڪائونسل ۾ نهراءُ نہ موڪليو. وري بہ شاباس هجي مسٽر نارائنداس انند جي بيچر کي، جنهن بمبئي ڪائونسل اڳيان سنڌ کي جدا صوبي بنائڻ جو نهراءُ پيش ڪيو، پر جيئن مٿي ذڪر ٿي چڪو آهي، وقت نہ هئڻ ڪري، مقرر تاريخ تي آهو کڄي نہ سگهيو.

آڪٽوبر ۱۹۲۸ع ۾ هندستان جي اڳين مليل سڌارن جي تعميل ۽ نتيجن متعلق جانچ ڪري نون سڌارن ڏيڻ لاءِ سفارش ڪرڻ واسطي، هڪ ڪميشن برٽش سرڪار مقرر ڪئي، جيڪا پوءِ سائمن ڪميشن جي نالي سان سڏجڻ ۾ آئي. اُن تي هڪ به هندستاني ميمبر موجود نہ هئڻ ڪري، هندستان جي سڀني سياسي جماعتن اُن جو بائيڪاٽ ڪيو.

بمبئي سرڪار سرڪاري ميمبرن، اڇوتن ۽ سنڌ جي مسلمان ڪائونسل ميمبرن جي مدد سان، آگسٽ ۱۹۲۸ع ۾، بمبئي ڪائونسل ۾ سائمن ڪميشن سان تعاون ڪرڻ لاءِ هڪ صوبائي ڪاميٽي، سر شاهنواز خان ڀٽي جي چيئرمينيءَ هيٺ، مقرر ڪرائي. اُن تي سنڌ مان ٻيو ميمبر سيد ميران محمد شاهہ هو. اها ڪاميٽي سائمن ڪميشن سان گڏ ۱۲- نومبر ۱۹۲۸ع تي ڪراچيءَ ۾ آئي. اُن وٽ خانبهادر محمد ايوب کهڙي جي سرپرستيءَ هيٺ هڪ وفد سنڌ جي جدائيءَ لاءِ زوردار نموني ڪيس پيش ڪيو. اُن وفد جا ٻيا ميمبر خانبهادر ولي محمد حسنعلي، مير. ايوب خان ۽ مسٽر عبدالرحمان بئريسٽر هئا. سنڌ جي هندن طرفان راءِ بهادر هيرانند کيمسنگ ۽ پروفيسر چبلاڻيءَ ڪميشن جي اڳيان ڪيس پيش ڪيو.

۷- مئي ۱۹۲۹ع تي بمبئي ڪميٽيءَ جي جملي ميمبرن سائمن ڪميشن کي پنهنجي رپورٽ پيش ڪئي، جنهن ۾ هُنن سنڌ جي جدائيءَ خلاف راءِ ڏني. ڪميٽيءَ تي سنڌ مان نامزد ٿيل

Gul Hayat Institute

هڪ ميمبر، سيد ميران محمد شاهه، ان رپورٽ تي اختلافي نوٽ لکيو. اهو نوٽ هن مسٽر جمشيد ميهتا جي پرمقابلت، جناح صاحب ۽ سرابراهيم رحمت الله جي مشوري سان لکيو. سرشاهنواز پڻ سنڌ جي جدائيءَ خلاف ووٽ ڏنو.

ان کان پوءِ مرڪزي اسيمبليءَ طرفان مقرر ڪيل ڪميٽيءَ سنڌ جي جدائيءَ جي فائدي ۾ راءِ ڏني، پر سائمن ڪميشن پنهنجي رپورٽ ۾ ان جي مخالفت ڪئي.

ان سال ۾، شيخ عبدالمجيد جي ڪوشش سان، سکر ۾ خلافت ڪانفرنس گڏ ٿي، جنهن ۾ ڊاڪٽر مختار احمد انصاري، مولانا ابوالڪلام آزاد، مولانا ظفر علي خان، مولانا حبيب الرحمان، مولانا شوڪت علي ۽ مولانا حسين احمد مدني شامل ٿيا. ان ميٽنگ ۾ شيخ عبدالمجيد نهرو رپورٽ تي ڪي درستيون پيش ڪيون، جي ٽن ڏينهن جي بحث مباحثي بعد اختلاف رکندڙ گروهن قبول ڪيون. سيٺ عبدالله هارون ان جي مخالفت ڪئي؛ پر ان مجلس ۾ شريڪ ٿيندڙ صاحبن جي وچ ۾ پوري سمجهوتي نه ٿي ڪري، هنن مان ڪيترا آئينده هلي، ان نهراءَ تي قائم رهي نه سگهيا.

١٨- جون ١٩٢٨ع تي سنڌ جي هندو مسلمان ليڊرن جي ميٽنگ مسٽر ٽيڪمداس واڌو مل بئريسٽر جي جاءِ تي گڏ ٿي، ان جي ڪارروائي ١٩- جون ١٩٢٨ع تي الوحيد اخبار ۾ شايع ٿي، جا هيٺ ڏجي ٿي:

”سنڌ جي هندو مسلمانن جو پاڻ ۾ ناهه. — جڏهن کان محترم شيخ عبدالمجيد صاحب سنڌ جي جدا ڪرڻ جو سوال هندستاني سياسي جماعتن جي سامهون پيش ڪيو آهي، تڏهن کان وٺي ڪي هندو مسٽر جيرامداس دولترام ۽ پروفيسر چبلاڻيءَ جي اڳواڻيءَ هيٺ ان سوال جي سخت مخالفت ڪري رهيا آهن.

جيتوڻيڪ آل انڊيا جماعتن مان آيل آل انڊيا ڪانگريس ڪميٽي، انڊين نيشنل ڪانگريس ۽ آل انڊيا مسلم ليگ انهيءَ راءِ تي متفق ٿي ويئون آهن، پر ان هوندي به مسٽر جيرامداس ۽ ان جا ساٿي هندو مهاسڀا جي معرفت سنڌي مسلمانن جي خلاف ساري هندستان ۾ زهر ڦهلائيندا رهن ٿا، ۽ نتيجو اهو نڪتو آهي ته هندستان جي ٻن وڏين قومن جي وچ ۾ هندستان جي آزاديءَ ۽ حقن بابت ڪو فيصلو نه ٿي سگهيو آهي.

خوشيءَ جي ڳالهه آهي ته سنڌ ۾ ڪيترا آزاد خيال ۽ وطن پرست غير مسلم جهڙوڪ مسٽر پيتداس منگهارام، مسٽر چيتمل پرسرام، سوامي گووند آنند، جمشيد ميهتا وغيره، انهيءَ نقصان رسائيندڙ پروپيگنڊا جي نتيجن کي محسوس ڪرڻ لڳا آهن، جو مسٽر جيرامداس جي تحريڪ کان هندستان جي آزادي ۽ ترقيءَ کي پهچي رهيو آهي. ان ڪري انهن اها ڪوشش پئي ڪئي آهي ته مسلمانن سان نهي، ان سوال جو ڪو خاطرخواهه فيصلو ڪيو وڃي.

هندستان جي مسلمان ليڊرن هميشه سنڌ جي هندو ليڊرن کي يقين پئي ڏياريو آهي ته سنڌ جدا ڪرڻ جي حالت ۾ هندن جي حقن جي حفاظت لاءِ ڪين جيڪي ضمانتون گهرنديون، سي هو ڏيڻ لاءِ تيار هئا، بشرطيڪ ساڳئي قسم جا حق ۽ ضمانتون مسلمانن کي انهن پرڳڻن ۾ ڏنيون وڃن، جن ۾ مسلمان گهٽ تعداد ۾ رهن ٿا.

ٻه-چار ڏينهن ٿيا ته سوامي گووند آنند صدر صوبه ڪانگريس ڪميٽي، سنڌ، جي صحيح سان اخبارن ۾ هڪ اعلان شايع ٿيو هو ته هندن کي جيڪڏهن

سنڌ جي آئينده ڪائونسل ۾ چاليهه في صدي عيوضيءَ جو حق ۽ ڪي بيا حق ڏنا وڃن ته سنڌ جا هندو سنڌ جي جدا صوبي ڪرڻ جي تجويز ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ تيار هئا.

سوامي گووند آنند جي انهيءَ رٿ تي غور ڪرڻ لاءِ سنڌ نئشنل ليگ جي ميٽنگ ڪراچيءَ ۾ مسٽر ٽيڪمداس واڌومل جي جاءِ تي ڪالهه ١١ بجي صبوح جو گڏ ٿي، جنهن ۾ ٽيهه کن هندو مسلم اڳواڻ شريڪ ٿيا هئا. ميٽنگ رات جو ١٠ بجي ٻائين هلي، ختم ٿي. ان ۾ شريڪ ٿيل هندو مسلم اڳواڻن گڏجي هڪ پئڪٽ ڪيو آهي، جو اسان کي ملڻ بعد شايع ڪيو ويندو.

ان عهدنامي جا مکيه شرط هيٺ ڏجن ٿا:

(١) سنڌ جو جدا صوبو ٿيڻ ۽ گڏيل چونڊن جو سرشتو ساڳئي وقت عمل ۾ آندا ويندا.

(٢) سيني جاتين کي ڪائونسلن ۾ عيوضين چونڊڻ جو حق تعداد موجب ڏنو وڃي. پر جيڪڏهن پين صوبن ۾ ننڍي تعداد واريون جاتيون پنهنجي تعداد کان وڌيڪ عيوضي موڪلڻ جو حق گهرن، ته پوءِ سنڌ جي غير مسلم جاتين کي سندن تعداد کان ڏهه في صدي وڌيڪ عيوضي ڏنا وڃن، ۽ باقي جايون مسلمانن لاءِ مخصوص رکيون وڃن.

(٣) مسلمانن ۽ غير مسلمانن جي عيوضين جو تعداد مقرر هوندو، پر انهن کي هندو مسلم ووٽر گڏجي چونڊيندا.

(٤) قاعدي جي نظر ۾ هندو مسلمان برابر هوندا ۽ نوڪرين ۾ ٻنهي جاتين سان انصاف ڪيو ويندو.

(٥) مذهب بدلائڻ، مسجدن اڳيان باجن وڄائڻ، ڳئو ڪشي جي سوالن تي ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جا فيصلا بحال رهندا.

(٦) جا رٿ خاص فرقي سان تعلق رکندي هوندي، ان فرقي جي عيوضين جا ٽي پاڱي چار حصا، جي ان جي خلاف هوندا، ته اها رٿ عمل ۾ اچي نه سگهندي. ڪا رٿ فرقيوار آهي يا نه، ان جو فيصلو اسيمبليءَ جي هڪ ڪاميٽي ڪندي.

اهي شرط آهن، جي سنڌ جي تاريخ ۾ پهريون دفعو هندو مسلمانن جي وچ ۾ فيصل ٿيا آهن. انهيءَ ٺاهه تي ٽيهارو کن هندو مسلم ليڊرن صحيحون وڌيون آهن. وڌيڪ صحيحن وٺڻ جي ڪوشش جاري آهي."

اهو پئڪٽ ٢٠- جون ١٩٢٨ع تي الوحيد اخبار ۾ مفصل ڇپيو، جنهن جو لب لباب اڳيئي ڏنل آهي، تنهنڪري ان جو ٻيهر تفصيلوار احوال هتي آڻڻ ضروري نه آهي. فقط ان پئڪٽ تي صحيح ڪندڙن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا:

(١) مسٽر سنتداس منگهارام، وڪيل، حيدرآباد.
(٢) مسٽرجمشيدنسروانجي ميهتا، پريزيڊنٽ، ڪراچي ميونسپالٽي.
(٣) مسٽر نارائنداس انندجي، ايم. ايل. سي، ڪراچي.
(٤) مولوي محمد صديق صاحب، کڏو مدرسو، ڪراچي.
(٥) مسٽر ڪي. پنيا، ايڊيٽر "سنڌ آبزرور"، ڪراچي.
(٦) قاضي عبدالرحمان، وائيس چيئرمن، اسڪول بورڊ ڪراچي.
(٧) سيٺ حاجي عبدالله هارون ايم. ايل. اي، ڪراچي.
(٨) شيخ عبدالمجيد صاحب سنڌي، ڪراچي.
(٩) مسٽر جيٺمل پرسرام گلراجاڻي، ڪراچي.
(١٠) چيتو مل ڪ. ٽڏاڻي، ڪراچي.
(١١) قاضي عبدالقيوم، حيدرآباد.

Gul Hayat Institute

(١٢) وشنو شرما، ايڊيٽر ”هندو جاتي“، ڪراچي.
(١٣) مير الهه بخش ٽالپر، ايڊيٽر ”الوحيد“، ڪراچي.
(١٤) سوامي گووند آنند، ايڊيٽر ”اخبار ڪيسيره“، ڪراچي.
(١٥) مسٽر پرسرام ٿهلراماڻي، ڪراچي.
(١٦) لوڪو مل پريتمداس، مئنيجر ”هندو جاتي“ اخبار ڪراچي.
(١٧) لعل چند امر ڏنو مل جڳتياڻي ڪراچي.
(١٨) مسٽر رستم خورشيد سڌوا، ڪراچي.
(١٩) مسٽر ڪيولرام موٽواڻي، ڪراچي.
(٢٠) سيد جمال الدين حسن بخاري، ڪراچي.
(٢١) غلام حسين غفور پائي، ڪراچي.
(٢٢) ٽيڪمداس واڌو مل، ڪراچي.
(٢٣) دين محمد عليگ، مئنيجر ”الوحيد“، ڪراچي.
(٢٤) مسٽر ايم- ايم- ڪرپالاڻي، ڪراچي.
(٢٥) مولانا دين محمد وفائي، ڪراچي.
(٢٦) مکي هرڪشنداس، حيدرآباد سنڌ.

هن سمجهوتي تي شيخ عبدالمجيد صاحب سنڌيءَ الوحيد اخبار جي ايڊيٽوريل ۾ هيٺينءَ طرح راءِ ظاهر ڪئي:

”خدا جو شڪر آهي ته سنڌ جا هندو اڳواڻ سنڌ کي جدا پرڳڻي ڪرڻ جي سوال تي متفق ٿيڻ لڳا آهن. مون کي اميد آهي ته سنڌ جا هندو ۽ مسلم اڳواڻ انهيءَ ناهه تي پورو غور ۽ خوض ڪري، پنهنجو رايو ظاهر ڪندا.“

سنڌ جو سوال هندستان جي آزاديءَ ۽ اتحاد جي سوال سان ڳنڍيو پيو آهي.

ساري ايشيا ۾ جي حالتون پيدا ٿي رهيون آهن، سي انهيءَ ڳالهه جي تقاضا ڪري رهيون آهن ته هندستان ۾ آزاديءَ جي هلچل کي پوريءَ قوت سان

Gul Hayat Institute

هلايو وڃي، ۽ سنڌ کي جدا پرڳڻي ڪرڻ جي سوال کي ٻن قومن جي وچ ۾ نفاق پيدا ڪرڻ جو سبب نہ بنايو وڃي. تاهم موجب جي رعايتون هندن کي ڏنيون ويئون آهن، تن کان وڌيڪ رعايتون ڏيڻ ناممڪن آهي.

پر سنڌ جي آئينده ترقيءَ ۽ سڌاري جو سوال سنڌ کي جدا پرڳڻي ڪرڻ سان ڳنڍيو پيو آهي، تنهنڪري سنڌ جي فائدي خاطر مسلمانن کي اهي رعايتون ضرور ڏيڻ گهرجن — خاص ڪري جڏهن ٻين پرڳڻن جا مسلمان، جي گهٽ تعداد ۾ آهن، سي هندن کان ساڳئي قسم جون رعايتون گهري رهيا آهن.

آءُ ذاتي طرح ڪنهن بہ پرڳڻي ۾ ڪنهن بہ ننڍي تعداد واريءَ قوم کي خاص رعايتن ڏيڻ جي خلاف آهيان. سڀني قومن کي پنهنجن پرڳڻن جي ڪائونسلن ۾ عيوضپڻي جو حق فقط تعداد موجب ڏيڻ گهرجي. پر جيڪڏهن تعداد کان مٿي عيوضپڻي جو اصول تسليم ڪيو وڃي، تہ پوءِ اهو اصول سڀني پرڳڻن سان هڪجهڙو لاڳو ٿيڻ گهرجي.

لکنو پئڪٽ موجب جيئن اڄ آهي تيئن هندستان جي ڪنهن بہ پرڳڻي جي ڪائونسل ۾ مسلمانن جي ڪثرت راءِ نہ رهي آهي. پر هندستان جي هندن سان جيڪو نئون ٺاهہ اسان ڪرڻ گهرون ٿا، تنهن موجب:

(۱) سنڌ کي جدا پرڳڻو ڪيو ويندو، ۽ ان کي ساڳيا حق ڏنا ويندا، جيڪي ٻين پرڳڻن کي ملندا، ۽ سنڌ جي قانون ساز اسيمبليءَ ۾ اسان جو تعداد سٺ في صديءَ کان گهٽ نہ ٿيندو.

(۲) نارٿ ويسٽرن فرنٽيئر صوبي کي بہ جدا پرڳڻو

Gul Hayat Institute

ڪيو ويندو ۽ ان ۾ مسلمانن جو تعداد هندن کان تمام گهڻو آهي.

(٣) برٽش بلوچستان کي به جدا پرڳڻو ڪيو ويندو ۽ ان جي ڪائونسل ۾ به اسان جو تعداد تمام وڌيڪ رهندو.

(٤) پنجاب جي ڪائونسل ۾ به مسلمانن جو تعداد وڌيڪ رهندو.

(٥) بنگال ڪائونسل ۾ به مسلمانن جو تعداد وڌيڪ رهندو.

(٦) جيڪڏهن پرڳڻن ۾ ننڍين تعداد وارين قومون عيوضيٽي جو وڌيڪ حق گهرنديون، ته پوءِ مرڪزي قانون ساز ڪائونسل ۾ به گهٽ تعداد جي مسلمانن کي وڌيڪ حق ڏنو ويندو.

(٧) باقي پنج پرڳڻا رهيا، جيئن ته بمبئي، مدراس، يو پي، سي پي ۽ بهار جنهن ۾ هندن جو تعداد مسلمانن کان تمام گهڻو آهي، پر انهن پرڳڻن ۾ مسلمانن کي وڌيڪ عيوضيٽي جو حق ڏنو ويندو، جيڪڏهن سنڌ ۽ ٻين پرڳڻن ۾ هندو پنهنجي لاءِ وڌيڪ حق گهرندا.

(٨) هندو ۽ مسلمان ووٽرن کي نه فقط هندن جي عيوضين کي، پر مسلمان عيوضين کي به گڏجي چونڊڻو پوندو.

(٩) سيني ڪائونسلن ۾ مسلمان ۽ غير مسلمان عيوضين جو تعداد مقرر هوندو.

منهنجي خيال ۾ اهو ئي هندستان جي ٻنهي وڏين قومن، هندن ۽ مسلمانن، لاءِ انصاف وارو ٺاهه آهي، جو ملڪ جي هرهڪ خيرخواه ۽ آزادي چاهيندڙ کي قبول ڪرڻ گهرجي، ۽ انهيءَ ٺاهه پٽاندر جڏهن ٻئي قومون گڏجي ڪوشش ڪنديون، تڏهن پنهنجي ملڪ کي آزاد ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿي وينديون. هندستان

Gul Hayat Institute

جي آزادي ساري ايشيا جي آزاديءَ جي هم معنيٰ آهي، جنهن ۾ ڪيترا اسلامي ملڪ به اچي وڃن ٿا."

هن سنڌ جي قوميٰ سمجهوتي جو ذڪر نهرو ڪميٽيءَ جي رپورٽ ۾ ٿيل آهي. ان سمجهوتي لکنو ڪنوينشن وقت ڳالهين ۾ گهڻي مدد ڪئي.

ڊسمبر ١٩٢٨ع تي، آل انڊيا مسلم ليگ جو اجلاس، راجا محمود آباد جي صدارت هيٺ، ۽ آل انڊيا ڪانگريس جو اجلاس پنڊت موتيلعل نهرو جي صدارت هيٺ، ۽ آل انڊيا خلافت ڪميٽيءَ جو اجلاس مولانا محمد عليءَ جي صدارت هيٺ، ڪلڪتي ۾ ڪوٺايا ويا. سنڌ مان شيخ عبدالمجيد ۽ مير محمد بلوچ اتي ويا. جيتوڻيڪ ٽنهي جماعتن ۾ ٻين ڪيترن سوالن تي اختلاف ٿيا، ليڪن سنڌ جي جدائيءَ واري سوال تي سڀئي جماعتون متفق هيون.

ڪلڪتي مان مسلمان ڊيليگيٽ موٽي دهليءَ ۾ آيا— آل انڊيا مسلم ڪانگريس جا هزهائينس سر آغا خان جي صدارت هيٺ ٣١- ڊسمبر ١٩٢٨ع تي ڪٺي ٿي رهي هئي، آتي صوبائي ۽ مرڪزي اسيمبلين جا مسلم ميمبر شرڪت لاءِ آيل هئا. ان ڪانفرنس ۾ جناح صاحب ۽ نهرو رپورٽ جا طرفدار ميمبر شامل نه ٿيا. هن آل انڊيا مسلم ڪانفرنس ۾، پهرين جنوري ١٩٢٩ع تي هڪ ٺهراءُ پاس ٿيو، جنهن ۾ هندستان جي مسلمانن جون جملي گهرون ڄاڻايل هيون. اهو ٺهراءُ آئينده هلي مسلم گهرن جي بنياد طور ڪم اچڻ لڳو. جناح صاحب جو ١٤ نڪتن وارو پوءِ وارو مسودو به ان جي بنياد تي تيار ٿيو. ان ڪانفرنس ۾ سنڌ مان سيد ميران محمد شاهه، ميان عبدالحميد پٺاڻ سکر وارو، حاجي مير محمد بلوچ ۽ حاجي عبدالله هارون شريڪ ٿيا هئا. ان ٺهراءُ ۾ سنڌ جي جدائيءَ جو سوال شامل ٿيل هو.

Gul Hayat Institute

٢٦- مئي ١٩٣٠ع تي خانبهادر محمد ايوب کھڙي سيد علي محمد شاهہ راشديءَ جي مدد سان هڪ ڪتاب ”سفرنگ آف سنڌ“ نالي سان ڇپائي پڌرو ڪيو، جنهن ۾ نهايت مدلل طريقي سان سنڌ جي جدائيءَ لاءِ ڪيس پيش ڪيو ويو هو. اُن ڪتاب جو تت، ان مان ورتل مکيہ اقتباسن سميت هيٺ پيش ڪجن ٿا:

پيش لفظ:

”گذريل ٨٣ ورهين جني سنڌ تي بمبئيءَ جي تسلط ذري گهٽ ان کي تباهيءَ جي ڪناري تي آڻي ڇڏيو آهي. جنهنڪري سنڌ جي رهاڪن مجبور تي ان غير فطري ڳانڍاپي خلاف بغاوت ڪئي آهي. هاڻ بہ جي جلد ان کي بمبئيءَ کان جدا ڪري علحده صوبو نہ بنايو ويو، تہ ان کي وڏيڪ نقصان پهچندو. سنڌ جي هرهڪ سچي فرزند جو ان حالت ۾ فرض آهي، تہ ان جي آزاديءَ لاءِ هرقرباني ڪرڻ لاءِ تيار رهي. اڃا وقت نہ آيو آهي تہ تشدد جو استعمال ڪجي. اسان درخواستن، دليلن ۽ حجتن جي ذريعي پنهنجو طرف پيش ڪري، مقصد حاصل ڪري سگهون ٿا. منهنجي خيال موجب موجوده حالتن هيٺ اسان تشدد استعمال ڪري سگهڻ جهڙا نہ آهيون. نہ ان ذريعي ڪاميابيءَ جي اميد آهي، جيتوڻيڪ اسان مان هرهڪ تنگ ٿي پيو آهي.

”اها ڳالهه صاف ظاهر آهي ته جڏهن اسان سنڌ جي ٻچي ٻچي ۾ آزاديءَ جو جذبو پيدا ڪري سگهياسون ته پوءِ دنيا جي ڪابه طاقت ان کي زوراءِ غلاميءَ ۾ رکي نه سگهندي.

”آزاديءَ جي حصول ۾ اسان کي گهڻيئي مشڪلاتون درپيش اينديون، پر جيڪڏهن اسان صحيح مقصد لاءِ سچي جذبي سان ڪم ڪنداسون، ته سڀني رنڊڪن کان لنگهي پار پئي، سنڌ کي آزاد ڪرائي سگهنداسون. بمبئيءَ سان سنڌ جي ڳانڍاپي اسان کي زندگيءَ جي هر معاملي ۾ تباهه ڪري ڇڏيو آهي.

”سنڌ تاريخ جي هر دؤر ۾ جداگانه حيثيت رکي آهي، ۽ حق خود اراديءَ جي بنياد تي هاڻ به آزاديءَ جي حقدار آهي. آزادي سنڌين جي جنم جو حق آهي؛ تنهنڪري هرهڪ سنڌيءَ جو فرض آهي ته ان کي بمبئيءَ جي غلاميءَ کان آزاد ڪرائي. آءٌ سنڌ جي آزاديءَ لاءِ هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهيان.

”ڪي ماڻهو آهن، جن کي بمبئيءَ سان گڏ رهڻ ڪري فائدا حاصل ٿيا آهن، سي طرح طرح جا دليل ڏيئي، موجوده حالتن کي برقرار رکڻ گهرن ٿا. اهڙن گروهن جي جواب ۾ هي ڪتاب لکيو اٿم.

آخر ۾ آءٌ فيصلہ ڪندڙ اختياريءَ وارن کي ذهن نشين ڪرڻ گهران ٿو ته سنڌي هاڻ فيصلو ڪري چڪا آهن ته ڪهڙيءَ طرح سان هو ان غلاميءَ کان آزادي حاصل ڪندا. اهو سنڌن لاءِ زندگيءَ ۽ موت جو سوال آهي؛ تنهنڪري ڪين، انصاف ۽ حق جي نالي ۾، پرزور عرض ڪندس ته سنڌ جي غلاميءَ جي زنجيرن ٽوڙڻ لاءِ جلد ۾ جلد فيصلو ڪن.“

Gul Hayat Institute

سنڌ جي جدائيءَ لاءِ تاريخي ثبوت:

” (١) جيتري قدر تاريخي ثبوت ميسر ٿي سگهيو آهي، ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌ اڪثري پنهنجي حاڪمن جي هٿ هيٺ علحده حڪومت رهي آهي، پر جڏهن ڌارين جو قبضو مٿس ٿيو آهي، تہ بہ جدا صوبائي حيثيت قائم پئي رهي اٿس. اڳين ڏينهن ۾ سنڌ جا گورنر، الور، برهمن آباد، منصوره، سيوهڻ ۽ نيرون ڪوٽ جي هيڊڪوارٽرن ذريعي حڪومت ڪندا هئا.

” (٢) سڪندر اعظم ۽ راءِ گهرائي جي وچ واري عرصي بابت ڪا محقق تاريخي ثابتي ملي نہ سگهي آهي، پر ڏسجي ٿو تہ سنڌ ان وقت بہ جدا هستي قائم رکندي آئي، جو ان جي خلاف ڪوبہ ثبوت نٿو ملي. سڪندر اعظم جي سفر جو احوال سندس ڪمانڊر جو لکيل ميسر ٿي سگهيو آهي، ان مان بہ پتو پوي ٿو تہ سنڌ انهن ڏينهن ۾ بہ جدا ملڪ جي حيثيت رکندڙ هئي.

”(٣) عرب جاگرافي دان، ابوالقاسم بن خرداذ بہ جنهن جو عرب حڪومت جي زماني ۾ وڏو درجو هو، سو سندس ڪتاب ”ڪتاب المسالڪ و الممالڪ“ (رستن ۽ ملڪن جو ڪتاب) ۾ هيئين‌ءَ طرح سنڌ بابت لکي ٿو:

’سنڌ ۽ ايران جي حد نرمانشور تي مقرر ٿيل آهي. سنڌ جي حڪومت هيٺين ايراضين تي مشتمل آهي: ڪزبان (مڪران جو شهر)، مڪران، قنڌار، ڪاسران جو (موجوده سنڌ جو ڪو شهر)، نوڪان (هي شهر طوس نيشاپور جي پر ۾ هو)، قندابيل، آرام بيل، ڪنابزون، ڪنابلي، سبان، سدوسان، ديبل، رسڪ، الور، وندن، ملتان، سنڌان، مبذل، سلمان، ميراست، ڪرخ، روملا، ڪولي، قنوج ۽ بروچ. اهي سڀ ملڪ

۽ شهر هڪ حاڪم جي هٿ ۾ هئا، جنهن جا هيڊڪوارٽر ديبل ۽ الور رهندا رهيا.[۸]

"ان حوالي مان صاف ثابت ٿئي ٿو ته سنڌ جي حڪومت جي ڏکڻ طرف ملڪ پروچ، اتر طرف قندابيل (ڪشمير)، الهندي طرف نرمانسرا (ايران) هئا.

"ان ڪتاب جي مصنف سن ۳۰۰ هه مطابق سن۹۱۲ع ۾ وفات ڪئي آهي، جنهن کي هڪ هزار ورهين کان به وڌيڪ عرصو گذري ويو آهي. ڪتاب ضرور ڪيترا سال سندس وفات ۽ کان اڳ لکيو هوندائين."

"(۴) مشهور تاريخ نويس مسعودي سندس ڪتاب 'مرج الذهب' ۾ هينئن طرح لکي ٿو:

'قديم زماني کان وٺي سنڌ هميشه سندس حاڪمن جي هٿ هيٺ جدا ملڪ جي حيثيت ۾ پئي رهي آهي' اڳين تاريخ نويسن سنڌ ۽ هند کي هميشه جدا پئي شمار ڪيو آهي. ان جو پتو مسعوديءَ جي هينئين رمارڪ مان پوي ٿو:

'هند ملڪ جون حدون جبلن طرف خراسان تائين پکڙيل آهن ۽ سمنڊ طرف ملتان تائين مقرر ٿيل آهن، جتان سنڌ جي حڪومت شروع ٿئي ٿي. انهن ٻنهي ملڪن جي زبانن، مذهبي اعتقادن ۾ وڏو تفاوت آهي. انهن ملڪن جي حڪومتن ۾ اڪثري اختلاف رهي ٿا. قنوج جو راجا ٻلها راء سنڌ جي راجائن جي خاندان مان آهي. ڪشمير به سنڌي حڪومت جو صوبو آهي. سنڌ جي زبان هندستان جي زبانن کان علحده آهي.'

"اهو ڪتاب مسعودي سن ۳۳۰ هه ۾ لکيو آهي، جو ان کان پوء جي تاريخ نويسن اڪثري سنڌ طور پئي ڪتب آندو آهي.

”(٥) شيخ ابو اسحاق، جو استخريءَ جي لقب سان مشهور آهي، ان بہ سندس ’ڪتاب الاقاليم‘ ۾ سنڌ جون حدون هيٺينءَ طرح ظاهر ڪيون آهن:

’سنڌ جي جدا ملڪ جون حدون ملتان کان وٺي مڪران تائين شمار ڪيون وڃن ٿيون.‘

”(٦) لکنو جي شاهي ڪتبخاني ۾ هڪ جهونو قلمي ڪتاب ’اشڪال البلاد‘ نالي سان رکيل آهي، جو سن ٥٨٩هہ ۾ لکيو ويو آهي. ان ۾ سندس مصنف لکي ٿو تہ

’سنڌ ۽ ان سان ملحق ملڪن جو نقشو مون علحده ڏنو آهي.‘

”اهو نقشو پوءِ سر ايليٽ ”هسٽري آف انڊيا“ جي پهرئين جلد ۾ ڏنو آهي. ان ۾ ڏيکاريل آهي تہ سنڌ جي ڏکڻ ايرندي طرف سمنڊ ۽ ايران آهن ۽ اتر طرف هندستان اٿس.“

”(٧) ڪتاب ’جميعت التواريخ‘ ۾ ان جو مصنف رشيد الدين لکي ٿو تہ

’هند ملڪ جي هڪ طرف چين ۽ ماچين آهن ۽ ڏکڻ الهندي طرف سنڌ جو ملڪ ۽ سمنڊ آهن.‘

”(٨) مشهور تاريخ نويس الادريسي، سندس ڪتاب ’نظهر مشتاق‘ ۾ هيٺينءَ طرح لکي ٿو:

’سنڌ جي ملڪ کي پنهنجي جدا حڪومت آهي؛ سرمان، نيرون، ديبل ۽ ٻيا شهر ان ۾ داخل آهن. مهل جو ملڪ سنڌ ۽ هند جي وچ ۾ آهي.‘

”(٩) ’چچنامہ‘، جو اصل عربيءَ ۾ لکيل هو، جو ميرزا قليچ بيگ انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي، ان ۾ سنڌ جون حدون هيٺينءَ طرح ڏيکاريل آهن:

’تواريخ نويسن سنڌ جي گاديءَ الور کي سنڌ ۽ هند جي مکيہ شهرن مان شمار ڪيو آهي، جو محلاتن،

Gul Hayat Institute

عمده عمارتن، باغن ۽ طرح طرح جي چمڻ سان سينگاريل هو. ان جو بادشاهه راءِ سهاسي هو. ان جي حڪومت جون حدون ڪشمير، مڪران ۽ سمنڊ تائين پکڙيل هيون. ديبل ۽ ڪاروان جا شهر به ان جي هٿ هيٺ هئا.

”(١٠) سنڌ جي مشهور تاريخ نويس، مير محمد معصوم شاهه، ’تاريخ معصومي‘، لکي آهي جنهن ۾ هن سنڌ جي حاڪمن جو ذڪر، راجا ڏاهر ۽ عربن جي حڪومتن کان وٺي مغلن جي حڪومت جي دؤر تائين، ڪيو آهي، ان ۾ هن ظاهر ڪيو آهي ته ان ساري عرصي ۾ سنڌ جو ملڪ علحده رهيو آهي، جنهن ۾ مکيه شهر الور، برهمڻ آباد، سيوهڻ ۽ ٺٽو ڏيکاريا اٿس.

”(١١) اميه ۽ عباسي عرب شهنشاهن جي دور حڪومت ۾ به سنڌ جا گورنر جدا مقرر ٿيندا هئا.

”محمود غزنويءَ جي دور حڪومت ۾ به سنڌ کي علحده صوبي جي حيثيت ۾ شمار ڪيو ويندو هو.

”ان کان پوءِ سنڌ مڪاني حاڪمن سومرن ۽ سمن جي هٿ هيٺ سن ١٠٥١ع کان سن ١٥١٦ع تائين رهي، جنهن عرصي ۾ اڪثري سنڌ جي حڪومت آزاد رهي، سواءِ وقتي حملن ۽ ٻاهرين دست اندازين جي.

”ان کان پوءِ سن ١٥١٩ع ۾ سنڌ تي ارغون گهراڻي جو تسلط قائم ٿيو، جن جي ڏينهن ۾ به ان جو وجود علحده رهيو. سنڌن ڳاديءَ جو هنڌ ٺٽو هو.

”ارغونن کان پوءِ ترخان گهراڻي لئي ۾ سنڌ جي حڪومت ڪئي.

”انهن کان پوءِ اڪبر بادشاهه جي ڏينهن ۾ دهليءَ

Gul Hayat Institute

جي مغل شهنشاهن سنڌ تي تسلط قائم ڪيو، جن جي دور حڪومت ۾ به سنڌ جا گورنر جدا مقرر ٿيندا هئا.

”مغلن جي حڪومت ڪمزور ٿيڻ بعد ميان يار محمد خان ڪلهوڙي طاقت ورتي، سنڌ تي حڪومت قائم ڪئي. سن ١٧٠٠ع جي اول ۾ اهو پهريون سنڌي گورنر مغل شهنشاهن جو مقرر ٿيو، ان کان پوءِ ڪجهه وقت ڪلهوڙه خاندان جي سنڌ تي حڪومت رهي، جن کان ٽالپرن حڪومت ورتي، جي ٻئي گهراڻا سنڌ جا نيم آزاد حاڪم ٿي رهيا.

سنڌ کي ١٨٤٣ع ۾ انگريزن جي جنرل، سر چارلس نيپئر، فتح ڪري، برٽش سلطنت جي ماتحت ڪيو. ان جي ڏينهن ۾ سن ١٨٤٧ع تائين سنڌ جدا صوبي جي حيثيت ۾ رهي، جنهن کان پوءِ ڪن مصلحتن جي بنا تي سنڌ کي بمبئي صوبي سان گڏيو ويو.

”(١٢) اهو ته سنڌ جي تاريخي دور جو احوال آهي، ليڪن آثار قديمه جي کوٽائيءَ ذريعي موهن جي دڙي مان حاصل ڪيل معلومات جي بنياد تي چئي سگهجي ٿو ته سنڌ جو ملڪ گذريل ٥٠٠٠ پنج هزار سالن کان تهذيب ۽ تمدن جو مرڪز رهيو آهي.“

سنڌ ۽ بمبئي ۾ اختلاف:

سنڌس ڪتاب ۾ خانبهادر کهڙو سنڌ ۽ بمبئي ڪاتي جي اختلافن تي مفصل تبصرو ڪندي، ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ٿو ڪري ته اهي هڪٻين کان پري آهن. وچ ۾ وڏو رڻ پٽ کين جدا ڪري رهيو آهي. سندن آبهوا مختلف آهي. سندن رهاڪن جي طرز معاشرت علاحده هئي — هڪ ۾ بارش تي آبادي ٿيندڙ هئي، ته ٻئي ۾ دريا جي سيلاب ۽ واهن تي، وغيره.

زراعت:

پوءِ ان ڪتاب ۾ سنڌ ۽ بمبئيءَ جي زراعتي اختلافن

تي بحث ڪندي، بمبئيءَ جي ڊائريڪٽر آف اڳريڪلچر ڊاڪٽر هئرولڊ مئن، جي رپورٽ مان حوالو ڏيندي، کهڙي صاحب لکيو آهي ته ”سنڌ بمبئيءَ کان رڻ پٽ ڪري جدا آهي. هتي جي آبهوا مختلف آهي. بمبئيءَ ۾ بارش تي پوک ٿئي ٿي، ته سنڌ ۾ واهن ۽ سيلاب تي. اتي جا رهاڪو زبان، لباس، رسمن ۽ رواجن ڪري، بمبئيءَ جي رهاڪن کان مختلف آهن، وغيره.“

نسلي ۽ ڪلچرل اختلاف:

ان کان پوءِ خانبهادر پنهنجي ڪتاب ۾ سنڌين ۽ بمبئي پرڳڻي جي رهاڪن جي نسان ۽ ڪلچر جي مختلف هئڻ جو ذڪر ڪري، سيد ميران محمد شاهه، ميمبر بمبئي ڪائونسل، جي بمبئي صوبي طرفان سائيمن ڪميشن سان تعاون ڪرڻ واريءَ ڪميٽيءَ تي ڏنل اختلافي نوٽ ڪي حوالي طور پيش ڪري ٿو، ان مان هيٺيون اقتباس آندو ويو آهي.

> ”سنڌي بمبئي علائقي جي رهاڪن کان زندگيءَ جي طور طريقي، لباس، قومي روايات ۽ ڪردار ڪري جدا قومي حيثيت رکن ٿا. اهي بنسبت بمبئي جي، بلوچستان جي رهاڪن سان زياده مشابهت رکن ٿا.“

پوءِ خانبهادر سائيمن ڪميشن جي رپورٽ مان هيٺيون حوالو پيش ڪري ٿو:

> ”سنڌين جي زندگي ۽ تمدن هندستان جي ٻين صوبن کان علحده آهي. ان کي عرب ۽ عراق سان زياده مشابهت آهي، بنسبت بمبئيءَ جي رهاڪن جي.“

زبان جو اختلاف:

پوءِ خانبهادر پنهنجي ڪتاب ۾ سنڌ جي جدا زبان جو ذڪر ڪندي لکي ٿو: ”سنڌ جي جملي ايراضيءَ يعني ٥٢٩٢٤

Gul Hayat Institute

ميلن جي حد ۾، سنڌي ٻولي ڳالهائي وڃي ٿي. سنڌ جي ڪورٽ زبان به سنڌي آهي، سرڪاري دفترن جي اڪثر لکپڙهه سنڌيءَ ۾ هلائي وڃي ٿي. سنڌ ۾ تعليم سنڌي زبان ۾ ڏني وڃي ٿي، جنهن جا هزارها اسڪول آهن. ان زبان ۾ ڪيئي ڪتاب ڇپيل آهن، ۽ ان ۾ ڪيتريون اخبارون ۽ رسالا نڪرن ٿا. سنڌ جي ٽائيپ ۽ رسم الخط علحده آهي. ان ۾ شعر ۽ ۽ ادب جو اڪيچار خزانو آهي، جنهن ۾ شاهه لطيف وغيره جهڙا ڪلاسيڪل شاعر موجود آهن. ١٩٢٠ع ۾ انڊين نئشنل ڪانگريس هندستاني صوبن جي تنظيم جو اصول زبان جي بنياد تي قبول ڪيو آهي، ۽ انهيءَ وقت کان، باوجود بمبئيءَ سان الحاق جي، انڊين نئشنل ڪانگريس تي سنڌ طرفان علحده نمائنده چونڊي موڪليا وڃن ٿا."

لئنڊ روينيو ۽ آبپاشيءَ جا اختلاف:

ان کان پوءِ خانبهادر سنڌ ۽ بمبئيءَ جي لئنڊ روينيو سسٽم ۽ آبپاشيءَ جي مختلف دستورن جو مفصل ذڪر ڪري ٿو، جنهن کي طوالت جو باعث سمجهي، هتي پيش نٿو ڪيو وڃي.

Gul Hayat Institute

سنڌ جي مشڪلاتن جو ذڪر:

ان کان پوءِ خانبهادر بمبئي علائقي سان گڏ رهڻ ڪري، جي سنڌين کي مشڪلاتون درپيش اچن ٿيون، انهن جو مفصل بيان ڪري ٿو، جنهن جو لب لباب هيءَ آهي:

"(الف) سيني ڪاتن جا مکيه عملدار سنڌ کان ٨ سو ميل پري رهن ٿا، جن کي نه سنڌ جي مڪاني حالتن جو پتو آهي، نه ان جي زبان کان واقف آهن. سال ۾ ٿورا ٿيرا دوري ڪرڻ سان هو حالتن جو صحيح اندازو ڪرڻ کان قاصر رهيا آهن.

"(ب) ڏور دراز پنڌ تي صوبي جو هيڊڪوارٽر رهڻ ڪري اڪثر مکيه مسئلن ۽ لکپڙهه جي فيصل ڪرڻ ۾ تمام دير لڳي ٿي، جنهن ڪري ضروري سوال جلد فيصل نه ٿيڻ سبب نقصان جو باعث بنجن ٿا.

"(ج) وڏي پنڌ جي دوري ڪري صوبائي سرڪار جا اختيار ١٨٦٨ع جي ائڪٽ هيٺ سنڌ جي ڪمشنر کي سپرد ڪيا ويا آهن، جو ڪائونسل ۽ وزيرن جي دائري اثر کان بالاتر رهڻ ڪري، چڙواڳ حاڪم طور، حڪومت پنهنجي مرضي مطابق پنهنجن زيردست ڪامورن جي مدد سان هلائي رهيو آهي."

ان کان پوءِ خانبهادر ڪامورن جي ظلم، رسائي، رشوت جو، ۽ خاص ڪري پوليس کاتي جي ڏاڍاين جو ذڪر ڪري ٿو. ان ۾ سن ١٩٢٩ع ۾ سنڌ محمدن ائسوسيئيشن طرفان بمبئي جي گورنر کي ڏنل ائڊريس ۾ ڪيل ذڪر جو حوالو ڏئي ٿو.

ڪراچي بندر جي ترقيءَ ۾ رڪاوٽون:

ڪراچي بندر جو ذڪر ڪندي لکي ٿو ته اهو بندر اتر هندستان جي واپار لاءِ ولايت کي ويجهو ۽ زياده ڪارآمد ٿي سگهي ٿو، ليڪن ان کي بمبئي بندر جي مفاد خاطر نه سڌاريو وڃي ٿو ۽ نه ان جي جديد طرز تي تعمير لاءِ ڪوبه انتظام ڪيو ويو آهي. پوءِ سر چارلس نيپيئر جا ان بنسبت چيل الفاظ دهرائي ٿو ته "ڪراچي، سنڌ، پنجاب جو بندر، هندستان جو ليور پول ۽ مشرق جي زينت ٿي سگهي ٿو."

سنڌ جي آمدرفت جي ذريعن جي خراب حالت:

هن موضوع تي لکندي ظاهر ڪري ٿو ته سنڌ ۾ رستا تمام خراب حالت ۾ آهن. ڪراچيءَ کان سنڌ جي مکيه شهرن تائين موٽر يا لارين جي آمدرفت لاءِ ڪوبه رستو نه آهي،

جنهنڪري واپار ترقي ڪري نه سگهيو آهي. پوءِ بمبئيءَ جو مقابلو ڪري، ٻڌائي ٿو ته ان ۾ هر طرف پڪا رستا ٺهيل هئا. ان سلسلي ۾ سنڌ محمڊن ائسوسيئيشن طرفان بمبئي جي گورنر کي ڏنل اڊريس ۾ ذڪر ڪيل شڪايت جو احوال ڏئي ٿو، ۽ پوءِ ريلوي ۽ دريائي جهاز رانيءَ جو ذڪر ڪري ٿو.

سنڌ ۾ تعليم جيءَ گهٽتائيءَ جو احوال:

سنڌ ۾ مسلمانن جي ابتدائي تعليم طرف بمبئي سرڪار طرفان پوري توجهه نه ڏيڻ ڪري ناگفته به حالتن جو احوال ڪري، چوي ٿو ته ٣ سيڪڙو ماڻهو مس لکي پڙهي ڄاڻن ٿا، انگريزي تعليم لاءِ سرڪار طرفان هڪ به ڪاليج سنڌ ۾ کليل نه آهي، تنڪي ٻن ٽن ڪان سواءِ ڪي هاءِ اسڪول کوليا ويا آهن. پوءِ سرڪار طرفان تعليم لاءِ ائڊوائزري ڪاميٽي، جنهن کي ان جي چيئرمن جي نالي ڪري ”هارٽيگ ڪاميٽي“ سڏيو ويو، جو حوالو ڏيئي لکي ٿو ته ”سنڌ جي تعليم لاءِ بمبئي سرڪار طرفان ڪوبه خاطرخواه قدم نه کنيو ويو آهي، نه ڪين پوريون گرانٽون ڏنيون وڃن ٿيون، نه ان جي تعليم جي واڌاري لاءِ قدم کنيو وڃي ٿو.“

انهن شڪايتن بعد لکي ٿو ته انهن جي سدباب لاءِ ڪوبه انتظام ٿي نه سگهندو، جيستائين سنڌ کي جدا صوبو بنائي، حڪومت جي واڳ اتي جي رهاڪن جي حوالي نه ڏني ويئي آهي.

بمبئيءَ کان سنڌ جي عاحدگيءَ متعلق عام راءِ جو هيٺينءَ طرح تفصيلوار ذڪر ڪيو اٿس:

”(١) سر چارلس نيپئر جي وڃڻ بعد، جڏهن سنڌ کي بمبئيءَ سان ڳنڍيو ٿي ويو، ته ان جي پهرئين ڪمشنر مخالفت ڪئي هئي.

Gul Hayat Institute

”(۲) سيٺ هرچندراءِ وشنداس C. I. E.، آل انڊيا نئشنل ڪانگريس منعقده ڪراچي ۱۹۱۳ع ۾ پنهنجي استقباليه ڪميٽيءَ واري خطبي ۾ ظاهر ڪيو ته سن ۱۸۴۳ع ۾ برٽش سرڪار سنڌ فتح ڪري ان کي جدا صوبي جي حيثيت ۾ سر چارلس نيپئر، گورنر سنڌ جي هٿ هيٺ رکيو ۽ ان جي وچ ۾ بعد ڪن نامعلوم مصلحتن خاطر ۱۹۴۷ع کان ان کي بمبئي ڪاتي سان ڳنڍي ڇڏيو، جيڪا صورتحال اڄا تائين قائم رهندي اچي. سنڌ بمبئي کان جاگرافيائي ۽ نسلي طرح جدا صوبي جي حيثيت رکي ٿي، ليڪن باوجود ان جي، ان کي ڪمشنر سنڌ جي ماتحت ڪري، بمبئيءَ سان ڳنڍيل رکيو ويو آهي. جيتوڻيڪ سنڌ جي ڪمشنر جا اختيار بمبئي ڪاتي جي ٻين ڪمشنرن کان وڌيڪ، ذري گهٽ گورنر جهڙا آهن، تڏهن به گورنر کي ڪائونسل آهي، هن کي اها به نه آهي.“

”(۳) وري ساڳئي سيٺ صاحب سنڌ پراونشل ڪانفرنس طرفان هڪ وفد جي اڳواڻي ڪري، ۱۹۱۷ع ۾ سيڪريٽري آف اسٽيٽ فار انڊيا مسٽر مانٽيگو ۽ لارڊ چيمسفورڊ هندستان جي وائسراءِ کي ملي، هڪ درخواست پيش ڪئي، جنهن جي ڏهينءَ پئرا ۾ هيٺيون عرض ڪيائين:

’درخواست ڪندڙ وڌيڪ عرض ٿا ڪن ته سنڌ جا رهاڪو ۷۰ سالن تائين بمبئي ڪاتي جي غلاميءَ هيٺ رهيا آهن، جنهن ۾ مٿن ملڙي صوبن جهڙي حڪومت هلائي ويئي آهي؛ تنهنڪري سندن تقاضا آهي ته جيستائين سنڌ کي آزاد ۽ جدا صوبو بنائي ڪيس جدا ايگزيڪيوٽو ڪائونسل، چارٽرڊ هاءِ ڪورٽ ۽ جدا انتظامي مشنري ڏيڻ لاءِ سرڪار انتظام ڪري، ان کان اڳ هندستان کي نون سڌارن ڏيڻ وقت ڪم از ڪم سنڌ کي سڌو بمبئي جي گورنر ان ڪائونسل

جي ماتحت ڪيو ويو، ۽ سنڌ جي ڪمشنر کي جيڪي اختيار سن ١٩٦٨ع جي ائڪٽ هيٺ ڏنا ويا آهن، سي واپس وٺي ڪيس بمبئي جي ٻين ڪمشنرن جي ليول تي آندو ويو. بمبئي جي گورنر کي چند مهينن لاءِ ڪراچيءَ رهايو ويو. ايگزيڪيوٽو ڪائونسل جا ميمبر به سنڌ ۾ ايندا رهن، ۽ ڪم از ڪم هڪ دفعو گورنر جي ڪائونسل جو اجلاس ڪراچيءَ ۾ سڏايو وڃي.“

”(٤) انڊين نيشنل ڪانگريس پنهنجي ٤٢ اجلاس، منعقده مدراس، ١٩٢٧ع ۾، ڊاڪٽر مختار احمد انصاريءَ جي صدارت هيٺ هيءُ ٺهراءُ پاس ڪيو:

”ڪانگريس ان راءِ جي آهي ته هندستان ۾ صوبن جي ڦيرگهير جو سوال، مناسب تبديلين سان، يڪدم هٿ ۾ کنيو وڃي. جيڪو به صوبو زبان جي بنياد تي جدا ٿيڻ گهري، تنهن کي جدا ڪرڻ جو انتظام ڪيو وڃي. ڪانگريس جي راءِ آهي ته ان جي شروعات سنڌ کي جدا صوبي بڻائڻ سان ڪئي وڃي.“

”اهو ٺهراءُ پنڊت مدن موهن مالويه پيش ڪيو ۽ پاس ٿي ويو.

”(٥) آل انڊيا مسلم ليگ پنهنجي عليگڙهه واري اجلاس ۾ سنڌ جي جدا صوبي بڻائڻ لاءِ ٺهراءُ پاس ڪري گهر ڪئي آهي.

”(٦) دهليءَ ۾ آل پارٽيز ڪانفرنس ڪئي ٿي ۽ ان ۾ هيٺيون ٺهراءُ پاس ٿيو:

”هن ڪانفرنس جي راءِ آهي ته نئين آئين تحت وقت زبان جي لحاظ سان صوبن جي نئين سر جوڙجڪ

ڪئي وڃي، جهڙيءَ طرح آنڌرا، اتڪال، سنڌ، ڪرناٽڪ مرڪزي صوبہ هندي يا بهار صوبا، جي زبان جي نقطي نگاهه کان جدا ٿين جي گهر ڪن، بشرطيڪ
(الف) جدا ٿيندڙ صوبو مالي طور پاڻ پرو هجي؛
(ب) جدائيءَ جي تجويز سنڌس مالي جوابدارين سان صوبي جي رهاڪن اڳيان پيش ڪري ان جي اڪثريت کان پاس ڪرائي وڃي."

"(٧) ١٩٢٦ع ۾ جڏهن دهليءَ ۾ هندستان جي مرڪزي اسيمبليءَ ۽ ڪائونسل آف اسٽيٽ جا اجلاس ڪٺا ٿيا، تہ ان موقعي جو فائدو وٺي، هندو مسلمان ليڊرن گڏ ٿي، هندستان جي مستقبل جي آئين تي پاڻ ۾ صلاح مشورا ڪيا. سر سنڪران نائر، جو اڳتي هاءِ سائيمن ڪميشن سان مرڪزي اسيمبليءَ طرفان مقرر ٿيل، ڪميٽيءَ جو چيئرمن مقرر ٿيو، تنهن مسلمانن کان سنڌ مستقبل جي حق بابت تجويزن جي گهر ڪئي، جنهن تي جناح صاحب مسلم ليڊرن جي ميٽنگ سڏائي، ڪي تجويزون رٿيون، جن ۾ پين سوالن سان گڏ سنڌ جي جدائيءَ جي بہ گهر ڪيل هئي. انهن تجويزن تي هندو مسلمانن جي ڪثير تعداد رضامندو ظاهر ڪيو، جنهن کان پوءِ انڊين نيشنل ڪانگريس مدراس ۾ سنڌ جي جدائيءَ جو نهراءُ پاس ڪيو.

"(٨) آل پارٽيز ڪانفرنس طرفان هندستان جي آئين ناهڻ لاءِ پنڊت موتيلعل نهروءَ جي چيئرمنيءَ هيٺ هڪ ڪاميٽي مقرر ٿي، جنهن جيڪا تجويز تيار ڪئي، ان ۾ بہ سنڌ جي جدا صوبي بنائڻ جو اصول قبول ڪيل هو.

"(٩) اها تجويز آل پارٽيز ڪانفرنس منعقده لکنو ۾، ڊاڪٽر مختار احمد انصاريءَ جي صدارت هيٺ پاس ٿي، جنهن ۾ بہ سنڌ

"(١٠) ١٧- جولاءِ ١٩٢٨ع تي ڪراچيءَ ۾ هندو مسلم

قومي ڪارڪن گڏ ٿيا، جنهن ۾ سنڌ جي جدائيءَ جو اصول گڏيل چونڊن جي شرط سان قبول ڪيو ويو، ۽ وڌيڪ اهو به ظاهر ڪيو ويو ته سنڌي سنڌ جي جدائيءَ بعد خرچ برداشت ڪرڻ لاءِ تيار هئا.

”(١١) سنڌ محمدن ائسوسئيشن طرفان، جا سائيمن ڪميشن کي عرضداشت پيش ڪئي ويئي، ان ۾ هيئينءَ طرح ظاهر ڪيل هو:

’سنڌ جي بمبئي کاتي سان شموليت ڪنهن به طرح نهي ڪانه ٿي. اهو ميلاپ نسلي، جاگرافيائي، لساني، زراعتي يا ٻيءَ ڪنهن به هڪجهڙائيءَ تي ٺهيل نه هو. اهو اتفاقي حادثو هو، ته بمبئي جي لشڪر سنڌ کي فتح ڪيو، جنهنڪري ان کي ان ناموزون جوڙ ۾ ڳنڍيو ويو. بمبئي علائقي سان رهڻ ڪري سنڌ کي تعليمي، مالي، سماجي طرح گهڻو نقصان پهتو آهي. جنهن ڪري اها بمبئي کاتي جي رهاڪن کان سيڪنهن معاملي ۾ پوئتي رهجي ويئي آهي. انهن ۽ ٻين ڪيترن سببن ڪري هيءَ ائسوسئيشن ڪميشن کي پرزور سفارش ٿي ڪري ته سنڌ کي بمبئي کاتي کان علحده ڪري، ڪيس جدا اسيمبلي ڏني وڃي، ۽ جدا انتظامي مشنريءَ جي هيٺ هيٺ آندو وڃي. اها گهر سنڌ جي اڪثر رهاڪن جي آهي، جنهن ۾ مسلمان پارسي، ڪرستان ۽ قومپرست هندو به شريڪ آهن. هندستان جا سڀ مسلمان به آن گهر جي تائيد ۾ آهن. انڊين نئشنل ڪانگريس به ان تجويز جي اصول کي قبول ڪيو آهي.‘

”(١٢) دهليءَ ۾ آل انڊيا مسلم ڪانفرنس ٣١- ڊسمبر ١٩٢٨ع ۽ پهرين جنوري ١٩٢٩ع تي هزهائينس سرآغا خان

جي صدارت هيٺ ڪئي ٿي، جنهن ۾ هيٺيون ٺهراءُ ان بابت پاس ڪيو:

’جيئن ته سنڌ کي بمبئي علائقي سان نسلي، لساني، جاگرافيائي ۽ انتظامي نقطي نگاه سان ڪوبه لاڳاپو نه آهي، تنهنڪري هيءَ ڪانفرنس جو رايو آهي ته ان کي جدا صوبو بنائي، جدا اسيمبلي ڏني وڃي. هندو اقليت جي مناسب حقوق جي حفاظت پلي ڪئي وڃي. سنڌ اسيمبليءَ ۾ هندن کي اوتري نمائندگي ڏني وڃي، جيتري قدر مسلمانن کي مسلم اقليت وارن صوبن ۾ ڏيڻ جو اصول قبول ڪيو ويندو.‘

”(١٣) نومبر ١٩٢٨ع جي آل پارٽيز ڪنوينشن، منعقده ڪلڪته، اڳيان سنڌ جي مکيه عيوضين، جهڙوڪ سر حاجي عبدالله هارون، شيخ عبدالمجيد ۽ بابا مير محمد بلوچ، وغيره، هڪ دستاويز رکيو، جنهن جي، فقري ۾ هيٺينءَ طرح ڄاڻايو ويو هو:

’اسان جو چوڻ آهي ته سنڌ کي بمبئيءَ کان جدا ڪيو وڃي، ڇاڪاڻ ته سنڌين جي اڪثريت ان ڳالهه جي تائيد ٿي ڪري. آل پارٽيز جي ٺهراءُ نمبر ۴ ۾ مالي ۽ انتظامي ڳالهين جي پوراڻيءَ جو شرط وڌو ويو آهي، سو اهي رڪاوٽون ان جي راهه ۾ نه وجهڻ گهرجن.‘

”(١۴) ٢٧، ٢٨ ۽ ٢٩ ڊسمبر ١٩٢٨ع تي سکر ۾ خلافت ڪانفرنس جو اجلاس گڏ ٿيو، جنهن ۾ هيٺيون ٺهراءُ پاس ڪيو ويو:

’جنهن صورت ۾ سنڌ جي رهاڪن جي اڪثريت ان جي جدا صوبي بنائڻ لاءِ مالي ۽ انتظامي خرچ جو ذمو کڻڻ لاءِ تيار آهي، باقي ڪوٽ پورڻ لاءِ

مرڪزي حڪومت کي تيار رهڻ گهرجي؛ تنهنڪري
سنڌ جي جدائيءَ کي مالي ڀورائيءَ جي رنڊڪ سبب
روڪڻ جي هيءَ ڪانفرنس مخالفت ڪري ٿي."

"(١٥) آل انڊيا مسلم ليجسليٽرس ائسوسئيشن طرفان،
جو ميمورنڊم هند سرڪار کي پيش ڪيو ويو هو، ان ۾ سنڌ
بابت هيٺيون فقرو شامل هو:

ڀاسان پرزور گهر ٿا ڪريون ته سنڌ کي بمبئي
کان جدا صوبو بنايو وڃي."

"(١٦) بمبئي قانون ساز ڪائونسل سائمن ڪميشن
کي مدد ڪرڻ لاءِ هڪ ڪميٽي مقرر ڪئي هئي، جنهن سنڌ
جي جدائيءَ جي مخالفت ڪئي هئي، ليڪن ان جي خلاف
سنڌ جي جدا صوبي بنائڻ جي فائدي ۾ سيد ميران محمد شاهه
١٢ صفحن تي مشتمل هڪ جدا منٽ لکيو هو، جنهن ۾
هن مختلف دليلن سان، سنڌ جي جدائيءَ لاءِ جواز پيش
ڪيو هو.

"(١٧) ٣١- مئي ١٩٣٠ع تي سر شاهنواز خان ڀٽي
پريزيڊنٽ سنڌ محمدن ائسوسئيشن، حيدرآباد ۾ سنڌ جي مکيه
زميندارن جي ڪانفرنس سڏائي، ان ۾ سنڌ جي جدائيءَ لاءِ
نهراءُ پاس ڪرايو، جنهن کان پوءِ سنڌ جي مکيه شهرن مان
به نهراءُ پاس ٿيا.

ڪتاب ۾ اهڙيءَ طرح ٻيا به ڪيترائي مثال ۽ ثبوت
ڏيئي، سنڌ جي جدا صوبي بنائڻ جي ڪيس کي ثابت ڪرڻ
جي ڪوشش ڪيل آهي. ان کان پوءِ ڪتاب ۾ مسٽر جمشيد
نسروانجي ميهتا جي پمفليٽ جا حوالا آندا آهن، جنهن پمفليٽ جو
ذڪر مٿي ٻئي هنڌ آندو ويو آهي.

بعد ۾ ان ڪتاب منجهه سنڌ جي جدا انتظام تي بحث

ڪري ھي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪيل آھي تہ سنڌ جي جدا صوبي ۾ گورنر ۽ وزيرن کي ڪافي ڪم ٿيندو.

ان ڪتاب ۾ سنڌ کي بلوچستان سان گڏڻ جي بہ گھر ڪيل آھي، جنھن ۾ ان وقت ملٽريءَ جي حڪومت ھلي رھي ھئي، جنھن ڪري اتي جا ماڻھو زبون حالت ۾ ھئا.

وڌيڪ ان ۾ ائين بہ ڄاڻايو ويو آھي تہ زيارت يا ڪوئيٽا کي سنڌ جي ھِيل اسٽيشن ڪري ڪم آڻي سگھجي ٿو.

وڌيڪ ڪتاب ۾ ان ڳالھ جي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪيل آھي تہ سنڌ ننڍو صوبو نہ ٿيندو، بلڪ ھندستان ۾ ان کان بہ ننڍين ايراضين کي جدا انتظام ھيٺ ھلايو پيو وڃي، جھڙوڪ مارواڙ، اجمير، ڪورگ اھڙيءَ جدا يونٽ طور ھلايا پئي ويا.

ڪتاب ۾ سنڌ جي جدائيءَ جي مخالفت جي ٻن دليلن تہ (١) سنڌ لاءِ ماھر ۽ عمده آفيسر ملي ڪين سگھندا، ۽ (٢) سنڌين ۾ حڪومت ھلائڻ جي لياقت نہ ھئي، — تي بحث ڪري ثابت ڪيل ھو تہ آھي ٻيئي دليل اڻ پورا ھئا، ۽ سنڌ لاءِ ماھر ۽ عمده آفيسر ملڻ جي کوٽ نہ ٿيندي ۽ سنڌين ۾ حڪومت ھلائڻ لاءِ ڪافي لياقت موجود ھئي.

بعد ۾ بمبئي ڪائونسل طرفان سائيمن ڪميشن کي مدد ڪرڻ لاءِ مقرر ٿيل ڪاميٽيءَ جي رپورٽ ۾ ڄاڻايل ھيٺين اعتراض جو جواب ڏنو ويو آھي: ڪاميٽيءَ جو چوڻ ھو تہ

”جيڪڏھن سنڌ کي جدا صوبو بنايو ويو تہ ابتدا ۾ ڪيس پين صوبن جھڙا حق نہ ڏنا ويندا، تنھنڪري بمبئيءَ سان گڏ نہ رھڻ ڪري وڌيڪ حقن ملڻ جي، فائدي کان محروم رھجي ويندي.“

Gul Hayat Institute

ان جي خلاف سيد ميران محمد شاهه جي اعتراضي نوٽ مان هيٺيون ٽڪرو پيش ڪيل آهي:

”مون کي خبر نٿي پوي ته جڏهن صوبن کي حق خود ارادي جي بنياد تي جدا صوبي بنائڻ جو اصول عام طرح قبوليو وڃي ٿو، ته پوءِ ڪهڙن بنيادن تي ڪن صوبن کي وڌيڪ اختيار ۽ ڪن کي گهٽ اختيار ڏيڻ جي ڳالهه ڪئي وڃي ٿي؟ اها گهر رڳو سنڌ طرفان نه ڪيل آهي، پر آسام ۽ ٻين صوبن طرفان به جدا صوبو ڪرڻ جي تيل آهي. جيڪڏهن انهن کي جدا ڪيو ويندو، ته ڪهڙيءَ طرح اسان کي اهڙي حق کان محروم رکڻ جائز ٿيندو! جدا صوبن بنائڻ لاءِ جن ايراضين طرفان گهر ڪيل آهي، انهن مان برٽش بلوچستان ۽ اتر الهندي سرحدي ايراضيءَ طرفان به تقاضا ڪيل آهي. انهن ايراضين جي رهاڪن کي ته جمهوري اسيمبليءَ ۾ ڪم ڪرڻ جو تجربو به نه آهي. اهو تجربو اسان بمبئي ڪائونسل ۾ رهي پرائي ورتو آهي. پوءِ پتو نٿو پوي ته ڪهڙي اصول جي آڌار تي بمبئيءَ سان گڏ رهڻ جي حالت ۾ وڌيڪ حقن ملڻ جي ڳالهه ڪئي وڃي ٿي ۽ جدا رهڻ ڪري انهن جي گهٽجڻ جو ذڪر ڪيو وڃي ٿو؟ پر آءٌ ته بمبئيءَ جي غلاميءَ ۾ رهڻ ڪري وڌيڪ حقن ملڻ کان سنڌ جي جدا صوبه بنائڻ خاطر موجوده آئين تي به راضي رهڻ لاءِ تيار آهيان. آخر غلاميءَ کان ٿوري آزادي به بهتر آهي.“

ان کان پوءِ خانبهادر کهڙي، پروفيسر چبلانيءَ ۽ ٻين فرقه پرست هندن طرفان مالي ڪوٽ جي اعتراضن جا مفصل جواب ڏنا آهن، جنهن ۾ اهو ڄاڻايو ويو آهي ته معترض

طرفان ڏيکاريل ڪوٽ ڇاٽي واٽي وڌايل آهي، ۽ ڪجهه خرچ گهٽائڻ، ڪجهه ٽيڪس وڌائڻ ۽ ڪجهه عرصي لاءِ مرڪزي سرڪار کان سب-وينشن (Sub-vention) وٺڻ ڪري، سهوليت سان ان خاميءَ جو پورائو ڪري سگهجي ٿو.

آخر ۾ کهڙو صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ ڇاٽائي ٿو ته "گهڻي وقت کان ڪيترن عذرن ۽ اعتراضن جي آڌار تي سنڌ جي جدائيءَ جي سوال کي ٽاريو ويو آهي. هاڻ سنڌين جي صبر جو پيمانو لبريز ٿي ويو آهي. هن کان پوءِ هو گهڻو وقت انهيءَ غلامي جي ذلت کي برداشت ڪري نه سگهندا، تنهنڪري فيصلو ٿيڻ گهرجي ۽ جلد ٿيڻ گهرجي."

Gul Hayat Institute

٣٠- سيپٽمبر ١٩٣٠ع تي، منون ڪراچيءَ ۾ شام جو ٥ بجي، پنهنجي بنگلي لوليٽ، لياري نديءَ جي ڪناري تي، جناح صاحب کي چانهه تي گهرايو، جتي علامه آءِ آءِ قاضي، مسٽر حاتم علوي، خانبهادر محمد ايوب کهڙو ۽ سيد ميران محمد شاهه شريڪ ٿيا. اتي ڪيس سنڌ جي جدائيءَ واسطي ڪوشش ڪرڻ لاءِ عرض ڪيو ويو.

١- آڪٽوبر ١٩٣٠ع تي خانبهادر محمد ايوب کهڙي، حاجي عبدالله هارون ۽ منهنجي طرفان سر شاهنواز ڀٽي جناح صاحب کي ڪارلٽن هوٽل، ڪراچيءَ ۾ ڊنر ڏني ويئي، جتي ڪاڏي ڪان پوءِ تقرير ذريعي خانبهادر کهڙي گول ميز ڪانفرنس جي موقعي تي، جنهن لاءِ هو ڏينهن هو انگلنڊ روانا ٿي رهيا هئا، سنڌ جي جدائيءَ لاءِ ڪوشش ڪرڻ واسطي ڪين منٿ ڪئي.

١٢- نومبر ١٩٣٠ع کان ١٩- جنوري ١٩٣١ع تائين لنڊن ۾ هندستان جي سڌارن ڏيڻ جي مسئلي تي غور ڪرڻ لاءِ هندستان جي جملي پارٽين جي نمايندن تي مشتمل گول ميز ڪانفرنس ڪئي ٿي. ڪانگريس ان ۾ شرڪت نه ڪئي. ان ڪانفرنس ۾ سنڌ جا ٻه نمايندا شريڪ ٿيا هئا: (١) سر شاهنواز خان ڀٽو، ليڊر، مسلم ميمبر بمبئي ڪائونسل ۽ صدر محمدن انسوسئيشن، ۽ (٢) سر غلام حسين هدايت الله شيخ، ميمبر ايگزيڪيوٽو ڪائونسل بمبئي سرڪار.

سنڌ جي مسلمانن کي خوف هو ته سر شاهنواز خان ڀٽو جنهن اڳي بمبئي صوبي طرفان سائيمن ڪميشن جي مددگار ڪميٽيءَ ۾ سنڌ جي جدائيءَ جي مخالفت ۾ ووٽ ڏنو هو، شايد هن ڀيري به مخالفت ڪري؛ پر هن موقعي تي، سنڌي مسلمانن جي عام راءِ کي مدنظر رکي، هُن انگلنڊ جي وزيراعظم، مسٽر رامسي ميڪڊونالڊ، کي خط لکيو، ته سنڌ جي سوال لاءِ هڪ ڪاميٽي مقرر ڪري، سارو مسئلو ان جي سپرد ڪيو وڃي. ان تي برٽش سرڪار، ارل رسيل جي صدارت هيٺ، سنڌ جي مسئلي تي غور ڪرڻ لاءِ هڪ سب ڪاميٽي مقرر ڪئي؛ جنهن جا مسٽر محمد علي جناح، سر آغا خان، ڊاڪٽر شفاعت احمد خان، سر محمد شفيع، ڊاڪٽر مونجي، مسٽر چنتامين، راجا نريندرا ناٿ، سردار سمپورن سنگهه، مسٽر جيڪر ۽ ٻيا ميمبر هئا. ڪاميٽيءَ جي ميٽنگ وقت سر غلام حسين بيمار هو، پر پاڻ ڪنائي ميٽنگ ۾ ويو، جتي سنڌ جي جدائيءَ لاءِ زوردار تقرير ڪيائين. سر شاهنواز ڀٽي به ان کي ٽيڪو ڏيندي زبردست تقرير سنڌ جي جدائيءَ جي فائدي ۾ ڪئي.

ان ڪاميٽيءَ آخر ۾ سنڌ کي بمبئيءَ کان علحده ڪرڻ جي سفارش ڪئي، ۽ ان سان گڏ مالي تحقيقات ڪرڻ لاءِ ڪاميٽي مقرر ڪرڻ جي سفارش ڪئي، جنهن کي گول ميز ڪانفرنس قبول ڪيو.

ان سال سنڌ ۾ ۽ سنڌ کان ٻاهر اخبارن اندر سنڌ جي جدائيءَ جي فائدي ۽ ان جي خلاف مضمون شايع ٿيا.

گول ميز جي فيصلي مطابق سال ١٩٣١ع ۾ هند سرڪار، سر مائيلس ارونگ جي چيئرمنيءَ هيٺ، مسٽر هئريسن جي رفاقت سان، هڪ ڪاميٽي سنڌ جي مالي حالت جي جانچ ڪري رپورٽ ڪرڻ لاءِ مقرر ڪئي. اها ڪاميٽي ٢- سپٽمبر

Gul Hayat Institute

۱۹۳۱ع تي ڪراچيءَ ۾ آئي، جنهن جي اڳيان خانبهادر الهہ بخش سومري، حاجي عبدالله هارون، خانبهادر محمد ايوب کهڙي ۽ سيد ميران محمد شاهہ وفد جي صورت ۾ سنڌ جي مالي حالت ٺيڪ ثابت ڪرڻ لاءِ شاهديون ڏنيون. ان کان پوءِ ساڳئي قسم جي شاهدي ڪاميٽيءَ جي اڳيان پرنسيپال گوڪلي ڏني. ان کان پوءِ مسٽر ريوا چند ٽڏانيءَ، مسٽر رستم سڌوا ۽ پروفيسر ڇٻلاڻي اخبارن ۾ مضمون لکي، سنڌ جي مالي حالت درست هجڻ لاءِ ثبوت ڏنا. مخالفت ۾ پروفيسر چبلاڻي، ديوان ڀوڄسنگ ۽ ڊاڪٽر هنگوراڻيءَ جي مالي حالت ڪمزور هجڻ لاءِ شاهديون ڏنيون.

آخرڪار هن ڪاميٽيءَ سنڌ جي ساليانه کوٽ ۹۷،۴۰،۰۰۰ رپيا ڏيکاري، ۽ ان کان سواءِ نئين صوبي جي شروعاتي خرچ لاءِ ۲۲ لک رپيا خرچ جو تخمينو ڪيو.

ان رپورٽ جي ظاهر ٿيڻ بعد، پروفيسر گوڪلي ۽ پروفيسر ڇٻلاڻي، انگن اکرن سان، ڪاميٽيءَ طرفان ڏيکاريل کوٽ کي غلط ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ سنڌ جي جدائيءَ جي فائدي ۾ مضمون لکيا.

ساڳئي سال ۱۹۳۱ع ۾ سيپٽمبر کان ڊسمبر تائين لنڊن ۾ ٻي گول ميز ڪانفرنس ڪئي ٿي، جنهن ۾ سنڌ طرفان ساڳيا نمائندا ويا. هن ڀيري ڪانگريس طرفان مهاتما گانڌي ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيو، پر هندستان جي مختلف پارٽين جي وچ ۾ سمجهوتو ٿي نه سگهيو، جنهنڪري وزيراعظم انگلنڊ مسٽر رامسي مئڪڊونالڊ کي فرقيوار مسئلي تي فيصلي جو اعلان ڪرڻو پيو، جنهن ۾ سنڌ جي جدائيءَ جو اصول قبول ڪيل هو.

اُن اعلان مطابق هند سرڪار اپريل ۱۹۳۲ع تي، آنربل مسٽر برين جي صدارت هيٺ سنڌ جي هندو مسلمانن تي مشتمل هڪ ڪاميٽي مقرر ڪئي، جنهن ڪاميٽيءَ کي کوٽ جي

Gul Hayat Institute

پورائيءَ لاءِ تجويزون ڏيڻ هيون. ان ڪاميٽيءَ جا هيٺيان ميمبر مقرر ٿيا:
(١) سر شاهنواز خان ڀٽو.
(٢) آنربل ميان علي بخش.
(٣) سيٺ حاجي عبدالله هارون.
(٤) مير بنده علي خان ٽالپر.
(٥) خانبهادر الهه بخش سومرو.
(٦) خانبهادر محمد ايوب کهڙو.
(٧) قاضي عبدالرحمان.
(٨) مسٽر لعل چند نولراءِ.
(٩) ديوان بهادر مرليڌر.
(١٠) پروفيسر چبلاڻي.
(١١) مسٽر هوشنگ ڊنشا.
(١٢) مسٽر اي. ايل. پرائيس.
(١٣) پروفيسر پٿيجا.
(١٤) مسٽر ڊو، ريوينيو آفيسر، لائڊ براج.

آنهيءَ ڪاميٽيءَ نهايت تندهيءَ سان ڪم ڪيو ۽ اها ڳالهه ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ سنڌ جدا صوبي بنجڻ بعد پنهنجي پيرن تي بيهڻ جي لائق آهي. سنڌ ساليانہ کوٽ گهٽائي ٨٠ لک رپين تي بيهاري ويئي. ان جي پورائيءَ لاءِ سفارش ڪيائون تہ هند سرڪار اها کوٽ ١٥ سالن تائين پريندي رهي، جنهن کان پوءِ سنڌ پاڻ تي پاڙي سگهڻ جهڙي ٿيندي. ڪاميٽيءَ اڪيلي مسٽر جمشيد نسروانجي ميهتا ۽ پرنسيپال جي. اين. گوڪلي نهايت ڪارآمد انگ اکر پيش ڪري، کوٽ جي پورائيءَ لاءِ مفيد تجويزون ڏنيون.

ڪاميٽيءَ خانبهادر محمد ايوب کهڙي جي سنڌ جي جدائيءَ لاءِ تندهيءَ سان ڪم ڪرڻ ۽ پروفيسر چبلاڻيءَ جي مخالفت جي ڪيس پيش ڪرڻ لاءِ تندهيءَ جو اعتراف ڪيو.

(٨)

هن منزل تي، ڪن فرقه پرست هندن ”اينٽي سنڌ سيپريشن (سنڌ جي جدائي خلاف) ڪاميٽي“ نالي، هڪ پمفليٽ ڇپايو ۽ سرڪيولر جاري ڪيا، جن جو جواب خانبهادر کهڙي جدا هڪ پمفليٽ وسيلي ڏنو، جو هن ٦- سپٽمبر ١٩٣٢ع تي ڇپرائي شايع ڪيو. ان پمفليٽ جو لب لباب، ان جي مکيه اقتباس سميت هيٺ پيش ڪجي ٿو:

”.... سرڪار طرفان سنڌ جي مالي حالت جي جانچ ڪرڻ لاءِ هڪ ڪاميٽي، مسٽر برين جي چيئرمنيءَ هيٺ، مقرر ٿي هئي، جنهن هندن طرفان ڏيکاريل ڪوٽ کي گهٽائي، جدائيءَ جي حالت ۾ گهٽ خرچ ٿيڻ لاءِ دليل ڏيئي، جدائيءَ لاءِ جواز پيدا ڪيو آهي. ان تي اينٽي سنڌ سيپريشن ڪاميٽي جي مکيه ڪارڪنن، جهڙوڪ ديوان بهادر مرليڌر، مسٽر لعل چند نولراءِ ۽ پروفيسر ڇپلاڻيءَ مضمون لکي نڪته چيني ڪئي آهي ۽ بمبئيءَ کان سنڌ جي علحدگيءَ جي مخالفت ڪئي آهي.

”درحقيقت هنن جي مخالفت جو مکيه ڪارڻ سنڌ جي مالي ڪوٽ نه آهي. ان کي هو صرف عذر طور پيش ڪري رهيا آهن. حقيقت ۾ هو بمبئي کاتي ۾ هندو اڪثريت کان مسلمانن کي جدا صوبو ڏياري، هاڻ کي اقليت بنائڻ جي خلاف آهن. ان ۾ هنن جي

فرقيوارانه ذهنيت ۽ گروهي مفاد جي حفاظت جو مقصد رکيل آهي. هنن کي سنڌ جي مجموعي مفاد ۽ ترقيءَ لاءِ ڪوبه اونو ڪونه آهي....“

ان کان پوءِ، پمفليٽ ۾، خانبهادر ساڳئي قسم جا اڳ واري پنهنجي ڪتاب ۾ ڏنل دليل ڏنئي، جدائيءَ جي حالت ۾ سنڌ کي جي فائدا پهچڻ وارا هئا، تن جو ذڪر ڪيو آهي.

پوءِ مسٽر برين جي رپورٽ تي مفصل بحث ڪري، ان جي مخالفت ۾ اٺاريل اعتراض جا دليل ڏنئي ٿو. بعد ۾ لکي ٿو ته سنڌ جي جدائيءَ جي حالت ۾ ڏلن وڌڻ جا خوف ڏياري، خواه مخواه سنڌ جي زميندارن کي ڊيڄاريو ٿو وڃي. ڏلون ته بمبئي سرڪار به وڌائي رهي آهي. اهو غلط هو ته بمبئيءَ سان گڏ رهڻ ڪري ڏلون نه وڌنديون، ۽ رڳو جدائيءَ جي حالت ۾ ئي وڌڻ واريون هيون. ان مسئلي جو واسطو ملڪ جي ضرورتن تي مدار رکيڻ هو. لوڪل سيس جي هڪ آني في رپئي وڌڻ تي، جو چيو ٿي ويو ته مسلمانن مخالفت ڪئي هئي، اُن کي غلط ٺهرائيندي، چوي ٿو ته مسلمانن ان جي مخالفت نه ڪئي هئي، صرف مسٽر ڇبلاڻيءَ ڪئي هئي.

پوءِ مخالفن طرفان سنڌ جي جدائيءَ جي حالت ۾ سکر بئراج جي وڏي قرض جي پيدا ڪيل خوف جو مدلل جواب ڏئي، ٻڌائي ٿو ته اهو قرض مرڪزي سرڪار ڏنو آهي، جو سنڌ کان سکر بئراج جي زمينن جي وڪري ۽ وڌيل پيدائش مان وصول ڪرڻو آهي. بمبئيءَ سان گڏ رهڻ ڪري اُن ۾ فائدو ڪونه ٿيندو، قرض سنڌ لاهيندي، رڳو اڳتي لاءِ وڌيل پيدائش جو فائدو بمبئيءَ کي پهچندو.

سنڌ کي مرڪز کان ’سبوينشن‘ (مالي مدد) ملڻ جي

مخالفت جي جواب ۾ ٻڌائي ٿو ته اهو اسان تي ٿورو ڪونه ڪيو ويندو، بلڪ گذريل چاليهه سالن کان جا سنڌ جي پيدائش بمبئي سرڪار هضم ڪئي آهي، ان جي عيوضي ۾ اها سڀ وينشن وٺڻ گهرون ٿا. ازانسواءِ بمبئي سرڪار جي کوٽ جي پورائي به جڏهن مرڪزي سرڪار ڪري رهي هئي، ته سنڌ جي کوٽ جي پورائي، جي ٿوري عرصي لاءِ مرڪزي حڪومت ڪئي، ته ان ۾ ڇو اعتراض هئڻ گهرجي.

ان کان پوءِ بمبئي سرڪار جي مالي سيڪريٽريءَ جو حوالو ڏئي ٿو، جنهن جي چوڻ موجب سنڌ جي بمبئيءَ کان جدا ٿيڻ جي حالت ۾ بمبئي کاتي کي ۷۵ لکن جو فائدو پهچڻ وارو هو. خانبهادر جو چوڻ هو ته جڏهن ان مان بمبئي کاتي کي فائدو پهچڻ وارو آهي، ته هرو ڀرو ڇو ان فائدي کان بمبئيءَ کي محروم ڪرڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي ويئي. ان ڳالهه ۾ ڪو ته راز هوندو؟

آخر ۾ پيل ڪاميٽيءَ جو حوالو ڏئي ٿو، جنهن ۾ ظاهر ڪيل هو ته جنهن صورت ۾ فيڊرل سرڪار ۾ سڀ صوبا شامل رهڻ وارا هئا، ته ان حالت ۾ مرڪزي سرڪار جو فرض آهي ته ڪنهن به صوبي کي کوٽ ۾ رهڻ نه ڏئي، وڌيڪ خانبهادر مرڪزي سرڪار طرفان آسام، بنگال، بهار ۽ اوڙيسا جي کوٽ جي پورائي ڪرڻ جا مثال ڏيئي چوي ٿو ته اهڙين حالتن هيٺ سنڌ ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي جو ان جي کوٽ جي پورائي نه ڪئي وڃي!

پوءِ خانبهادر سکر بئراج جي جدا آڪائونٽ رکڻ جي گهر ڪري ٿو، چاڪاڻ ته ان جي جدا رکڻ ڪري پتو پئجي ويندو ته فائدو ٿئي ٿو يا نقصان.

اهڙيءَ طرح خانبهادر هن پمفليٽ ۾، سنڌ جي علحدگيءَ خلاف اٿاريل سڀني اعتراضن جا جواب ڏئي ٿو، جي الڳ ٻيڪ

ساڳئي ئي قسم جا آهن، جن جو ذڪر هن ڪتاب ۾ اڳي ڪيل آهي.

آخر ۾، ٻه اقليت ۾، ڪي انگريز واپاري مسٽر اي. ايل پرائيس طرفان سنڌ جي جدا صوبي بڻائڻ جي فائدي ۾ دليل پيش ڪري، مرڪز کان سب وينشن ملڻ لاءِ جواز پيش ڪيل آهي.

Gul Hayat Institute

هتي، اڳ گذريل چند اهم واقعا ٻڌرين بيان ڪري، پوءِ جديد سنڌ جي هن پهرينءَ صوبائيءَ آزاديءَ جي جدوجهد جي آخرين ۽ فيصلا ڪن مرحلن جو ذڪر ڪرڻ، پڙهندڙن لاءِ دلچسپ ۽ فائديمند ثابت ٿيندو.

۱۹۳۰ع ۾ جڏهن ڪانگريس ڪارڪن گانڌي - اِرون پئڪٽ موجب آزاد ٿيا هئا، تہ ان وقت قوم پرست مسلمانن گڏ ٿي، مسلمانن جي پنهنجي گهرن سان گڏ سنڌ جنهن جدائيءَ جو ٺهراءُ بہ پاس ڪيو هو. جنهن کان پوءِ آل انڊيا ڪانگريس ڪاميٽيءَ گڏ ٿي، قوم پرست مسلمانن جون گهرون قبول ڪيون. سنڌ جي جدائيءَ جي گهر کي ڪانگريس طرفان، پيهر قبول ڪيو ويو.

ڊسمبر ۱۹۳۱ع تي جميعت العلماءِ هند ڪراچيءَ ۾ مولانا ابوالڪلام آزاد جي صدارت هيٺ گڏ ٿي، جنهن ۾ بہ سنڌ جي جدائيءَ جو ٺهراءُ پاس ڪيو ويو.

ان کان پوءِ سنڌ جي هندن ۽ مسلمانن گڏيل ڪانفرنس حيدرآباد ۾ مسٽر ستنداس منگهارام وڪيل جي آفيس، حيدرآباد، ۾ گڏ ٿي؛ ان ۾ هندو مسلم سمجهوتي لاءِ ڪوشش ٿي. مسلمانن گڏيل چونڊون ان شرط تي قبول ڪيون تہ هندو سنڌ جي جدائيءَ جي مخالفت ڇڏي ڏين. ان تي هندو ليڊرن اهو سوال اٿاريو تہ جيستائين ساري هندستان جا مسلمان گڏيل چونڊون قبول نہ ڪندا، ان وقت تائين هو سنڌ بابت ڪو جدا سمجهوتو ڪرڻ لاءِ تيار نہ هئا.

۱۹۳۱ع ۾ آل انڊيا مسلم ڪانفرنس جو اجلاس لاهور

Gul Hayat Institute

۾ علامه ڊاڪٽر محمد اقبال جي صدارت هيٺ ڪٺو ٿيو. ان ڪانفرنس کي جميعت الاحرار جي رضاڪارن گوڙ مچائي، ڦٽائڻ گهريو ٿي، ليڪن شيخ عبدالمجيد جي اپيل تي ميٽنگ ۾ ماٺ ٿي. اتي به ٻين سوالن سان گڏ سنڌ جي جدائيءَ جي پٺڀرائي ڪئي ويئي.

۱۹۳۲ع ۾ آل انڊيا خلافت ڪانفرنس جو اجلاس شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ جي صدارت هيٺ اجمير ۾ ڪٺو ٿيو. ان ۾ بمبئي صوبي ۾ مسلمانن طرفان پنجن شرطن جي بنياد تي گڏيل چونڊن قبولڻ جو ٺهراءُ پاس ٿيو، جن شرطن مان سنڌ جي جدائيءَ جو شرط هڪ هو. ان ڪانفرنس کان پوءِ، مولانا شوڪت علي ۽ شيخ عبدالمجيد گڏجي، ان نموني تي بيان ڏنو. ڪانفرنس ختم ٿيڻ بعد، شيخ عبدالمجيد جيئي، بمبئي طرف ويندي، ڊاڪٽر سيد محمود، ڪانگريس ليڊر، سان گاڏيءَ ۾ ملاقات ٿي، جنهن گفتگو ۾ هم خيال ٿيڻ بعد پيئي ڄڻا بمبئيءَ ۾ مولانا ابوالڪلام آزاد ۽ پنڊت مدن موهن مالويه سان مليا، ۽ سندن گفتگو جي نتيجي ۾ پيو پيرو لکنو ۾ آل انڊيا يونيٽي ڪانفرنس گڏ ٿي، جنهن گڏيل چونڊن جي شرط تي باقي جناح صاحب جون ۱۴ ڳالهيون قبول ڪيون ويئون. انهيءَ ڪانفرنس ۾ الهه آباد يونيٽي ڪانفرنس لاءِ نمايندا پڻ چونڊيا ويا. انهي سمجهوتي جي تجويز جي پٺڀرائي ڪندڙن ۾ سر سليمان قاسم مٺا، حسين ڀائي لال جي، مسٽر محمد سليمان قاسم مٺا، مسٽر آءِ. ايس. حاجي بئريسٽر، سر شاهنواز خان ڀٽو، خانبهادر محمد ايوب کهڙو، سيد ميران محمد شاهه ۽ مير بنده علي خان هئا.

نيٺ آل انڊيا يونيٽي ڪانفرنس جو اجلاس الهه آباد ۾ گڏ ٿيو، جو ٻن هفتن تائين هليو، ان ۾ لکنو ڪانفرنس جي فيصلن مطابق سيني ڳالهين تي اتفاق ٿيو، پر بنگال جي هندن ان

صوبي ۾ مسلم اڪثريت جي نمائندگيءَ کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو. ان تي ڪين سمجهائڻ لاءِ مولانا ابوالڪلام آزاد، ڊاڪٽر سيد محمود ۽ شيخ عبدالمجيد سنڌي ڪلڪتي ۾ ويا، جي يونٽي ڪانفرنس طرفان بنگال جي هندن سان مليا؛ پر هنن جي انڪار ڪرڻ سبب ساريون ڳالهيون ڌٽي پيئون.

ان موقعي تي سيڪريٽري آف اسٽيٽ فار انڊيا اعلان ڪيو ته برين ڪاميٽيءَ جي سفارش ڪي گول ميز ڪانفرنس قبول ڪيو آهي، ۽ برٽش سرڪار کي بمبئي پريزيڊنسيءَ کان سنڌ جي علحدگي اصولي طور قبولي هئي.

۱۸- اپريل ۱۹۳۲ع تي، ڪراچيءَ ۾ شيخ عبدالمجيد صاحب سنڌيءَ جي صدارت هيٺ، پهرين "سنڌ آزاد ڪانفرنس" گڏ ٿي. ان ۾ خانبهادر محمد ايوب کهڙي، سيٺ حاجي عبدالله هارون، حاجي مير محمد بلوچ، ۽ سيد ميران محمد شاهه حصو ورتو. آءٌ استقباليه ڪميٽيءَ جو چيئرمن هوس. ان ۾ سنڌ جي جدائيءَ لاءِ پرزور ٺهراءُ پاس ٿيا، ۽ هندن کي سنڌ جي حقن جي لاءِ تسلي ڏياري ويئي.

ان کان پوءِ، آگسٽ ۱۹۳۲ع تي، خانبهادر ولي محمد حسنعلي، سيڪريٽري سنڌ محمدن ائسوسيئيشن جي جاءِ تي، سر شاهنواز خان ڀٽي جي صدارت هيٺ، ميٽنگ ڪئي ٿي، جنهي فيصلو ڪيو ته ساريءَ سنڌ ۾ سنڌ جي جدائيءَ واري ٺهراءِ پاس ڪرڻ لاءِ ميٽنگون سڏايون وڃن، جنهن واسطي ۱٦- سيپٽمبر ۱۹۳۲ع جو ڏينهن مقرر ڪيو ويو؛ جو ساريءَ سنڌ ۾ نهايت ڌوم ڌام سان ملهايو ويو.

آخر ۾، ۱۵- نومبر ۱۹۳۲ع تي، حيدرآباد سنڌ ۾ وڏي پيماني تي علامه يوسف عليءَ جي صدارت هيٺ، ٻي "سنڌ آزاد ڪانفرنس" ڪئي ٿي. انهيءَ ڪانفرنس ۾ سنڌ جي جدائيءَ جي حمايت ۾ ٺهراءَ پاس ڪيا ويا، ۽ سنڌ جي هندن کي

سنڌين حقن جي حفاظت لاءِ مسلمانن پاران يقين ڏياريو ويو.
اتي پاس ٿيل ٺهرائن کي سيڪريٽري آف اسٽيٽ ۽ وزيراعظم
انگلنڊ ڏي تار رستي موڪليو ويو.*

ان موقعي تي "سنڌ آزاد ڪانفرنس" نالي سان مستقل
جماعت قائم ڪئي ويئي، جنهن جو صدر سر شاهنواز خان ڀٽي،
۽ نائب صدر خانبهادر محمد ايوب کهڙي کي ۽ جنرل
سيڪريٽري سيد ميران محمد شاهه کي چونڊيو ويو. سڀني
ضلعن جي نمايندن تي مشتمل هڪ ورڪنگ ڪاميٽي چونڊي
ويئي، جنهن تي ڪراچي ضلعي مان منهنجو نالو شامل
ڪيو ويو.

ان کي ڏسي فرقه پرست هندن، ٢٦- جنوري ١٩٣٣ع
تي، "سنڌ هندو ڪانفرنس" ڪراچيءَ ۾ سڏائي، جنهن ۾
وزيراعظم انگلنڊ جي اعلان ۾ سنڌ جي جدائيءَ جي اصول
قبول ڪرڻ کي ننديو ويو، ۽ ٺهراءُ پاس ڪيو ويو ته ساريءَ
سنڌ اندر سنڌ جي جدائيءَ خلاف نئين سر تيزيءَ سان هلچل
هلائي وڃي.

ان کان پوءِ، ٥- فيبروري ١٩٣٣ع تي، سنڌ آزاد
ڪانفرنس جي ورڪنگ ڪاميٽي ڪراچيءَ ۾ گڏ ٿي، جنهن
۾ وزيراعظم انگلنڊ جي سنڌ جي جدائيءَ جي اصول قبولڻ
تي خوشيءَ جو اظهار ڪيو ويو، ۽ سندس شڪرگذاري
ڪئي ويئي.

انهيءَ ميٽنگ ۾ پير علي محمد شاهه راشديءَ کي سنڌ
جي جدائيءَ جي تحريڪ هلائڻ لاءِ مبلغ مقرر ڪيو ويو، ۽
مٿس ڪم رکيو ويو ته مخالف پروپيگنڊا جا "زميندار" ۽
"ستاره سنڌ" اخبارن ذريعي مضمون لکي، جواب ڏيندو رهي.

---

* هن ڪانفرنس جي مفصل ڪارروائي ڪتاب جي آخر ۾ ضميمي
طور ڏني ويئي آهي.

Gul Hayat Institute

مارچ ١٩٣٣ع ۾ انگلنڊ ۾ برٽش پارليامينٽ هندستان جي سڌارن جي بل جي مسودي تي غور ڪرڻ لاءِ جائنٽ پارليامينٽري ڪميٽي مقرر ڪئي. ان ڪاميٽيءَ اپريل ١٩٣٣ع تي، سنڌ آزاد ڪانفرنس کي تار موڪلي، سنڌس نمائندي کي سنڌ جي جدائيءَ لاءِ ڪيس پيش ڪرڻ واسطي لنڊن گهرايو. ڪانفرنس جي ورڪنگ ڪاميٽيءَ خانبهادر محمد ايوب کهڙي کي برٽش جائنٽ پارليامينٽري ڪاميٽيءَ اڳيان شاهدي ڏيڻ لاءِ چونڊيو، جو ٥- جولاءِ تي انگلنڊ روانو ٿي ويو. ٢٠- جولاءِ ١٩٣٣ع تي پارليامينٽري ڪاميٽيءَ اڳيان کهڙي صاحب نهايت تحسين جوڳي شاهدي ڏني. ان ڪاميٽيءَ اڳيان خانبهادر زباني شاهديءَ کان علاوه هڪ لکيل ميمورنڊم پڻ پيش ڪيو، جو ٢٧ صفحن تي پکڙيل هو. هيءَ ميمورنڊم هُن ڇپائي ڪاميٽيءَ جي ميمبرن کي ۽ ڏنو ۽ ان موقعي تي آئي پارليامينٽ جي ميمبرن ۾ پڻ ورهايو. هندن طرفان ڪاميٽيءَ جي اڳيان پروفيسر چبلاڻي ۽ ديوان بهادر هيرانند شاهدي ڏيڻ لاءِ ويا.

ميمورنڊم ۾، خانبهادر پنهنجي ڪتاب ”سفرنگس آف سنڌ“ جي نموني تي سنڌ جي بمبئيءَ سان گڏجڻ جي تاريخ، ان مان سنڌين کي پهتل نقصان، سنڌ جي جدائيءَ جي تحريڪ جي مختصر تاريخ ۽ احوال پيش ڪري، سنڌ جي بمبئيءَ کان جدائيءَ لاءِ هيٺيان دليل پيش ڪيا:

(١) سنڌي لساني، وطني ۽ نسلي بنيادن تي بمبئيءَ جي رهاڪن کان علحده قوم هئا، ۽ قومن جي تسليم ڪيل اصول موجب حق خود اراديءَ جا حقدار هئڻ ڪري، جدائيءَ لاءِ گهُر ڪري سگهيا ٿي.

(٢) بمبئيءَ کان آزادي حاصل ڪرڻ ڪري، سنڌي گذريل ٨٥ ورهين جي عرصي ۾ ٿيل بي انصافين کان ڇٽي پوندا.

(٣) سنڌ جي جدا صوبي ٿيڻ جي حالت ۾، هو زمين سڌاري زراعتي پيدائش ۾ واڌارو ڪري سگهندا.

(٤) هن وقت حڪومت جو مرڪز ٨٠٠ ميل دور هئڻ ڪري، رسائي، لاپي، رشوت وغيره جهڙين جي خرابيون پيدا ٿي پيئون هيون، انهن کان هو جان آزاد ڪرائي سگهيا ٿي.

(٥) ان بعد هو ڪراچيءَ جي بندر کي سڌاري، اتر ۽ مرڪزي هند جو بندرگاهه بنائي، واپار کي ترقي ڏياري ٿي سگهيا.

(٦) جدائيءَ بعد سنڌ پنهنجي تاريخي جداگانه صوبائي هستي حاصل ڪري سگهندي، ۽ ولايت سان سامونڊي ۽ هوائي رستي نزديڪ هئڻ سبب، وڌيڪ پنهنجي خاص اهميت قائم ڪري سگهندي.

(٧) سنڌي زبان هندستان جي زبانن ۾ قديم ۽ ڪلاسيڪل زبان آهي؛ اها هن وقت بمبئي ڪاتي جي سرڪار جي بي توجهيءَ سبب بيوسيءَ جي حالت ۾ آهي؛ سنڌ جي جدا صوبي ٿيڻ بعد اها ترقي حاصل ڪندي.

(٨) سکر بئراج جون زمينون، جدا صوبي ٿيڻ بعد، چڱيءَ طرح سڌاري، ملڪ جي زرعي پيدائش وڌائي سگهبي.

(٩) ساري هندستان جي صوبن ۾ برما کان پوءِ بمبئي ڪاتي جو انتظامي خرچ زياده آهي، جنهنڪري سنڌ جي تعمير ۽ ترقيءَ لاءِ پيسو بچي نٿو سگهي. بمبئيءَ کان جدا ٿيڻ جي حالت ۾ اسان حڪومت جو خرچ گهٽائي، پيدائش وڌائي، تعميري ڪمن تي خرچ ڪري سگهون ٿا.

سنڌ جي جدائيءَ جي مخالفن طرفان اٿاريل دليل ته

سنڌ جي جدا صوبي ٿيڻ بعد ان جي ڪاروبار هلائڻ لاءِ لائق آدمي ملي نه سگهندا. جي جواب ۾، خانبهادر مثال ڏيئي ٻڌايو ته سنڌ، سر آغا خان، غلام محمد ڀرڳڙي خان، سر غلام حسين ۽ محمد علي جناح صاحب جهڙا اعليٰ سياستدان پيدا ڪيا آهن؛ تنهنڪري ان ۾ لياقت وارن ڪارڪنن جي کوٽ نه ٿيندي، بلڪ بمبئيءَ کان جدا ٿيڻ بعد سنڌ ۾ لياقت ۽ صلاحيت وارن ماڻهن جي وڌيڪ پيدا ٿيڻ جو يقين هو.

ان کان پوءِ، خانبهادر پنهنجي ميمورنڊم ۾ لکي ٿو ته سنڌ هندستان ۾ نهايت پرامن ۽ قانون اندر رهندڙ صوبو هو. ان بنسبت ڪاميٽيءَ جا ميمبر سنڌ اندر رهي، آيل برٽش عملدارن کان پڇا ڪري ثابتي وٺي سگهن ٿا. گذريل مهاڀاري لڙائيءَ وقت هندستان طرفان جيڪا برٽش سرڪار کي مدد ملي هئي، ان ۾ سنڌين به حصي آهر پاڻ ملهايو هو. ان وقت هندستانين کي حق ڏيڻ جا جيڪي وعدا ڪيا ويا هئا، انهن کي سنڌ سان به لاڳو سمجهڻ گهرجي.

پوءِ سنڌ جي ڪن هندن طرفان اٿاريل مالي کوٽ ۽ مسلمانن طرفان هندو اقليت کي نقصان پهچڻ جي انديشن جا جواب ڏيئي چوي ٿو ته اهي ڳالهيون حقيقت ۾ سنڌ جي مسلمان اڪثريت مٿان بمبئي جي ڪثرت تعداد هندن جي مدد سان سنڌي هندو اقليت جي راڄ ڪرڻ لاءِ ڪن چند فرقه پرست هندو اڳواڻن جي چال هئي، ورنه سنڌ ۾ هندو مسلمان نهايت امن امان ۾ رهن ٿا.

خرچ جي سلسلي ۾، خانبهادر لکيو ته ان جي پورائي جو سنڌ جا ماڻهو ڏمو ڪڍڻ لاءِ تيار آهن؛ تنهنڪري خواه مخواه ڪي عذر ۽ بهانا پيدا ڪري، سنڌ کي بمبئيءَ جي غلاميءَ هيٺ رکڻ لاءِ ڪوبه جواز نه آهي.

ان کان پوءِ ميمورنڊم ۾ سنڌ جي جدائيءَ جي فائدي

۾ مختلف جماعتن ۽ ماڻهن طرفان ٿيل ڪوششن جا مفصل حوالا آندل آهن.

پوءِ مفاد پرست هندو اڳواڻن طرفان اٿاريل اعتراض ته سنڌ جي جدائيءَ جو اصول هن گڏيل چونڊن جي شرط تي قبوليو هو ۽ هاڻ جڏهن گڏيل چونڊون نتي جاري ڪيون ويون، ته پوءِ هو جدائي به قبول نه ڪندا، انجو جواب ڏيندي ميمورنڊم ۾ ٻڌايو ويو، ته ان سمجھوتي کان ڦرڻ جي جوابداري انهن هندو اڳواڻن تي آهي نه مسلمان اڳواڻن تي. تاريخي حقيقتون ان جو ثبوت پيش ڪن ٿيون.

ميمورنڊم ۾، پوءِ سنڌ جي جدا صوبي نه بنائڻ جي حالت ۾، جي نقصان ٿيڻ وارا هئا، تن جو ذڪر ڪري، جدا صوبي بنجڻ جي حالت ۾ ٿيندڙ فائدن جو ذڪر پيش ڪيل آهي.

بعد ۾ سنڌ جي مالي حالت تي بحث ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي چيل آهي ته خرچ گھٽائڻ، پيدائش وڌائڻ ۽ مرڪزي حڪومت کان ڪجھه عرصي لاءِ سب-وينشن (امداد) ملڻ جي حالت ۾، سنڌ جلدئي پنهنجن پيرن تي بيهي، ترقيءَ ۽ تعمير طرف قدم وڌائي سگھندي. ميمورنڊم مطابق، شروع ۾ نئين صوبي کي ٨٥ لک رپيا ساليانو سب-وينشن جي ضرورت ٿيڻي هئي، پر جدا صوبي بنجڻ بعد بئراج جي زمينن جي وڪري ۽ پيدائش وڌائڻ سان سگھوئي ان جو وڃڻ بند ڪري سگھبو.

آخر ۾، بل ۾ هندن کي ويٽيج (ٽيڪ) ڏيڻ ۽ بئراج ۽ اقليت جي معاملن ۾ گورنر لاءِ تجويز ڪيل خاص اختيارن جي، ميمورنڊم ۾ مخالفت ڪيل آهي.

اچا جائنٽ پارليامينٽري ڪاميٽيءَ جون ميٽنگون هليون پئي، تہ هند سرڪار هڪ انتظامي ڪاميٽي سنڌ جي جدائيءَ بعد، نئين صوبي جي انتظامي مسئلي تي تجويزن ڏيڻ لاءِ سر هيوڊو جي چيئرمنيءَ هيٺ مقرر ڪئي، جنهن تي هيٺيان ميمبر مقرر ڪيا ويا:

(١) سر هيوڊو، چيئرمن.
(٢) خانبهادر محمد ايوب کهڙو.
(٣) سيٺ حاجي عبدالله هارون.
(٤) قاضي عبدالرحمان.
(٥) مسٽر اي. ايل. پرائيس.
(٦) مسٽر مئڪلاڪن.
(٧) مسٽر ڪاولا.
(٨) ديوان بهادر هيرانند کيمسنگ.

انهن ڪاميٽيءَ جي فرائض ۾ سنڌ جي جدا صوبي ۾ انتظام هلائڻ لاءِ تجويزون پيش ڪرڻ، آفيسن ۽ رهائش جي جاين لاءِ بندوبست ڪرڻ ۽ نون عهدن جي قائم ڪرڻ لاءِ سفارشون ڪرڻ ۽ ٻيا اهڙا اهم ڪم داخل هئا. اها ڪاميٽي ١٧- آڪٽوبر ١٩٣٣ع تي، ڪراچيءَ ۾ گڏ ٿي، جنهن وٽ سنڌ آزاد ڪانفرنس جي ورڪنگ ڪميٽيءَ طرفان هڪ ميمورنڊم سيد ميران محمد شاهہ جي سرڪردگيءَ هيٺ ٢- فيبروري ١٩٣٤ع تي پيش ٿيو.

ٻو ڪميٽيءَ، ٦- مارچ ١٩٣٤ع تي، پنهنجي رپورٽ پيش ڪئي، جنهن ۾ سفارش ڪيل هئي تہ هندستان ۾ نون

سڌارن رائج ڪرڻ کان ڪم از ڪم هڪ سال اڳي، سنڌ کي بمبئيءَ کان جدا ڪري، گورنر جي هٿ هيٺ جدا صوبو بنايو وڃي. ان رپورٽ ۾ مختلف کاتن جي عملي، ان جي تعداد ۽ سيڪريٽريٽ جي جوڙجڪ بابت سفارشون ڪيل هيون. اها رپورٽ يڪراءِ لکي ويئي.

وري ١٩٣٤ع ۾ ساري هندستان ۾ فرقه پرست هندن طرفان سنڌ جي جدائيءَ خلاف هلچل شروع ٿي. ان ڪم لاءِ هڪ خاص آفيس مهاسڀا طرفان انگلنڊ ۾ پرچار ڪرڻ واسطي لنڊن ۾ کولي ويئي. سنڌ جي مسلمانن انهيءَ جي جواب ڏيڻ لاءِ لنڊن ۾ آفيس کولڻ واسطي ڪوشش ڪئي، پر پيسي گڏ نه ٿي سگهڻ ڪري، اها آفيس کولي نه سگهيا. خوش قسمتيءَ سان سر آغا خان ۽ ڊاڪٽر شفاعت احمد خان، جي ان وقت انگلنڊ ۾ هئا، تن ان مخالف پروپئگنڊا جي جواب ڏيڻ جو ذمو کنيو، تنهنڪري اها ڪمي پوري ٿي ويئي.

انهيءَ سال ۾ سيٺ حاجي عبدالله هارون کي هند سرڪار طرفان ڪامن ويلٿ اقتصادي ڪانفرنس اوٽاوا (ڪئناڊا) تي ڊيليگيٽ ڪري موڪليو ويو. اوڏانهن ويندي سيٺ صاحب رستي تي لنڊن ۾ ٿورو وقت ترسيو، جتي هن سنڌ جي جدائيءَ جي جواز ۾ هڪ پمفليٽ ڇپائي، پارليامينٽ جي ميمبرن ۾ ورهايو، ۽ هڪ ٻن ميٽنگن ۾ به انهيءَ مضمون تي تقرير ڪئي.

ساڳئي سال ڪراچيءَ ۾، سر غلام حسين هدايت الله جي صدارت هيٺ، ٢٨ ۽ ٢٩ جولاءِ ١٩٣٤ع تي، ٽين سنڌ آزاد ڪانفرنس ڪٺي ٿي، جنهن ۾ وري به سنڌ جي بمبئيءَ کان جدا صوبي بنائڻ جي گهر کي دهرايو ويو، مخالف پروپئگنڊا جا جواب ڏنا ويا، ۽ هندو اقليت کي يقين ڏياريو ويو ته سنڌ جي مسلم اڪثريت سندن تعداد جي زور تي ساڻن ڪوبه بي انصافيءَ جو برتاءُ نه ڪندي. انهيءَ ڪانفرنس ۾

سر آغا خان جو به شڪريو ادا ڪيو ويو، جنهن جي ڪوشش سان سنڌ جيءَ جدائيءَ جو مسئلو پايهءِ تڪميل تي پهتو هو.
ان ڪانفرنس ۾ سر غلام حسين کي ڪانفرنس جو صدر، خانبهادر محمد ايوب کهڙي کي نائب صدر ۽ سيد ميران محمد شاهه کي جنرل سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو.

آڪٽوبر ١٩٣٤ع تي جائنٽ پارليامينٽري ڪميٽيءَ جي رپورٽ شايع ٿي، جنهن ۾ سنڌ جي جدائيءَ لاءِ پارليامينٽ کي سفارش ڪيل هئي. هاڻ سنڌ جيءِ جدائيءَ ۾ ڪوبه شڪ شبهو نه رهيو. پر جڏهن سنڌ آزاد ڪانفرنس جي ورڪنگ ڪاميٽيءَ کي معلوم ٿيو ته سکر بئراج کي گورنر جي خاص نگرانيءَ هيٺ رکڻ لاءِ جائنٽ پارليامينٽري ڪاميٽيءَ جي سفارش ڪئي هئي، ته ان تي هن سخت احتجاجي ٺهراءُ پاس ڪيو.

سال ١٩٣٥ع ۾، جائنٽ پارليامينٽري رپورٽ جي سفارش موجب، درست ٿيل بل پارليامينٽ اڳيان پيش ٿيو، جنهن جي فقري ٤٦ موجب سنڌ کي جدا صوبو تسليم ڪيو ويو.

سال جي آخر ۾، اهو بل، پارليامينٽ مان پاس ٿي، ٢-آگسٽ ١٩٣٥ع تي، بادشاهه سلامت جي صحيح سان، گورنمينٽ آف انڊيا ائڪٽ ١٩٣٥ع جي صورت اختيار ڪئي.

هن ائڪٽ ۾ سنڌ بابت ڪا وڏيڪ ڦيرگهير نه ڪيل هئي. ائڪٽ موجب سنڌ جي جدائيءَ لاءِ تاريخ، آرڊر اِن ڪائونسل ذريعي مقرر ڪرڻي هئي. ان لاءِ سنڌ ۾ انتظار رهيو. آخر ٢٣- جنوري ١٩٣٦ع تي اهو آرڊر اِن ڪائونسل، مسودي جي صورت، ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو، جنهن مطابق ١- اپريل ١٩٣٦ع کان سنڌ کي دائمي طرح جدا پرڳڻو تسليم ڪيو ويو.

جيستائين نين چونڊن بعد سنڌ جي آئيني حڪومت وجود ۾ اچي، ان وقت تائين سنڌ لاءِ گورنر مقرر ڪري، سموريون اختياريون ان کي سونپيون ويئون. هن کي ٢٥ ڄڻن جي

Gul Hayat Institute

صلاحڪار ڪائونسل ۾ ٻه صلاحڪار ڏنا ويا. ان آرڊر ان ڪائونسل تي پارليامينٽ ۾ گهڻي نڪته چيني ٿي، پر ٻنهي هائوسن ۾ ڪابه ڦيرگهير نه ڪئي.

اهڙيءَ طرح ١٩٠٨ع کان ١٩٣٦ع تائين، اٺاويهن سالن جي جدوجهد بعد، سنڌ بمبئي پرڳڻي کان جدا ٿي، علحده صوبو ٿيو. ان جو پهريون گورنر سر لانسليٽ گرهام مقرر ٿيو. سنڌ جي گوشي گوشي ۾، سنڌ جي هن صوبائي حيثيت حاصل ڪرڻ تي جشن ملهايا ويا. هرهنڌ ميڙمڪوڙ ٿيا، دعائون گهريون ويون ۽ شڪرانا بجا آندا ويا. الوحيد اخبار ”سنڌ آزاد نمبر“ ڪڍيو. شاعرن خوشيءَ جا گيت ڳايا. گهر گهر خوشيون ٿيون.

سنڌ جو نئون گورنر ١- اپريل ١٩٣٦ع تي بمبئيءَ کان ڪراچيءَ پهتو.

Gul Hayat Institute

ان وقت ڪنهن کي وهم گمان به نه هو ته هن سالن جي محنت ۽ دردسري ۽ سان حاصل ڪيل صوبائي آٽونامي ۽ کان سنڌ کي ڪڏهن محروم ٿيڻو پوندو. اڳي سنڌ کي بمبئي ۽ کان جدا ڪرڻ جي مخالفت فرقه پرست هندو اڳواڻن ٿي ڪئي. هاڻ ان جي آٽونامي ۽ جي مخالفت ڪي اسان جا مسلمان پائر اسلام ۽ پاڪستان جي نالي ۾ ڪري رهيا آهن. انگريزي ۽ جو قول آهي ته ”آزادي ۽ جي قيمت دائمي سجاڳي آهي.“ ١٩٣٦ع کان پوءِ ارڙهن سالن جي عرصي ۾ سنڌ جا محب وطن سپوت آها پنهنجي سجاڳي قائم رکي نه سگهيا. سندن وڏن جديد سنڌ جي بحالي ۽ خوشحالي ۽ لاءِ جنهن اورچائي ۽ پامردي ۽ سان ڪوشش ڪئي، ان جي بيان مان سنڌ جو اڄوڪو نسل سبق حاصل ڪري سگهي ٿو ۽ وطن دوستي ۽ جي انهن تازه ڇڏيل نشانن تي پنهنجي اڄوڪي جدوجهد جا بنياد رکي، سنڌ جي خود اختيار، باعزت ۽ خوشحال وجود کي ٻيهر قائم ڪرڻ ۽ محفوظ رکڻ لاءِ بي خوف ۽ بااعتماد قدم کڻي سگهي ٿو، ۽ ائين پاڪستان ۽ ان سان گڏ بني نوع انسان جي امن، آزادي ۽ ترقي ۽ جي راه ۾ پنهنجي قومي ۽ انساني وجود جي افاديت ثابت ڪري سگهي ٿو.

Gul Hayat Institute

ضميمو

سنڌ آزاد ڪانفرنس حيدرآباد سنڌ- ١٥- نومبر ١٩٣٢ع

جناب علامه عبدالله يوسف عليءَ جو صدارتي خطبو

صاحبان- هن ڪانفرنس جو صدر چوندي، منهنجي عزت افزائي جيڪا اوهان ڪئي آهي، تنهن لاءِ ڏاڍو شڪرگذار آهيان. توهان مون کي تمام ٿورو وقت ڏنو آهي ۽ توهان کي خبر آهي ته اڄ ڪلهه آءٌ هڪڙي ٻئي ضروري ڪم ۾ مشغول آهيان، پر مون سمجهيو ته آءٌ پنهنجي فرض ادائي نه ڪندس، جيڪڏهن مون توهان کي هن ڪم ۾ مدد ڪرڻ کان انڪار ڪيو. آءٌ سمجهان ٿو ته سنڌ کي جدا ڪري، هڪ گورنر جو صوبو بنائڻ اهڙو اهم سوال آهي ۽ اهڙو جلديءَ وارو ڪم آهي، جو ڪوبه ماڻهو جو پاڻ کي ڪيترو به ڪٿي گهٽ سمجهي، ته به پنهنجي لاءِ اها فخر جي ڳالهه سمجهندو ته هن ڪم ۾ پنهنجون سموريون خدمتون اوهان جي اڳيان پيش ڪري. مون کي سنڌ سان دلچسپي رهي آهي ۽ هن صوبي ۾ گهڻائي دفعا آيو آهيان. جيڪا ڪوشش اوهين ڪري رهيا آهيو، سا انهن خيالن جو نتيجو آهي، جي هندستان جي ٻين صوبن ۾ رائج آهن ته هندستان جا صوبا خود مختيار رهڻ گهرجن، ۽ اها ڳالهه پوريءَ طرح سان منظور ٿي ويئي آهي. اها رڳو هندستان جي سرڪار، ملڪ معظم جي برطانيه سرڪار ۽ گول ميز ڪانفرنس جي ٻين ڪاميٽين قبول ڪئي آهي، ۽ انهن ڪاميٽين ڪوشش پئي ڪئي آهي ته ڪا اهڙي پوري تجويز ٺاهجي جا صوبن ۾ عملي طرح ڪم ڪري سگهي، سيني ماڻهن جا حق

۽ واسطا پوريءَ طرح سنڀالي سگهي ۽ ملڪ معظم جي رعيت جي سڀني فرقن جي ضروري گهرجن جي لاءِ پوري سنڀال ڪري سگهجي.

هن ڪانفرنس جي ڪم تي اچان، انهيءَ کان اڳ اوهان جي اجازت سان ٻن ڳالهين تي ٻه ٽي لفظ چوڻ گهران ٿو. هڪ خوشيءَ جي ڳالهه آهي ۽ ٻي رنج جي! ساري هندستان جا مسلمان ۽ سڀئي هندستاني مرحوم سيد امام علي صاحب جي وفات تي رنج ۽ الم ڪن ٿا. مرحوم نه فقط هڪ مشهور هندستاني هو، پر محب وطن به وڏو هو. آءٌ سندس خانگي خواه سياسي زندگيءَ کان پوريءَ طرح واقف هوس. خانگي زندگيءَ ۾ مرحوم پڪو ۽ سچو دوست، وفادار ۽ سخي هو ۽ هميشه انهيءَ ڪوشش ۾ هوندو هو ته انهن ماڻهن کي، جن کي هن جي مدد جي ضرورت هئي، ڳولي ڪڍي. سياسي زندگيءَ ۾ هو صاحب هندستان جي گذريل تواريخ ۾ هڪ وڏي جاءِ والاريو ويٺو هو. هو صاحب لارڊ هارڊنج جي مجلس وزارت ۾، هڪ وڏو وزير هو، ۽ بنگال کي وري ملائي جو هڪ صوبو ڪيو ويو تنهن ۾ دهليءَ کي هندستان جو تخت گاهه مقرر ڪرڻ ۾ ۽ بهار جي نئين صوبي ڪيڻ ۾ سندس وڏو هٿ هو. مون کي يقين آهي ته اهڙو ماڻهو جنهن بهار جو نئون صوبو مقرر ڪرايو، سو ضرور اها ڳالهه پسند ڪري ها ته سنڌ بمبئيءَ کان جدا ڪري علحدو صوبو ڪيو وڃي. درحقيقت مون کي خبر آهي ته سنڌ جو جدا ٿيڻ نه فقط هن کي وڻندڙ هو، پر انهيءَ ڳالهه ۾ مرحوم کي بلڪل گهڻي همدردي هئي، ۽ مدد به ڪندو هو. آءٌ هن سان گهڻو ويجهو تڏهن ٿيس، جڏهن آءٌ هز ايگزالٽيڊ هائينس نظام حيدرآباد دکن جي مجلس وزارت ۾ ساٿس رفيق هوس. سر علي امام جي وفات ڪري، مسلمانن هڪ لائق ۽ زبردست پيشوا وڃايو آهي ۽ هندستان

Gul Hayat Institute

هڪ عقلمند ۽ سچو محب وطن. هو هميشه پنهنجي قوم جي ڀلائيءَ لاءِ ڪم ڪندو هو، پر انهيءَ سان گڏ هندستان جا فائدا به هميشه نظر ۾ رکندو هو. آءٌ اميد ٿو ڪريان ته توهين مون کي اجازت ڏيندا ته هڪ تعزيت جو پيغام سنڌس مائٽن کي موڪليان.

خوشيءَ جي ڳالهه اها آهي ته صوبه سرحد جي صوبي کي هڪ گورنر جو صوبو بڻايو ويو آهي. جيڪي مشڪلاتون ۽ اعتراض، جي هاڻي سنڌ جي برخلاف لڳايا وڃن ٿا، سي صوبه سرحد جي برخلاف به لڳايا ويندا هئا. ائين چيو ويندو هو ته تمام ننڍڙو صوبو آهيءِ مالي حالت سنڌس اهڙي خراب آهي، جو حڪومت هلائڻ لاءِ پئسو ڪونه ليندوءِ ته سرحد تي هجڻ ڪري اهو خوفناڪ ڪم ٿيندو، جو انهيءَ ملڪ ۾ حڪومت جي واڳ ماڻهن جي هٿ ۾ ڏني وڃيءِ ته آتاهون جا ماڻهو تعليم ۾ ايترو پٺتي پيل آهن، جو حڪومت ٻين سڌريل صوبن وانگر هلائي ڪونه سگهنداءِ ۽ اهڙا ٻيا اعتراض اٿاريا ويندا هئا. پر اهي سڀ مشڪلاتون اهڙيءَ طرح سان اڏامي ويون آهن، جو ڄڻ ته ڪنهن جادوگر جادو ڪيو، ۽ نئون صوبو پوريءَ طرح سان نئين نموني جي حڪومت هلائي رهيو آهي. گهڻا ماڻهو جن کي ڏسڻ ۽ ڳالهين جاچڻ جو وجهه ۽ حق آهي، تن جو چوڻ آهي ته صوبه سرحد جي سياسي زندگيءَ ۾ هينئر نمونو ٿي پيو ۽ بهتريءَ وارو ڏس ۾ پيو اچي. جيڪڏهن ڪنهن به ماڻهوءَ کي اهڙيءَ ڪاميابيءَ تي مبارڪ ملڻ جو حق آهي، ته اهو نواب سر عبدالقيوم آهي، جنهن انهيءَ ڪم ۾ پوريءَ طرح سان ڪوشش ڪئي هئي. هو صاحب هاڻي انهيءَ نئين صوبي جو وزير آهي ۽ پنهنجي صوبي جي خدمت ڪري رهيو آهي. مون کي اجازت ڏيندؤ ته انهيءَ صاحب کي مبارڪباد جو پيغام موڪليان.

جڏهن اسين چئون ٿا ته سنڌ جو صوبو جدا ٿئي، تڏهن اها ڳالهه وسارڻ نه گهرجي ته سنڌ اڳيئي جدا صوبو آهي، ۽ اسان جو مطلب فقط اهو آهي ته في الحال بمبئيءَ جي هيٺ جو هن صوبي کي ناقدرتيءَ طرح رکيو ويو آهي، تنهن مان کيس آزادي ملڻ گهرجي. سنڌ اهڙيءَ طرح بمبئيءَ جو حصو آهي، جهڙيءَ طرح سان عدن سنڌس حصو هو. عدن جڏهن بمبئيءَ جي هٿ هيٺ هو، تڏهن اتي جي حڪومت هلائڻ ۾ بيشمار تڪليفون هيون. پر عدن بمبئيءَ کان تڏهن آزاد ٿيو، جڏهن بچاءَ وغيره جون وڏيون ڳالهيون پيدا ٿي پيون. پر سنڌ جو سوال ته انهيءَ کان به وڏو سوال آهي. انهيءَ جو واسطو قريب چاليهه لک بهادر ماڻهن سان آهي ۽ سنڌ جي پکيڙ به ٽيونجاهه هزار چورس ميلن ۾ آهي. هيءَ صوبو سرحدي صوبي کان به وڏو آهي. سنڌ لاءِ جدا قاعدا قانون آهن ۽ سنڌ جا روينيو، آبپاشي ۽ عدالتي قانون بالڪل جدا آهن ۽ بمبئي صوبي ۽ بمبئي هاءِ ڪورٽ سان بالڪل واسطو ڪونه اٿن. سنڌ جي ٻولي پنهنجي آهي ۽ ماڻهن جي دل انهيءَ ٻوليءَ سان کٽي آهي. جيتوڻيڪ فارسي زبان، جا ماڻهن وٽ ڏاڍي مقبول هئي، ڪري چڪي ويئي آهي ۽ مسلمانن جي تهذيب سان انهيءَ ڪري ڏاڍو ظلم ڪيو ويو آهي ۽ مسلمانن جي تعليم کي نقصان پهتو آهي، پر تڏهن به سنڌ جا مسلمان انهيءَ ڳالهه تي ڪمرڪشي ٻيٺا آهن ته هو تعليم ۾ اڳتي وڌي، هندستان جي وڌيل ۽ سڌريل قومن جي قطار ۾ پنهنجي جاءِ وٺن. جيڪي رڪاوٽون مسلمانن جي تعليم ۾ وڌيون ويون هيون، سي مسٽر نور محمد بي. اي، ايل. ايل. بي. جيڪو بيان هارٽاگ ڪاميٽيءَ جي اڳو ١٩٢٨ع ۾ پيش ڪيو هو، تنهن ۾ پوريءَ طرح سان ڏيکاريون آهن. اهو بيان هڪ رسالي جي صورت ۾ ڇپيل آهي ۽ انهيءَ جو نالو: ”**سنڌي مسلمانن**

Gul Hayat Institute

جي تعليم پرستي" رکيل آهي. اِها ڳوڙ جا مسلمانن تي لڳائي ويندي آهي ته هو تعليم ۾ انهيءَ ڪري گهٽ آهن، جو هو قدرتي طرح تعليم جي برخلاف آهن. سا ڳوڙ بار بار ڪشمير ۽ سنڌ بابت ثابت ڪري ڏيکاري ويئي آهي ته ڪوڙي، بي بنياد ۽ ظالمانه آهي. سچ ته ائين آهي ته جڏهن به مسلمانن کي تعليم وٺڻ ۾ سهوليت ملي آهي، ته هنن تعليم پوريءَ طرح پٺي ورتي آهي؛ پر جڏهن مسلمانن جي تهذيب ۽ تمدن سمجهڻ نه ڪري، هنن جي راه ۾ تڪليفون وڌيون ويون آهن، تڏهن هنن بئين تعليم کان منهن موڙيو آهي. سڀني کي خبر آهي ته شرطن ٻوڙڻ مهل جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي ڪنهن بهاني سان ڪجهه وٺي ملي ويندي آهي ۽ ٻوڙ جو مفاصلو وڏو نه هوندو آهي، ته جيڪو ماڻهو پٺ تي رهجي ويندو آهي تنهن لاءِ وري اڳتي وڌي وڃڻ ۽ شرط کٽڻ مشڪل تي پوندو آهي، پر وقت اسان جي طرف آهي. آءٌ اڳيئي ڏسان پيو ته سنڌ جي مسلمانن ۾ ۽ ٻين صوبن جي مسلمانن ۾ موجوده تعليم طرف تمام گهڻي سجاڳي آهي ۽ اميد ٿو ڪريان ته جيڪو پروگرام اوهين پنهنجي لاءِ نه فقط هن تياريءَ جي زماني لاءِ، پر پنهنجي آئينده تواريخ جي سموري وقت لاءِ ٺاهيندؤ، تنهن ۾ تعليمي ترقيءَ کي بلڪل اول، ۽ مکيه جاءِ ڏيندا.

گول ميز ڪانفرنس جي جيڪا نندي ڪاميٽي ١٢ ۽ ١٣ جنوري ١٩٣١ع جي لنڊن ۾ ويٺي هئي، تنهن ۾ سر غلام حسين هدايت الله نهايت لياقت سان سنڌ جي جدائيءَ لاءِ بحث ۾ حصو ورتو آهي. انهيءَ ڪاميٽيءَ جي ڪارروائيءَ مان اوهان کي معلوم ٿيندو ته اسان جي طرفان سنڌ جي جدائيءَ لاءِ جيڪو بحث ٿيو هو، تنهن ۾ فرقه وار بحث اصل نه هو، ۽ هندو مهاسڀا وارن ئي انهيءَ بحث ۾ وري فرقيوار ڳالهيون اٿاريون، پر مسٽر چنتامنيءَ ڏاڍو چڱو چيو ته "مون کي بلڪل

خوشي آهي تہ سنڌ جي جدا ڪرائڻ وارن هن ڪاميٽيءَ جي آڏو اها پوري خبرداري ڪئي تہ جڏهن هو پنهنجو بيان ڪن تڏهن هو فقط عام سبب جدائيءَ لاءِ ڏين ۽ هو فرقيوار ڳالهين ۾ بلڪل ڪونہ ويا، ۽ ڏک اٿم تہ ڊاڪٽر مونجي هن سوال ۾ فرقيوار ڳالهيون ڪٿي ڪڍيون آهن.* آءٌ اميد ٿو ڪريان تہ هن ڪانفرنس ۾ بہ اسين هندو دوستن جي ساراهہ لائق ٿينداسين. پر اسان ڪي گهٽ ۾ گهٽ ايترو حق اميد رکڻ جو آهي تہ هو بہ پنهنجي نڪتہ چيني ۽ بحث کي فرقيوار ڳالهين کان پري رکندا. تعجب جي ڳالهہ آهي تہ اسان جي هندو دوستن جي حب وطني سنڌ سان انصاف ٿيڻ لاءِ نٿي اڀري. اسان جو اهو پورو ارادو آهي تہ جيتوڻيڪ اسين پنهنجي ماڻهن جي حقن لاءِ جي ٧٦ في سيڪڙي ۾ آهن، پوريءَ طرح سان سنڀال ڪرڻ گهرون ٿا، پر تڏهن بہ جڏهن سنڌ آزاد ٿيندي تڏهن اسين فرقيوار نموني ۾ نہ رهنداسين ۽ جيڪي بہ حق ملندا سي سنڌ جي سڀني باشندن لاءِ هوندا. فرقيوار ڳالهين کي پٺي ڏوڙي اسين ڪوشش ڪنداسين تہ سنڌ جي باشندن جي سڀني طبقن ۽ گهٽ تعداد وارين قومن سان پوريءَ طرح سان انصاف ٿئي ۽ سڀني جي حقن جي حفاظت ٿئي.

انهيءَ جي معنيٰ اها نہ آهي تہ سنڌ جي جدائيءَ جي سوال جي چوگرد نمونن نمونن جا ممڪن ۽ ناممڪن شرط وڌا وڃن، جهڙيءَ طرح تازو الهہ آباد جي ميٽنگ ۾ ڪيو ويو آهي: جيڪڏهن سنڌ جي جدائيءَ جي لاءِ اهڙا خاص شرط وڌا وينداءِ جي صوبہ سرحد سان يا ٻين صوبن سان نہ لڳايا ويا آهن، تہ پوءِ اٿين ڪونہ چئبو تہ ڪو توهين سنڌ سان انصاف سان هليا آهيو. آءٌ انهن عجيب و غريب شرطن بابت وڌيڪ نہ چوندس، سواءِ انهيءَ ڳالهہ جي تہ انهن مان ڪن شرطن جو سنڌ جي ماڻهن سان بلڪل ڪو واسطو ڪونہ آهي ۽ اهي

Gul Hayat Institute

فقط انهيءَ ڪري لڳايا ويا آهن ته انهن جي وسيلي پيا سياسي ڪم ڪڍيا وڃن.

هندستان ۾ اسان کي گهڻا ئي تاريخي عجب پيا ڏسڻ ۾ اچن ٿا ۽ سنڌ جو بمبئيءَ جي ماتحت رهڻ به انهن مان هڪڙو عجب آهي. سال ١٨٣٠ع ۾ اليگزانڊر برنس جو ارادو ٿيو ته رنجيت سنگهه سان لاهور ۾ ملاقات ڪري، هن کي لاهور پهچڻ لاءِ سنڌ مان ئي سولو رستو هو. انهيءَ وقت جي سنڌ جي حاڪمن انگريزن کي انهيءَ ڪم لاءِ ڪليل اجازت ڏني. ١٨٣٨ع ۾ انگريزي لشڪر کي افغانستان جي ڪاهه تي وڃڻ لاءِ سنڌ مان لنگهڻ جي پوري موڪل ڏني ويئي، جاڪاڻ ته اهڙيءَ طرح سان انگريزي عملدارن ۽ انگريزن جي يوروپي ۽ ديسي لشڪر کي بمبئيءَ جي طرف کان سنڌ مان لنگهڻ جي موڪل ملي ته سر چارلس نيپئر موقعو وٺي سنڌ تي ١٨٤٣ع ۾ قبضو ڪيو. اها ڳالهه چڱيءَ طرح معلوم آهي ته سر چارلس نيپئر ڪنهن به حڪم کان سواءِ ائين ڪيو هو ۽ پنهنجو قصور قبول ڪيو هئائين.

خيال ته ڪريو ته ڪراچي سنڌ جي لاءِ ڪيترو نه ڪارآمد بندر آهي. هاڻي بمبئيءَ جي ضد ۽ حرص ڪري ڪراچي وڌي نٿي سگهي، ۽ بمبئيءَ جو بندر ڪراچيءَ کي ڇمايو بيٺو آهي. جيڪڏهن ڪراچي بندر کي همدردي ۽ خيال سان وڌايو وڃي ته اتر هندستان جو گهڻو واپار ڪراچيءَ مان لنگهندو. ڪراچيءَ جو شهر عدن کي بمبئيءَ کان ويجهو آهي. انهيءَ ڪري يوروپي ملڪن سان واپار ڪرڻ ۾ ڪراچيءَ کي بمبئيءَ کان وڌيڪ سهوليت آهي. هوائي جهازن جو جيڪو رستو مغرب ۽ مشرق جي وچ ۾ آهي، تنهن تي هي وڏو بندر آهي. وچ ايشيا سان واپار ڪرڻ ۾ ڪراچيءَ کي آئينده گهڻو وجهه آهي. جيڪڏهن بمبئي ڪراچيءَ جي اڏو نه اچي، ته

ايراني مال جو سمورو واپار ڪراچي بندر ۾ ٿيندو، ۽ عراق جي تازي برپا ڪيل حڪومت ۽ وچ ايشيا جا ملڪ جن ۾ تازگي پيدا ٿي رهي آهي، تن سڀني جو واپار به ڪراچي بندر جي معرفت ٿيندو. اهوئي وڏو سبب آهي، جو سنڌ کي وجهه ڏجي ته پنهنجي بندر کي سڌاري پنهنجي مالي حالت سڌاري.

هي جو چوڻ ۾ اچي ٿو ته سنڌ کي بمبئيءَ کان ڌار ڪرڻ ۾ گهڻيون تڪليفون سنڌ جي حڪومت هلائڻ جيون آهن، تن جو جواب سر غلام حسين هدايت الله بلڪل عمديءَ طرح سان ڏيئي ڇڏيو آهي ــ هن صاحب ڏيکاريو آهي ته اهي تڪليفون انهيءَ ڪري ٿيون آهن، جو سنڌ جدا نه آهي، پر بمبئيءَ جي ماتحت آهي. وقت بوقت وڏن کان وڏن اڪابرن پڻ ڏيکاريو آهي ته سنڌ ۽ بمبئيءَ جي وچ ۾ آمدورفت جو ذريعو اهڙو خراب آهي، جو سنڌ کي موقعو نٿو ملي، جو هوءَ رستا ٺاهي سگهي يا پيا عام فائدي جا ڪم ڪري سگهي. بمبئي سرڪار جيڪي ڪم سنڌ کان پاڻ پيٽي ڪري تن جي لاءِ سنڌ کي پنهنجو حصو پرٿو پيو پوي. بمبئي شهر ۾ جو سمنڊ کي سڪائي زمين پٽي ڪڍي ويٺي، تنهن تجويز ۾ گهڻيون مشڪلاتون پيدا ٿيون آهن ۽ انهيءَ ڪم تي گهڻي قدر نڪته چيني ٿي آهي. انهيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونه آهي ته بمبئيءَ کي سڌارڻ لاءِ جي تجويزون عمل ۾ پٽي آيون آهن، تن بمبئيءَ جي مالي حالت ناس ڪري ڇڏي آهي، ۽ سنڌ بمبئيءَ جي پيسن ٻئي کهپي ويٺي آهي ۽ سو به اهڙن ڪمن ۾ جن ۾ سنڌ جو ڪو فائدو ڪونه هو. سکر بئراج، جو سنڌ جي فائدي لاءِ ٺاهيو ويو آهي، تنهن تي بلڪل گهڻو خرچ ٿيو آهي. اسين اميد ٿا ڪريون ته انهيءَ مان جيڪو فائدو ٿيندو، سو خرچ مطابق ٿيندو. پر جيڪو خرچ بئراج تي ٿيو آهي، سو هڪ قسم جي ڏاڙوت آهي؛ ۽ جڏهن بئراج جي ڪمن مان

Gul Hayat Institute

آمدني اچڻ شروع ٿي، ته سنڌ جي آمدني اڄڪلهه کان وڌيڪ بهتر ٿيندي.

هاڻي آءٌ مالي سوال تي اچان ٿو ۽ اهو چوڻ گهران ٿو ته مالي ڪمن جو سلسلو هميشه سياسي ڳالهين سان ڳنڍيل آهي، پر گهڻا ماڻهو اها ڳالهه چڱيءَ طرح نٿا سمجهن. مون کي هند سرڪار ۾ اهڙن مشهور مالي وزيرن جهڙوڪ سر ايڊورڊ بيڪر، سر گاءِ فليٽ ووڊ ولسن ۽ سر جيمس ميسٽن هيٺ هندستان جي مالي محڪمي ۾ مالي ڪمن جي تعليم ملي هئي. مالي محڪمي جو اهو اصول آهي ۽ سيني مالي ڪمن ۾ اهوئي اصول رکڻ گهرجي ته مالي ماهرن کي گهرجي ته هرهڪ ڪم جي لاءِ پوري جاچ ڪن ۽ هرهڪ رٿ جا ٻئي پاسا کولي، جانچي، انهن حاڪمن جي سامهون رکن، جن کي ڪنهن به رٿ تي فيصلو ڪرڻو آهي. جڏهن اُئين ڪبو تڏهن ئي ڪا صحيح راءِ ٿيان حاڪم قائم ڪري سگهندا. صحيح راءِ گهڻن خيالن تي بنا رکي ٿي. انهن مان مالي حالت به هڪ خيال آهي. حالانڪ مالي خيال به ضروري خيال آهي، پر جڏهن سياسي نقطي کان ڪو فيصلو ڪيو ويندو آهي، ته پوءِ مالي ماهرن لاءِ لازم آهي ته اهڙا رستا کولي ڪڍن، جنهنڪري مالي مشڪلاتون نڪري وڃن، ۽ تخفيف جا رستا ۽ آمدني وڌائڻ جا رستا اهڙا ڪڍي ٻڌائين، جو جيڪا رٿ قائم ٿيڻي آهي سا پوريءَ هوشياريءَ سان عمل ۾ اچي سگهي.

جيڪڏهن اهي ٿيان صحيح اصول اوهين پنهنجي اکيان نه رکندا، ته مالي معاملا پروڙڻ لاءِ هڪ اوزار ٿيو پون- ۽ پوءِ مالي انگ جهيڙن جهڳڙن ۽ بحث مباحثي جي رانڊ روپ لاءِ ڪارآمد شيءِ ٿيو پون. اوهان اهو انگريزي پهاڪو ٻڌو آهي ته ”انگ اکر ڪا به ڳالهه ثابت ڪري سگهن ٿا“، ذهن ۾ اچي ٿو ته سنڌ جو سوال پارٽي بازيءَ جي ڪم لاءِ

استعمال پيو ڪيو وڃي. جيڪڏهن اوهين گذشته تاريخ تي غور ڪندا، ته اوهان کي ڏسڻ ۾ ايندو ته انڊين نيشنل ڪانگريس گذريل موقعن تي سنڌ جي جدا ٿيڻ لاءِ زور سان مدد پئي ڪئي آهي. سال ١٩٢٧ع واري ڪانگريس ٺهراءُ بحال ڪيو ويو ته هندستان جي صوبن جو جوڙجڪ وري نئين سر ٿاهيو وڃي ۽ خاص طرح سان ٺهراءُ ڪيائين ته ”هن ڪانگريس جي راءِ آهي ته صوبن جي وري جوڙجڪ جي ڪم جي شروعات سنڌ کي بمبئيءَ کان علحده ڪري، نئين صوبي ٺاهڻ سان ڪئي وڃي.“ پر جيڪي چڱا ڪانگريسي آهن، سي ٿي هاڻي سنڌ جي علحدگيءَ جي نڪته چيني ڪن ٿا. هنن پنهنجو رخ هاڻي ڇو بدلايو آهي؟ اهو مهاسڀا جي فرقه وار روش، جنهن کي مسٽر چنتامڻي گول ميز ڪانفرنس ۾ ننديو هو، ڪري ٿيو آهي؟ اهو انهيءَ ڪري ٿيو آهي ڇا ته هنن کي ڊپ آهي ته خودغرضانه مطلب هو وڌيڪ حاصل ڪري نه سگهندا؟ جيڪڏهن هن ڳالهه تي غور ڪندا ته اوهان کي معلوم ٿيندو ته مخالفت مالي مشڪلاتن ڪري نٿي ڪئي وڃي، پر بعض ۽ خودغرضيءَ جي ڪري ڪئي پئي وڃي.

ڇيو ٿو وڃي ته سنڌ جي صوبي ۾ کوٽ آهي. موجوده حالتن ۾ اهو برابر سچ آهي. جن جن ملڪن ۾ سڌارا نه ٿيا آهن، تن سڀني ۾ کوٽ ٿيندي آهي؛ پر اڄ سڌريل صوبن کان سواءِ بين سڌريل صوبن ۾ به کوٽ آهي. گذريل سال بمبئي صوبي ۾ به ڏيڍ ڪروڙ رپين جي کوٽ هئي. سر غلام حسين هدايت الله تمام سهڻو سوال پڇيو هو ته اهڙي کوٽ واري حالت ۾ بمبئي ڇونه گهري ته سنڌ ونس رهي ۽ ڇو اهو نٿي گهري ته سنڌ جهڙو کوٽ وارو صوبو انهيءَ کان جني ڌار ڪري کيس نجات ڏجي! انهيءَ جو سچو جواب انهيءَ ۾ آهي ته بمبئي کي اميدون آسرا آهن ته اڳتي هلي سنڌ مان

اپت ۾ آمدني ٿيندي. سنڌ ۾ سکر بئراج آهي، جنهن تي اڃا تائين ته فقط خرچ ئي خرچ پئي ٿيو آهي، پر جنهن مان وڏين آمدنين ٿيڻ جي اميد آهي، پوءِ ڪٿي آهي اميدون ڪتيندڙن جي دل مطابق سڀئي پوريون نه ٿين.

گذريل سال واري گول ميز ڪانفرنس تي سنڌ جي جدائيءَ بابت پيش ڪيل دليلن اهڙو ته اثر ڪيو، جو سنڌ جي جدائيءَ جو معاملو اصولاً گول ميز ڪانفرنس قبول ڪيو. فقط شرط اهو وڌو ويو ته مالي حالت تي غور ڪرڻ ۾ اچي. انهيءَ ڪانفرنس جي ڇپيل ڪارروائيءَ مان اوهان کي معلوم ٿيندو ته لارڊ ريڊنگ جهڙي تجربيڪار عملدار سر غلام حسين هدايت الله کي چيو ته "اوهان سنڌ جي جدائيءَ لاءِ تمام سهڻو ۽ پورو بحث ورتو آهي." جڏهن مالي حالت تي غور ڪرڻ لڳا، ته معلوم ٿيو ته ڪانفرنس وٽ پرسوسي جهڙا انگ اکر موجود ڪونه هئا. بحث مباحثي ۾ ايتري قدر بدمزگي پيدا ٿي پئي هئي، جو سنڌ جي مالي حالت تي سنو ۽ سهڻو بحث ٿي ڪونه ٿي سگهيو. ڪانفرنس ۾ جيڪي صاحب موجود هئا، تن مان ڪوبه صحيح طور ٻڌائي نٿي سگهيو ته سنڌ ۾ ڪوٽ ڪيتري ٿيندي. جيڪي انگ اکر اول بمبئي سرڪار ڏنا هئا، تن مان ڪوٽ ٢٤ لک ٿي نڪتي. پروفيسر چبلاڻي، جنهن سنڌ جي جدائيءَ جي مخالفت خوب ڪئي آهي، تنهن وري پنهنجا انگ اکر ڪڍيا هئا، جن جي ڇڪاس سرڪار اڃا ڪانه ڪئي هئي، پر هن ڪوٽ وڌائي ٦٤ لک ڪري ڏيکاري. مالي انگ اکر اهڙي شئي آهن، جن ۾ ڪڏهن به غلطي ٿيڻ نه گهرجي، پر تڏهن به هي گوڙ جيڪو سنڌ جي مالي حالت بابت ٿيو آهي، تنهن مان صاف ثابت آهي ته سنڌ جي مالي حالت جاچڻ ۾ پوري خبرداري نه ڪئي ويئي آهي ۽ نه انهيءَ ڪم ۾ ڪا مدد ڏني ويئي آهي.

انهيءَ سبب ڪري گذريل سال واري گول ميز ڪانفرنس فيصلو ڪيو ته سنڌ جي مالي حالت تي وڌيڪ غور ڪيو وڃي، پر انهيءَ سان گڏ اصول طرح سنڌ جو جدا ٿيڻ قبول ڪيو ويو. انهيءَ ڪري سنڌ جي مالي حالت جاچڻ لاءِ هڪ ڪاميٽي مسٽر مائلس ارونگ جي صدارت هيٺ برپا ڪئي ويئي، جنهن پنهنجي رپورٽ سپٽمبر ١٩٣١ع ۾ پڌري ڪئي. انهيءَ ڪاميٽيءَ انگن اکرن جي جاچ ڪئي ۽ سنڌ جي جدائيءَ جي موافقن ۽ مخالفن جون ڳالهيون ٻڌيون. انهيءَ ڪاميٽي پنهنجي راءِ ڏني ته سنڌ ۾ شروع شروع ۾ هڪ ڪروڙ ساڍن ڏهن لکن رپين جي کوٽ ٿيندي. انهيءَ کان پوءِ وري هڪ ٻي ڪاميٽي مقرر ٿي، جنهن جو صدر آنربل مسٽر برين هو، ۽ اها ڪاميٽي هن سال جي شروع ۾ ويٺي. اها ڪاميٽي انهيءَ سبب لاءِ ويٺي ته جيڪا کوٽ اڳينءَ ڪاميٽيءَ ڏيکاري هئي، تنهن جي ڪهڙيءَ طرح سان پورائي ڪجي. انهيءَ ڪاميٽيءَ جي رپورٽ اوهان جي سامهون آهي. انهيءَ ڪاميٽيءَ سيني ماڻهن جي راين جا خيال رکي، پنهنجي رپورٽ ڪئي، جنهن ۾ ڏيکاريل آهي ته اوائلي کوٽ ساڍا اٺهتر لک ۽ سنڌ جي جدائيءَ جي حالت ۾ ٻارهن لک وڌيڪ خرچ ٿيندو، يعني ڪل ساڍا اسي لک کوٽ ٿيندي. اها رپورٽ اهو به ڏيکاري ٿي ته سال ٤٠-١٩٣٩ع ۾ کوٽ گهٽجڻ شروع ٿيندي ۽ سال ٤٥-١٩٤٤ع ۾ کوٽ ته بلڪل نڪري ويندي پر پوٽا پنج لک بچت ٿيندي. پوءِ بچت وڌندي ويندي، تان جو سال ٦٢-١٩٦١ع ۾ بچت ٨٩٠ لک ٿيندي. انهيءَ رپورٽ سان گڏ خانبهادر محمد ايوب کهڙي پنهنجي رپورٽ شايع ڪرائي آهي، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته کوٽ درحقيقت ڇهه لک ٿيندي ۽ آمدني وڌائڻ جا نوان رستا ڏيکاري ثابت ڪيو اٿس ته بچت ويهه لک ڪن ٿيندي، جن مان ماڻهن جي عام فائدي جي ڪمن جي مدد ٿي سگهندي، انهيءَ جي برخلاف

پروفيسر ڇبلاڻي ۽ سنڌس هندو دوستن وري پنهنجي رپورٽ ڪڍي آهي، جنهن ۾ هنن وري ڪوٽ مسٽر برين يا خانبهادر کهڙي جي انگن اکرن کان ٻه وڌيڪ ڏيکاريل آهي.

متين ڪاغذن کان سواءِ پيا به گهڻا رسالا آهن. سيٺ حاجي عبدالله هارون صاحب ايم. ايل. اي، خانبهادر محمد ايوب کهڙو ايم. ايل. سي. ۽ سيد ميران محمد شاهه ايم. ايل. سي. ٻه سنڌ جي جدائيءَ جي معاملي تي گهڻو لکيو آهي. جيڪا بمبئي ڪائونسل طرفان سائمن ڪميشن ڪاميٽي ١٩٢٩ع واري ويٺي هئي، تنهن لاءِ سيد ميران محمد شاهه ايم. ايل. سي. هڪ قيمتي نوٽ لکيو هو. وزي پروفيسر ڇبلاڻيءَ جو رد جواب آهي. انهن سڀني ڪاغذ پٽن جو جيڪڏهن پوريءَ طرح سان مطالعو ڪبو، ته صاف معلوم ٿيندو ته مالي ڳالهين تي ضد ڪرڻ مناسب نه آهي، پر جيڪڏهن سنڌ جدا ڪيو ويو ته ڪفايت سان هلي پنهنجا آمدني جا ذريعا وڌائيندو ۽ خرچ پوريءَ طرح سان هلائيندو ۽ ٿورن سالن ۾ هڪڙو باعزت صوبو ٿي پنهنجن پيرن تي پاڻيهي بيهندو.

جنهن نتيجي تي آءٌ پهتو آهيان، سو ضرور انهن صاحبن کي، جي سنڌ کي جدا صوبو ٺاهڻ لاءِ مٿا هڻن ٿا، همٿ ڏياريندو. هڪ ڳالهه جنهن مونجهارو ڪيو آهي، سا هيءَ آهي ته اها خبر ڪانه ٿي پوي ته جيڪو خرچ بمبئي سرڪار پٽي ڪيو آهي، تنهن مان ڪيترو هند سرڪار کي پاڻ تي کڻڻ گهرجي ۽ ڪيترو بمبئي سرڪار کي کڻڻ گهرجي. انهيءَ لاءِ سڌيءَ يا اڻ سڌيءَ طرح انهيءَ جو فائدو خاص بمبئيءَ کي مليو آهي، ۽ باقي ڪيترو خرچ سنڌ تي رکڻ گهرجي. اڄ ڏينهن تائين سنڌ جو خرچ ۽ سنڌ جي آمدنيءَ جا انگ اکر جدا نه رکيا ويا آهن. مثال طور بمبئيءَ جي واڌاري لاءِ يا دکن جي زراعتي سڌارن لاءِ جيڪي خرچ پٽي ٿيا آهن، سي

وچ جي موڙيءَ مان پئي نڪتا آهن جنهن ۾ سنڌ جا پئسا هئا، پر اهو خرچ سنڌ جي فائدي لاءِ نه هو.

سکر بئراج جنهن کي هز ايڪسلنسي وائسراءِ کوليو آهي، تنهن مان ٻه ٽوري عرصي ۾ آبپاشيءَ جي ڪري فائدو ملڻ شروع ٿي ويندو. جڏهن سکر بئراج پوريءَ طرح سان وهيو، تڏهن گهڻي زمين آباديءَ هيٺ ايندي. آدمشماري وڌندي. ريلوائن جي اپت وڌندي، جنهن مان هند سرڪار جي آمدني وڌندي. ڪراچي بندر جا محصول وڏيڪ انداز ۾ اڳڙندا ۽ انهيءَ ڪري ٻه هند سرڪار کي ڪراچي بندر جي محصول مان اپت وڌيڪ ٿيندي. سنڌ صوبي جي حڪومت کي ماڻهن جي خوشحاليءَ مان زياده آمدني ٿيندي. شايد اڻين ٿيندو ته برين ڪاميٽيءَ جي اميدن کان ٻه وڌيڪ حالتون بهتر ٿينديون. جيڪو ٻه سڌارو سنڌ ۾ ٿيندو، تنهن مان سنڌ جي مالي حالت (اڄڪلهه غير همدردانه نموني کان چٽي) ڏينهون ڏينهن وڌيڪ صفا ٿيندي ويندي. هيءَ آپت جو اهڙو ذريعو نه آهي، جو حساب وانگر انگن اکرن ۾ ڏيکاري سگهجي. پر تڏهن ٻه اهڙو نه آهي جنهن کي نظرانداز ڪري سگهجي ٿو.

انهيءَ ۾ ڪو شڪ آهي يا نه ڪ اهڙو صوبو، جنهن سيٺ هرچند راءِ وشنداس يا مرحوم مسٽر پرڪڙيءَ جهڙا پيشوا پيدا ڪيا آهن يا جنهن مسٽر محمد علي جناح يا سر غلام حسين هدايت الله جهڙا رهبر پيدا ڪيا آهن، يا جنهن ۾ اهڙا صاحب جهڙوڪ سر شاهنواز ڀٽو يا مسٽر جمشيد ميهتا، خانبهادر کهڙو يا سيد ميران محمد شاهه، حاجي عبدالله هارون يا مسٽر نور محمد آهن، سو صوبو هندستان جي نئين جوڙجڪ ۾ ٻين صوبن سان چڱيءَ طرح ڪلهوڪلهي ۾ ڏيئي هلي نه سگهندو؟ اسان ڏٺو آهي ته بمبئي سرڪار جي هٿ هيٺ سنڌ کي منهن مٿي ڪرڻ جو موقعو پوريءَ طرح ڪونه مليو آهي. مون کي يقين آهي

تہ سنڌ کي علحده صوبي هجڻ جو درجو ضرور جلدي ملندو، ڇاڪاڻ تہ سنڌ ۾ هاڻي چوطرف عجيب سجاڳي پيدا ٿي ويئي آهي.

هاڻي مختصر طرح وري اهي ڳالهيون بيان ڪندس، جن تي اسان غور پئي ڪيو آهي. حدن جي ڪري، ٻوليءَ جي ڪري، تهذيب ۽ تمدن ڪري ۽ حڪومت جي سهوليت جي ڪري سنڌ اڳيئي جدا صوبو آهي. سنڌ جي ماڻهن جو تمام وڏو حصو گهري ٿو تہ هندستان جي ٻين صوبن وانگر سنڌ بہ هڪ جدا گورنر جو صوبو ٿئي. انهيءَ جي مخالفت فقط ڪي خود غرض طبقا ڪن ٿا. ٻين صوبن وانگر هن صوبي ۾ بہ ننڍين تعداد وارين قومن جي مفاد تي سگهي ٿي: ڪراچي بندر ڪي وڏائڻ جو ڪم رستن ۽ ريلواين کي سڌارڻ ۽ وڌائڻ جو ڪم، سکر بئراج هيٺ زراعت جو ڪم سنڌ جي ماڻهن جي ئي هٿن ۾ رهڻ گهرجي، ۽ نہ ڌارين ماڻهن جي هٿ هيٺ جن مان گذريل زماني ۾ سنڌ کي نقصان پئي پهتو آهي. مالي حالت تي مسٽر مائيلس ارونگ ڪاميٽيءَ جي ماهر ميمبرن غور ڪري حقيقت ٻڌائي آهي ۽ مسٽر برين واريءَ ڪاميٽيءَ تجويزون ڏيکاريون آهن تہ ڪهڙيءَ طرح سان مالي مشڪلات کي منهن ڏبو. ڪٿي سمجهو تہ جيڪو شروع ۾ خرچ سنڌ جي جدائيءَ تي ٿيندو، سو ڪنهن ڪنوار کي ڪٿي ڏاج ڏجي ٿو، پر جيڪڏهن ڪنوار کي پرائي ڏيءَ ڪري ليکجڻ ۾ ايندو تہ ڪنوار: کي بہ ايتري غيرت ضرور ايندي، جو ڪوشش ڪري ٿورن ورهين ۾ پنهنجا قرض لاهي ڇڏي. اصوليءَ طرح گذريل گول ميز ڪانفرنس سنڌ جي جدائيءَ جو فيصلو ڪيو آهي ۽ هاڻي جڏهن مالي حالت جي بہ چڪاس ٿي ويئي آهي، تڏهن طلب ٿا ڪريون تہ گول ميز ڪانفرنس، جا هاڻي ويٺي آهي، تنهن کي سنڌ جو فيصلو صوبي سرحد وانگر يڪدم

Gul Hayat Institute

صاف صاف ڪرڻ گهرجي.

آخر ۾ ڪانفرنس جو ڪم شروع ڪندي آءٌ اوهان کي يقين ٿو ڏيان ته جيڪو ڪم ايندڙ ٻن ڏينهن ۾ اسان جي آڏو آهي، نه رڳو تنهن ۾ پر آئينده سيني موقعن تي جڏهن اوهان کي منهنجي مدد جي ضرورت هوندي، منهنجي خدمت اوهان لاءِ هميشه خاص رهندي.

سنڌ آزاد ڪانفرنس جا ٺهراءَ

(١) هيءَ ڪانفرنس صدر صاحب کي اختياري ٿي ڏئي ته سر علي امام جي پس ماندن کي مرحوم جي انتقال تي تعزيت جو پيغام موڪلي.

(٢) هيءَ ڪانفرنس صدر صاحب کي اختياري ٿي ڏئي ته آنربل سر عبدالقيوم کي مبارڪبادي جو پيغام ڪانفرنس جي طرفان موڪلي، جو صوبي سرحد جي ماڻهن جي ڪوشش سان ڪين ذميوار حڪومت ملي آهي.

(٣) جنهن صورت ۾ گول ميز ڪانفرنس ۽ حڪومت برطانيه، سنڌ جو جدا ٿيڻ اصولي طرح قبول ڪيو آهي، انهيءَ شرط سان ته سنڌ جي مالي حالت تي وڌيڪ غور ڪيو وڃي، تنهن صورت ۾ هيءَ ڪانفرنس زوردار اصرار ٿي ڪري ته ٻين صوبن وانگر سنڌ کي ترت هڪ علحده گورنر جو صوبو قائم ڪيو وڃي.

هن سوال جي مالي حالت بابت هن ڪانفرنس جو پورو غور ڪيل خيال آهي ته سنڌ کي پورو حق آهي ته هو طلب ڪري ته:

(الف) جنهن صورت ۾ موجوده سڌارن کان اڳ جيڪو قرض آبپاشي ڪمن لاءِ (جن مان فائدي جي صورت ڪانه هئي) ڪنيو ويو آهي، تنهن جو وياج سنڌ تي وجهڻ نه گهرجي، ڇاڪاڻ ته انهيءَ سموري قرض وارا پئسا سنڌ کان ٻاهر بمبئي

علائقي جي بين ڀاڱن ۾ خرچ ڪيا ويا هئا.

(ب) جنهن صورت ۾ سنڌ ۾ في الحال کوٽ آهي، تنهنڪري سنڌ کي اجازت ڏني وڃي ته صوبي سنڌ ۾ جيڪا انڪم ٽيڪس اڳاڙڻ ۾ اچي، سا سنڌ ۾ ئي رهي — جهڙيءَ طرح پرسي ڪاميٽيءَ سفارش ڪئي آهي ته آسام، بهار ۽ اوڙيسا جي صوبن کي انهن صوبن جي انڪم ٽيڪس جي وصولي ملي، پر جيڪڏهن اها ڳالهه منظور نه پئي، ته هند سرڪار انهيءَ جي بجاءِ ڪو ٻيو مناسب رستو، جيڪو ڪيس مالي حالت جي جوڙجڪ ڪرڻ جو پسند اچي، سو اختيار ڪري.

(ت) ته سنڌ جي صوبي کي موقعو ڏنو وڃي ته آمدنيءَ جا نوان ذريعا ڳولي ڪڍي ۽ مناسب تخفيف ڪري، ڇاڪاڻ ته هاڻي سنڌ جي حڪومت تي آدمشماريءَ پٽاندڙ جيڪو خرچ ٿي رهيو آهي، سو هندستان جي ٻين سيني صوبن کان وڌيڪ آهي.

تحريڪ ڪندڙ — خانبهادر محمد ايوب کهڙو، ايم. ايل. سي.

تائيد ڪندڙ — سيد ميران محمد شاهه، بي. اي، ايل ايل. بي، ايم. ايل. سي.

مسٽر نور محمد، بي. اي، ايل ايل. بي.

خانبهادر ولي محمد حسنعلي، بي. اي، ايل ايل. بي.

مسٽر مير محمد بلوچ، ايم. ايل. سي.

(۴) هيءُ ٺهراءُ تار رستي وزيراعظم، وزير هند، هزهائينس سر آغا خان ۽ هزايڪسلنسي وائسراءِ کي ۽ اخبارن ۾ ڇپڻ مڪيه ماڻهن کي موڪليو وڃي.

محرڪ — مير بنده علي خان، ايم. ايل. سي.

مويد — خانبهادر غلام نبي شاهه، ايم. ايل. سي.

(۵) ڏينهن جمعو، تاريخ ۲ ڊسمبر ۱۹۳۲ع **سنڌ آزاد ڏينهن** ڪري ملهايو وڃي، ۽ صدر صاحب، خانبهادر محمد ايوب

ڪهڙي ء صدر صاحب استقباليه ڪاميٽيءَ جون تقريرون وڏي تعداد ۾ تعلقي لوڪلبورڊ جي پريزيڊنٽن ۽ ٻين مکيه ماڻهن کي موڪليون وڃن، ته اهي تقريرون هرهڪ تعلقي جي مکيه ڳوٺن جي مسجدن ۾ پڙهيون وڃن، ۽ ماڻهن کي صلاح ڏني وڃي ته سنڌ آزاد جماعتون هرهڪ هنڌ ناهين ۽ سنڌ کي يڪدم جدا ڪرائڻ لاءِ پروپئگنڊا ڪندا رهن.

محرڪ۔ مسٽر ميران محمد شاهه.

موئيد۔ مسٽر نور محمد.

(٦) هيءَ ڪانفرنس سنڌ جي مسلمانن جي طرفان سنڌ جي هندن کي يقين ٿي ڏياري ته هو سنڌي هندن کي ڀائرن وانگر ڪري ليکيندا رهندا ۽ هميشه انهن سان برادرانه سلوڪ ڪندا رهندا. هيءَ ڪانفرنس وڌيڪ اهو اعلان ٿي ڪري ته جيڪڏهن سنڌ جدا صوبو ٿيو ته اهي برادرانه لڳ لاڳاپا وڌيڪ مضبوط ٿيندا ۽ هندن جا حق محفوظ رکيا ويندا. هن ڪانفرنس کي اميد آهي ته سنڌ جا هندو هن ڪانفرنس جي انهن خيالن کي پسند ڪندا ۽ مسلمانن سان انهيءَ ڪم ۾ مددگار ٿيندا ته سنڌ ۾ جيڪي مختلف قومون رهن ٿيون تن ۾ وڌيڪ ميٺ محبت پيدا ٿئي.

هيءَ ڪانفرنس سنڌ جي هارين ۽ مزورن کي به خاطري ٿي ڏئي ته انهن جا حق ۽ نمايندگي پوريءَ طرح سان محفوظ رکي ويندي.

محرڪ۔ پير غلام مجدد صاحب.

موئيد۔ مولوي محمد معاذ صاحب.

(٧) هن ڪانفرنس جي هڪ ڪارڪن جماعت وري نئين سر مقرر ڪجي ٿي، ۽ انهيءَ جا هيٺيان عملدار ۽ ميمبر رهندا ـــ اها ڪاميٽي ٻارهن مهينن لاءِ آهي:

سر شاهنواز ڀٽو، پريزيڊنٽ.

مسٽر ايم. اي. کهڙو، وائيس پريزيڊنٽ.
سيد محمد ڪامل شاهه صاحب، شرح.
مسٽر ميران محمد شاهه صاحب، جنرل سيڪريٽري.
مسٽر نور محمد صاحب وڪيل، جائنٽ سيڪريٽري.
شيخ عبدالمجيد صاحب، شرح.
سيٺ حاجي عبدالله هارون صاحب، خزانچي.

ميمبر ڪراچي شهر

۱- مسٽر غلام علي چاگلا
۲- خانبهادر ولي محمد
۳- حڪيم ميان فتح محمد
۴- مسٽر حاتم اي. علوي
۵- قاضي ميان عبدالرحمان
۶- مسٽر حاتم طيب علي
۷- مسٽر مير محمد بلوچ، ايم. ايل. سي.

ڪراچي ضلعو

۸- مسٽر محمد عثمان سومرو
۹- پير ميان غلام حيدر شاهه صاحب، ايم. ايل. سي.
۱۰- سيد حاجي عبدالرحيم شاهه صاحب

حيدرآباد ضلعو

۱۱- پير آقا غلام مجدد صاحب
۱۲- مير بنده علي خان ايم. ايل. سي.
۱۳- پير ميان بقادار شاهه صاحب
۱۴- مخدوم ميان غلام حيدر صاحب

ٿرپارڪر ضلعو

۱۵- خانبهادر سيد غلام نبي شاهه
۱۶- خانبهادر مير الهداد خان

Gul Hayat Institute

نوابشاهه ضلعو

١٧- رئيس تيجر الدين
١٨- مسٽر محمد اعظم
١٩- مسٽر مرزا فرخ بيگ

سکر ضلعو

٢٠- خانبهادر الهه بخش
٢١- خانبهادر جان محمد پنهور
٢٢- مسٽر رحيم بخش خانبهادر پير بخش ايل. ايل. بي.
٢٣- مسٽر علي محمد راشدي

لاڙڪاڻو ضلعو

٢٤- وڏيرو ميان نبي بخش خان ڀٽو
٢٥- خانبهادر علي حسن هڪڙو
٢٦- قاضي ميان فضل الله بي. اي. ايل. ايل. بي.
٢٧- وڏيرو فقير محمد خان انڙ

دادو ضلعو

٢٨- سيد غلام مرتضيٰ شاهه صاحب
٢٩- ميان محمد اسماعيل مهيسر

جيڪب آباد ضلعو

٣٠- خانبهادر شير محمد خان بجاراڻي
٣١- خانبهادر چاڪر خان

محرڪ — مسٽر محمد هاشم گذدر
موئيد — ميان علي محمد راشدي
بکراء منظور.

(٨) جيڪي بيش بها خدمتون جناب پير آقا غلام مجدد صاحب صدر استقباليه ڪاميٽي ۽ سيد ميان ميران محمد شاهه صاحب جنرل سيڪريٽري هن ڪانفرنس کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ ڪيون آهن ۽ ڪهڙي تڪليف ورتي آهي، تن لاءِ هي ڪانفرنس شڪريو ادا ڪري ٿي.

محرڪ ــ مسٽر نور محمد صاحب وڪيل
مويد ــ مير بنده علي خان ايم. ايل. سي.

(۹) جيڪا تڪليف صدر صاحب علامه عبدالله يوسف علي صاحب هن ڪانفرنس جي ڪم هلائڻ لاءِ ورتي آهي ۽ جيڪو پنهنجو قيمتي وقت انهيءَ ڪم لاءِ ڏنو اٿس، تنهن لاءِ هيءَ ڪانفرنس سندس نهايت شڪرگذار آهي.

محرڪ ــ سيٺ غلام علي صاحب چاڳلا
مويد ــ مسٽر حاتم علوي صاحب

Gul Hayat Institute